ايڪيهين صديءَ جو
جلد پنجون- شمارو ٽيون
جولاءِ- سيپٽمبر 2012

# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل

چيف ايڊيٽر
**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر
**تاج جويو**

## سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
**حيدرآباد، سنڌ**

سنڌي ٻولي
تحقيقي جرنل


| | |
|---|---|
| چيف ايڊيٽر: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| ايڊيٽر: | تاج جويو |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ |
| گرافڪس: | اسدالله ڀٽو |
| جلد: | پنجون |
| شمارو: | ٽيون |
| سال: | جولاءِ- سيپٽمبر 2012ع |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ: | پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد |
| ملهه: | 70 روپيا |

ISSN: 968_8194_01_0

ايڊيٽوريل بورڊ:
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نورالهديٰ شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❊ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❊ سنڌي ڪئلينڊر | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 7 |
| ❊ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي گرامر جو جائزو | امداد حسيني | 13 |
| ❊ قومي تعليمي ڪميشن (شريف ڪميشن) جي تجويزن تي سنڌي قوم جو ردعمل | محمد علي ڏيپلائي | 20 |
| ❊ 'فعل لازمي ۽ متعديءَ' جو مختصر اڀياس | الطاف حسين جوکيو | 41 |
| ❊ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي تاريخ ۽ مستقبل جون تقاضائون | شبير ڪنڀار | 78 |
| ❊ سنڌي چوڻيون | عزيزالرحمان ٻگهيو | 93 |
| ❊ سنڌي ٻولي قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت | آزاد قاضي | 104 |
| ❊ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون | پروين موسيٰ ميمڻ | 111 |
| ❊ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ناٽڪن ۽ ناٽڪ منڊلين جي هڪ صدي: هڪ جائزو | خالد آزاد | 125 |
| سنڌ ۾ گجراتي زبان | ڪتري عصمت علي پٽيل | 138 |
| هندستان ۾ ٽپال يا ڊاڪ سرشتو | چيتن ماڙيوالا | 143 |


## پنهنجي پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپجندڙ ٽماهي "سنڌي ٻولي" جرنل پنهنجي ڄمڻ جا چار سال مڪمل ڪري پنجين سال ۾ پير پائي چڪو آهي. پوين ڇهن سالن ۾ هن جرنل سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪيترائي اهم موضوعن تي لکيل مضمون ۽ مقالا شايع ڪري نه صرف اڳ ۾ ڪيل تحقيق کي پڌرو ڪيو آهي، بلڪ انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائڻ ۾ به پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ لسانيات سان لاڳاپيل موضوعن، جهڙوڪ: گرامر، صوتخطي، لغت نويسي، ٻوليءَ جي تاريخ، لهجن ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي حوالي سان سنڌيءَ کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ تمام پرمغز مقالن ۽ مضمونن سان گڏ ساڳين موضوعن تي هند ۾ ٿيندڙ بحث مباحثن بابت پڻ مقالا ۽ مضمون شامل ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ هن ۾ سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش چئلينجن ۽ خطرن جي حوالي سان پڻ عالمن اديبن وقت بوقت پنهنجن خيالن جو اظهار پئي ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي قرار ڏيارڻ لاءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ نه صرف اُن جو ڪيس ناهي حڪومت کي پيش ڪيو ۽ ان تي سيمينار ۽ گڏجاڻيون ڪرايون، پر انهن ۾ پڙهيل مقالن کي پڻ 'سنڌي ٻولي' جرنل ذريعي پڌرو ڪيو ته جيئن هڪ طرف ارباب اختيار جو ڌيان ڇڪائجي ته ٻئي طرف عام ماڻهو پڻ انهيءَ تحريڪ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪن. اهڙيءَ ريت سنڌي ٻولي جرنل، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، استعمال، ترقيءَ ۽ ڦهلاءَ وارن مقصدن حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد ته آئيندي به ڪندو رهندو.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيف ايڊيٽر

# سنڌي ڪئلينڊر

يارهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ مشهور عرب سائنسدان البيرونيءَ سنڌي ڪنڊ (پاڪ و هند) جو سفر ڪيو هو. پنهنجي ڪتاب ”ڪتاب الهند“ يا .انڊيڪا“ ۾ هن هڪڙو باب اهڙن ڪئلينڊرن بابت به لکيو هو جيڪي اُپکنڊ جي مختلف حصن ۾ استعمال ۾ رهيا هئا، يا ان وقت استعمال هيٺ هئا. البيرونيءَ اهڙن پنجن ڪئلينڊرن ۽ انهن جي استعمال وارن جاگرافيائي علائقن جو به ذڪر ڪيو آهي، جتي انهن ڪئلينڊرن کي اهم ڪري ڄاتو ويندو هو ۽ قديم دور ۾ اُهي اهڙن علائقن ۾ استعمال هيٺ آندا ويندا هئا:

1. هارش ڪئلينڊر (مترا ۽ قنوج)
2. وڪرمي ڪئلينڊر (ڏکڻ ۽ اولهه هندستان)
3. سڪا ڪئلينڊر (اتر هندستان، ڪشمير ۽ موجوده پاڪستان) جو علائقو
4. ولڀي ڪئلينڊر (گجرات ۽ ٻيا علائقا)
5. سِنڌو ڪئلينڊر

هڪ خيال آهي ته سَڪا ڪئلينڊر، 78 ۽ 79 عيسويءَ ڌاري سنڌ ۾ ٿيل ڪن خاص واقعن جي نتيجي ۾ شروع ٿيو هو. البيروني انهن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته ”تن ڏينهن ۾ آرياورت جي علائقي تي هڪ ڌاريو حاڪم راڄ ڪندو هو جنهن جي گاديءَ جو هنڌ سنڌ ۾ هو. ان هڪ فرمان جاري ڪيو هو جنهن موجب آريا پاڻ کي فقط ”سڪا“ سڏائي ٿي سگهيا، نه ڪي ”آريا“. انهيءَ ڪري سنڌ جا ماڻهو ڪيس پسند ڪونه ڪندا هئا. اهو حڪمران هڪڙي مقامي بغاوت ۾ ملتان جي ويجهو ڪيرار وٽ ماريو ويو هو. (جيڪو اُن وقت سنڌ جو حصو هو). چيو وڃي ٿو ته انهيءَ واقعي سان سڪا ڪئلينڊر جي شروعات ٿي، جنهن سان ڏيهي ماڻهن ظالم کان ڇوٽڪارو ملڻ تي سُک جو ساهه پٽيو.

سنڌ ۾ سڪا ڪئلينڊر 700 سالن تائين رائج رهيو جنهن کان پوءِ سنڌ ۾ نئين دور جي شروعات ٿي. جيئن ته اُن ڪئيلنڊر جي شروعات سنڌ ۾ ٿي هئي، ان ڪري اهو ”سنڌو سنبت“ يا ”سنڌو ڪئلينڊر“ ڪوٺجڻ ۾ آيو. البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ ڪئلينڊر جي جاري هئڻ جو حوالو ڏنو آهي. سنڌ ۾ سنڌو سنبت وسيع طور تي استعمال ۾ هوندو هو جنهن ۾ ان وقت ڪشمير کان سنڌو ساگر (موجوده عربي سمنڊ) تائين ۽ گجرات کان ڪرمان تائين علائقا اچي ٿي ويا.

سال ۾ مهينن ۽ ڏينهن جي ڳڻپ جي سرشتي يا ”اهرگڻ“ جو ذڪر ڪندي هن ”سنڌو سنبت“ جي اسلامي هجري سال، ايران جي يزدگرد ڪئلينڊر ۽ سڪا ڪئلينڊر سان لاڳاپيل ترڪيب پيش ڪئي آهي. سندس چوڻ آهي ته سنڌو سنبت، پڪ آهي ته ايرانين جي يزدگرد ڪئلينڊر کان ڇهه سال اڳ شروع ٿيو هوندو. سندس خيال موجب 117 هجريءَ جي صفر مهيني جي پهرين تاريخ، سنڌو سنبت واري سال 109 جي چيٽ مهيني جي چوٿين تاريخ هئي ۽ اربعا جو ڏينهن هو ٻين لفظن ۾ سنڌو سنبت جي سال 109 جي چيٽ مهيني جو پهريون ڏينهن آچر هو. جيڪا سڪا ڪئلينڊر جي سال 657 جي مهيني چاوٽو يا چيٽ جي پهرين تاريخ هئي. 27 فيبروري 735 عيسوي ۽ 28 محرم 117 هجري مطابق هو.

انهيءَ بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌو سنبت جي شروعاتي سال جي ماهه چيٽ جي پهرين تاريخ تي اڱاري جو ڏينهن هو ۽ عيسوي سال 26 جي 11 مارچ ۽ اهو پهرين چيٽ 548 سڪا سن، ”آذر“ 20 يزگرد کان ست سال اڳ 4 مارچ 626 عيسوي ۽ 29 رمضان چوٿين هجري هو.

[هتي مون کي ان ڳالهه جو ذڪر به ڪرڻ ڏنو وڃي ته سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ 4 مارچ نهايت اهم ڏينهن به آهي.] اهڙيءَ طرح سنڌو سنبت پڻ مارچ کان شروع ٿيو هو.

سنڌو سنبت جي شروعات وارو نقطو طئي ٿيڻ کان پوءِ مٿينءَ مشق وسيلي انهن واقعن تي نظر وجهڻ گهرجي، جن مان سنڌو سنبت جو جنم ٿيو. اُپکنڊ ۾ اها رسم آهي ته سن جي شروعات حملي آورن ۽ ڌارين حاڪمن جي خلاف جدوجهد جي ڪاميابيءَ سان ٿيندي آهي. ان ڪري اسان کي سنڌ جي تاريخ ۾ سال 626ع تي نظر وجهڻ گهرجي. اسان وٽ "فتح نامو" (جنهن کي چچ نامو چيو وڃي ٿو) موجود آهي، جيڪو عرب حملي آورن هٿان، سنڌ جي هار کان پوءِ علي ڪوفيءَ لکيو هو. ان ۾ ٻن گهراڻن جو احوال ڏنل آهي، اهي آهن: راءِ گهراڻو ۽ برهمڻ گهراڻو جن جي 712ع ۾ عرب حملي آورن کان اڳ سنڌ تي حڪومت رهي هئي. چچ نامي ۾ انهن حاڪمن جي حڪمرانيءَ وارا سال هڪ ٻئي سان منجهائي بيان ڪيل آهن، ان ڪري اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي ته 626ع ۾ سنڌ جو حاڪم ڪير هو. فقط ايتري خبر آهي ته ان وقت جو حاڪم، پڪ سان راءِ گهراڻي جي حاڪمن مان ڪو هوندو. هٿ آيل دستاويزي شاهديءَ موجب راءِ ۽ برهمڻ راجائن جو راڄ هيٺين سالن ۾ رهيو هو:

- راجا چچ: (جنهن جي راءِ سهاسي ٻئي جي بيوهه راڻي سُهنديءَ سان شادي ٿي هئي.) 652ع کان 691ع تائين
- راجا چندر: (چچ جو ڀاءُ) 691 کان 699ع تائين
- راجا ڏاهر: (چچ جو فرزند) 699ع کان 712ع

راءِ گهراڻي جا هيٺان حڪمران رهيا هئا:

- راءِ ديوائج (ڏيوجي) پٽ راءِ سهارس (ڀهريون) پٽ راءِ ديوائج
- راءِ سهاسي (ڀهريون) پٽ راءِ سهارس ڀهريون
- راءِ سهارس (ٻيو) پٽ ۽ راءِ سهاسي ڀهريون (وفات 626ع)
- راءِ سهاسي (ٻيو) پٽ راءِ سهارس ٻيو (626ع کان 652ع تائين)

هڪ ٻئي عرب عالم "الطبري"، مڪران (جيڪو ان وقت سنڌ جو حصو هو) ۾ لڳل "درياهه واري جنگ" جو ذڪر ڪندي، هڪڙي راجا جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو 644ع ۾ سنڌ تي راڄ ڪندو هو. الطبريءَ ان جو نالو راجا راسل لکيو آهي. منهنجو خيال آهي ته اهو راجا راسل ٻيو ڪوبه نه هو پر سنڌ جي راءِ گهراڻي جو آخري حاڪم راءِ سهاسي ٻيو آهي. چچ نامي ۾ آهي ته هڪڙيءَ جنگ ۾ شاهه نيم روز (سيستان ۽ ايران) جي حاڪم خلاف، سنڌ (جنهن جون حدون تن ڏينهن ۾ قلات ۽ مڪران تائين پکڙيل هيون) جي سرحد جي حفاظت ڪندي "راءِ سهاسي ٻئي جي پيءُ "راءِ سهارس ٻئي" شهادت جو جام پيتو پر ان ايراني لشڪر جو منهن ڦيري ڇڏيو. اُن جنگ تائين ايران هڪ نه ٻئي بهاني سان سنڌ تي پنهنجو قبضو قائم رکندي پئي آيو. اُهوئي ڪارڻ هو جو راءِ سهارس ٻئي جي شهادت واري واقعي جي ملهائڻ سان سنڌو سنبت جي شروعات **ٿي. اهو چوٿين مارچ 626ع جو ڏينهن هو.** جنهن ڏينهن راءِ سهارس ٻئي سنڌ تان پنهنجو سِرُ گهوريو. اهو ڀهرين چيٽ جو ڏينهن هو ۽ ان ڏينهن ۽ ان سال کان ئي سنڌو سنبت ڳڻجڻ شروع ٿيو.

سنڌو سنبت جي شروعات، چنڊ توڙي سج ٻنهي جي سن طور ٿي ۽ تاريخ ۾ ڄاڻايل مختلف سنن جون ساڳيون تاريخون هن ئي سرشتي موجب ڏيکاريون ويون آهن. بهرحال تاريخن ۾ ڦيرڦار جي ترتيب ڏيڻ وارو معاملو اُن وقت ڏاڍو منجهائيندڙ ٿي پوندو آهي، جڏهن چنڊ توڙي سج ٻنهي جي ڳڻپ ڪئي ويندي آهي. وڌيڪ سمجهه پري ڳالهه اها ٿيندي ته جيڪڏهن سنڌو سنبت لاءِ سج واري ڪئلينڊر جي ترڪيب سوچي وڃي ته مهينن جا

نالا ساڳيا ئي رکيا وڃن. اهڙي قسم جو ڪئلينڊر، روزمره جي معاملن ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو. هڪڙي پاڪستاني نجوميءَ سيد صمد حسين رضويءَ، هڪڙو اهڙو ڪئلينڊر تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ سنڌو سنبت کان 700 سال اڳي کان وٺي 1499 تائين سنڌو سنبت وارو دور اچي وڃي ٿو. اهو ڪئلينڊر، گوريگورين ڪئلينڊر سان ملندڙ جُلندڙ آهي. ان سرشتي موجب سنڌو سنبت جو "ليپ" وارو سال، اهڙي سال ۾ ايندو، جنهن کي چئن سان ونڊ ڪري اُن ۾ ٻه جوڙ ڪري سگهجن. مثال طور 1246 سنڌو سنبت، ليپ سال هو. جنهن ۾ 366 ڏينهن هئا. گريگورن سال ۽ سنڌو سنبت جي هڪجهڙائي اها آهي، جو ٻنهي ۾ ليپ سال گڏ ٿيندو آهي. گريگورين ۽ سنڌو سنبت ۾ هڪجهڙائي هينئَ ريت آهي:

| سنڌو سنبت مهيني جا ڏينهن | گريگورين ڪئلينڊر |
|---|---|
| 1. چيٽ 30 | 21 مارچ (غير ليپ سال ۾) |
| چيٽ 31 | 22 مارچ (ليپ سال ۾) |
| 2. ويساک 31 | 21 اپريل |
| 3. جيٺ 31 | 22 مئي |
| 4. آکاڙ 31 | 22 جون |
| 5. سانوڻ 31 | 23 جولاءِ |
| 6. ٻڊو 31 | 23 آگسٽ |
| 7. اَسو 30 | 23 سيپٽمبر |
| 8. ڪتي 30 | 23 آڪٽوبر |
| 9. نهري 30 | 22 نومبر |
| 10. پوهه 30 | 22 ڊسمبر |
| 11. مانگهه 30 | 21 جنوري |
| 12. ڦڳڻ 30 | 20 فيبروري |

ان سرشتي تي ٻڌل ڦيرڦار موجب سال ۾ هيٺيون تاريخون ساڳيون آهن:

- 12 ڦڳڻ 1348هو 2 مارچ 1975ع
- 1 چيٽ 1349 هو 22 مارچ 1976ع
- 23 مانگهه 1369 هو 12 فيبروري 1997ع
- 1 چيٽ 1370 هو 21 مارچ 1997ع

انهيءَ حساب سان سنڌي سال بهار جي پهرئين ڏينهن کان شروع ٿيندو آهي. اسان کي سنڌي سال يا چيٽي چنڊ، هر سال 21 يا 22 مارچ تي ملهائڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهه جو مدار ان تي هوندو ته اهو سال ليپ آهي يا نه.

هتي سنڌي سماج ۾ رائج مهينن جي حوالي سان ڪجهه ڳالهيون پيش ڪجن ٿيون، جيڪي ريتن جي تبديليءَ ۽ فطرت جي مختلف روپن جي حوالي سان مشاهدي ۾ اچن ٿيون:

**چيٽ:** چيٽ جهڙي چانڊوڪي ٻي ڪانه ٿئي. چيو وڃي ٿو ته چيٽ جي پونم جهڙو خوبصورت ڏينهن سڄو سال ڪونه ٿئي.

**ويساک:** هن مهيني ۾ لُڪُون لڳنديون آهن.

ويساک جو مهينو جنهن ۾، لُڪون ۽ جهولا،
جڻ آسمان اُڇليا ٿي، گرم گرم گولا.
(محمد صديق مسافر)

**آکاڙ يا هاڙ معنيٰ ساڙ:** سخت گرميءَ يا آرهڙ جو چاليهو.

**سانوڻ:** سانوڻ جهڙي سُونهن ڪنهن شيءِ ۾ ناهي ٿيندي.

**پوهه، ڪلڙ ڪوهه:** چمڙي لاهڻ جهڙو سخت سيءُ.

**مانگهه ڏي تانگهه:** سيءَ پوٽو پوڻ لڳندو آهي. اهو تانگهه ڏيندو آهي يعني ته ڪوٽ جا آثار ظاهر ڪرڻ لڳندو آهي. (ترجمو)

امداد حسيني

# ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي گرامر جو جائزو

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ’GRAMMAR OF SINDHI LANGUAGE‘ جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ:

سنڌي ٻولي ڪا آسان ٻولي نہ آهي، بلڪ ان ۾ پراڪرتن کان وڌيڪ باريڪيون ۽ ڏکيائيون موجود آهن. (ص 4)

ڊاڪٽر ٽرمپ نہ رڳو انهن باريڪين ۽ ڏکيائين کي محسوس ڪيو بلڪ ڏکيائين کي سکيائين ۾ بدلائڻ جا جتن پڻ ڪيا آهن. سنڌي ٻولي جيڪا سندس مادري ٻولي بہ نہ آهي، ڏکي بہ آهي، اُن کي سمجهائڻ لاءِ، سو بہ يورپي لوڪن کي سمجهائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو هوندو! ۽ اُن ڪتاب کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ بہ اَڪ جي ماکي نہ آهي ۽ نہ ئي اُن تي ڳالهائڻ ايڏو سولو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين ’ناشر پاران‘ ۾ ان سچائيءَ کي هيئن بيان ڪري ٿي:

”سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ ماهر ترجمي نگارن جي تمام گهڻي کوٽ آهي، وري جيڪڏهن ڪتاب ڪنهن خاص علم جو هجي تہ ان صورت ۾ اجا بہ وڌيڪ ڏکيائي ٿئي ٿي. (ص 3)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي هيءَ تصنيف ٽيڪنيڪل وڌيڪ آهي ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ اسين، جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، اُن جي باريڪين، جزئيات، لفظيات، ڏاتن ۽ حسناڪين کان ايترو واقف نہ آهيون، جيترو هي يورپي عالم آهي. اُن جي باوجود بہ، هو اِن ڏس ۾، پنهنجي چُڪن لاءِ معافي گهري ٿو، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻولي سندس مادري ٻولي نہ آهي. پر اها اچرج جي ڳالهہ آهي تہ هو اسان کان، جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي، اُن جي اهميت ۽ پد کان وڌيڪ واقف آهي. مثال طور هو لکي ٿو تہ:

”جديد آريائي لهجن جي اڀياس لاءِ بہ سنڌي هڪ اهم ذريعو آهي.“ (ص 3)

ڊاڪٽر ٽرمپ جي هيءَ تصنيف جيتوٽيڪ گهڻو اڳ جڙي راس ٿي چڪي هئي، پر وسيلن جي اڻهوند جي ڪري دير سان هِند جي مهاراڻيءَ پاران وسيلن مهيا ڪرڻ کان پوءِ 1872ع ۾ ڇپي ۽ 139 سالن کان پوءِ اُن جو سنڌي ترجمو عبدالحميد آخوند جي سهڪار سان سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو آهي ۽ اهو ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ ڪيو آهي. اِهو ڪم ٻوليءَ سان عشق کان سواءِ نہ ٿو ڪري سگهجي، پر اِن ڏس ۾ ڄاڻ جو هئڻ بہ لازمي آهي ۽ اهو عشق هن جي genes ۾ آهي ۽ ڄاڻ کي هو وڌائيندو رهيو آهي، هو هڪ علمي ادبي ڪٽنب جو فرد آهي. سندس ڏاڏو سائين محمد يعقوب ميمڻ ’نياز‘ لغت، گرامر ۽ درس تدريس ۾ هڪ اهم نالو آهي. منهنجي اها خوشنصيبي آهي، جو مون ساڻس ڊڪشنري آفيس (حيدرآباد) ۾ ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر امجد جو پيءُ سنڌي ٻوليءَ جو برک عالم ۽ ڪهاڻيڪار سراج ۽ سندس ڦڦي ڊاڪٽر فهميده حسين منهنجا همعصر آهن. ڊاڪٽر امجد سراج پنهنجي خاندان جي ٽين پيڙهيءَ ۾ پنهنجي منڙي ٻوليءَ جي خدمت جي تسلسل کي جاري رکيو آهي.

’GRAMMAR OF SINDHI LANGUAGE‘، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ٻيو اعليٰ ڪارنامو آهي. سندس پهريون اعليٰ ڪارنامو هن جو سهيڙيل ۽ مونو ٽائيپ ۾ جرمنيءَ مان ڇپايل ’شاهہ جو رسالو‘ آهي.

هن تصنيف (گرامر) جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج جو بہ ٻيو اعليٰ ڪارنامو آهي. سندس پهريون ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين جي ٿيسز ’شاهہ جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘ آهي، پر ان کان پوءِ سندس اعليٰ ڪارنامو سراج جي اهم تصنيف ’سنڌي ٻولي‘ جو سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو آهي. اهو سچ آهي تہ ترجمو اصل کان بہ وڌيڪ ڏکيو آهي. اُن لاءِ

ٻنهي ٻولين، جنهن مان ترجمو ڪجي ۽ جنهن ۾ ترجمو ڪجي- ۾ پڙهجڻ لازمي آهي- ۽ اهو ٻِـ ڌاري ترار تي اگهاڙي پيرين هلڻ وانگر آهي ۽ مون کي انهيءَ چوڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ نہ ٿي ٿئي تہ ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ، اُن ٻِـ ڌاري ترار تي هِيرَ وانگر هليو آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ جي هن تصنيف جي اهميت، لسانياتي توڙي وياڪرڻي لحاظ کان، هڪ بنيادي ماخذ واري آهي. سنڌي ترجمي ۾ فوٽ نوٽ ۾ اختلاف يا وضاحتون ڪيل آهن، پر ڪجهہ ڳالهيون رهجي بہ ويون آهن، مثلاً: باب پنجين ۾ دونداس (davandas) يا اسمن جي ميلاپ واري عنوان هيٺ، جيڪي لفظ ڏنا ويا آهن، انهن بابت ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو تہ:

”ان ۾ بہ اسم اڪثر گڏ ملائبا آهن، جن ۾ پويان ايندڙ اسم گهڻو ڪري بي معنيٰ هوندا آهن.“ (ص 85)

پر جيڪي لفظ ڏنا ويا آهن، انهن مان صرف ’ٻَڪ شڪَ‘ ئي اهڙو جوڙ آهي، جنهن جو پويان ايندڙ لفظ بي معنيٰ آهي، جڏهن تہ ٻين ۾ معنيٰ موجود آهي، مثلاً:

وَٺُ پُڇُ، چڱو ڀلو، گهَٽِ وَڌِ، جُهڙ ڦُڙ

انهن لفظن ۾ ’اڄ صبح‘ پڻ آهي، جيڪو ’اڄ سيان‘ آهي، يقيناً سنڌي ٻوليءَ ۾ ’دونداس‘ موجود آهن. جن ۾ ٻِـ- رسمي جوڙ/ميلاپ جا پويان اسم/لفظ بي معنيٰ هوندا آهن، مثلاً:

آبو شابو، ماني ڏاني، پاٽي چاٽي

اِن تي پنهنجو هڪ نظم ٿو ياد اچيم، جيڪو پيش ڪريان ٿو:

مون کي معاف ڪجانءِ مسافر!
جي مان تو کان،
مانيءَ ڏانيءَ،
پاٽيءَ چاٽيءَ،
جو نہ پڇان؛
چو تہ مون وٽ
ماني ناهي،
ڏاني آهي،
پاٽي ناهي
چاٽي آهي!
مون کي معاف ڪجانءِ مسافر!

اتي رسمي جوڙ جو پويون لفظ- پڇ، ڏاني، چاٽي، شابو الڳ سان ڪا بہ معنيٰ نٿو رکي، بلڪ پهرئين اسم، نج، مانيءَ، پاٽيءَ، آبو- کي زورائتي بنائڻ لاءِ ڪتب آيو آهي ۽ اها بي معنويت ئي اُن جي معنويت آهي. ’دونداس‘ ۾ پويون لفظ گهڻو ڪري ’ٻ‘ سان شروع ٿئي ٿو. مثلاً: ”بس ٻس“. جملي ۾ استعمال : ”تو وٽ اچان ها، پر ڪراچيءَ ۾ هٿ تاڙجي ڪري ڪا بہ ’بس ٻس‘ نہ ملي“. اتي ’بس ٻس‘ جي معنيٰ آهي بس يا ٻي ڪا بہ سواري، پر ’ٻس‘ جي الڳ ڪا بہ معنيٰ نہ آهي.

ان ريت ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو تہ:

”سنڌيءَ ۾ ميلاپ کان وڌيڪ فارسي جوڙ ’او‘ ذريعي ٻن اسمن کي جوڙيندو آهي.“ (ص 85)

اتي مطلب شايد ’واو عطف‘ وارو آهي، جنهن جو روايتي سنڌي شاعريءَ ۾ بي دريغ استعمال ڪيو ويو ۽ فارسي لفظن جي جوڙ لاءِ ئي ڪتب آندو ويو. شبير ’هاتف‘ جي غزل جي مطلع آهي:

آهيان قتيل خنجر حزن و ملال جو
يعني اسير فتنہءِ حسن و جمال جو

اتي ’او‘ جي معنيٰ ”۽“ آهي، جيئن ”راتو ڏينهن“ ۾ آهي، جيڪو ڊاڪٽر ٽرڪمپ ڏنو آهي. لاڪيٽي لطيف جي سِٽ آهي:

جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾

پر ڊاڪٽر ٽرمپ ان ڏس ۾ ٻيا جيڪي لفظ ڏنا آهن، انهن ۾ ’او‘ جي معنيٰ فارسي ’او‘ واري نہ آهي، مثلاً ’راتو رات‘ جي معنيٰ آهي ’رات وچ ۾‘، ”هنڌ و هنڌ“ اڻ ٺهڪندڙ جوڙ آهي، جيڪو صرف مثال ڏيڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. لاڪيڻي لطيف جو بيت آهي:

وجهج واٽاڙن تي، ميخاني جي ماڳَ،
ٿيندي سُڌِ سيکهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڳَ،
پرهہَ جا پياڳَ، جُھ سي اڳڻ آئيا.

رتورت، رتوچاڻ، سڏوسڏ۔ ۾ اَو جي معنيٰ اُها نہ آهي، جيڪا فارسي جوڙ ’او‘ جي آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ شايد پهريون عالم آهي، جنهن لاڙ جي لهجي جي ڀيٽ ۾ اُترادي لهجي جي اصلوڪي هجڻ جي ڳالھ ڪئي آهي:

”جيتوڻيڪ لاڙ جو لهجو جيڪو سڄيءَ سنڌ ۾ ڳالهائجي ٿو صفا اصلوڪو ڪونهي۔ لاڙ جي ڀيٽ ۾ اترادي يا سرائيڪي لهجي ڪافي حد تائين پنهنجي اصل شڪل ۾ ئي رهڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.“ (ص 11)

ان ڪارڻ پاڻ ’ٽ‘ جي اُچار وارن ڪن لفظن کي ’ٽري‘ جي اُچار سان لکي ٿو جيئن: پُٽر (پٽ)، ٽري (ٽي)، ٽِرئو (ٽيون، ٽِريجو (ٽيجو) وغيره. ڊاڪٽر ٽرمپ جي ان ’ٽر (ٽ) ۽ ڊر (ڊ) واري نظريي کي پوءِ پيرو مل، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان پڻ هٿي ڏني. پر اها اچرج جي ڳالھ آهي تہ ڊاڪٽر ٽرمپ سنڌي ادب کي بهتر طور سمجهڻ لاءِ جيڪي حوالا ڏئي ٿو انهن لاءِ پاڻ ئي لکي ٿو تہ:

”(حوالا گهڻي ڀاڱي ڇاپيل ”شاھ جي رسالي“ مان ئي کنيل آهن)“ (پيش لفظ، ص 4)

– ۽ اسين ڄاڻون ٿا تہ لاڪيڻي لطيف پنهنجي ڪلام ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سمورن لهجن کي ڪتب آندو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ ٽي مکيہ لهجا لاڙي، سرائيڪي، ۽ ٿريلي – ڄاڻايا آهن. لاڪيڻي لطيف وٽ اهي ٽيئي لهجا، لاڙي، اُترادي ۽ ڍاٽڪي ملن ٿا، پر لاڪيڻي لطيف جو بنيادي لهجو ’لاڙي‘ آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ چئي ٿو تہ ”لاڙ جو لهجو جيڪو سڄي سنڌ ۾ ڳالهائجي ٿو“، ان مان هن جي مراد شايد حيدرآبادي لهجي سان آهي، جيڪو معياري لهجي طور درسي ڪتابن لاءِ چونڊيو ويو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ رائج ٿيو. ’سرائيڪي‘ مان هُن جي مراد ’سِريلي‘ يعني ’سِري‘ جي آهي. سنڌي ٻوليءَ جو گرامر هڪ ڏکيو ڪتاب آهي ۽ ساڳئي وقت دلچسپ پڻ. ڊاڪٽر ٽرمپ جو ڪمال اهو آهي تہ هو اسان کي وڏيڪ سوچ لوچ ۽ ڳولا ڦولها تي آڀاري ٿو. ڪٿي اسان جو سونهون بڻجي ٿو تہ ڪٿي اسان کي اڪيلو بہ ڇڏي ڏئي ٿو.

ٻولي آرٽ بہ آهي تہ سائنس بہ. ڊاڪٽر ٽرمپ ٻولي سکڻ جو سائنسي طريقو ڏَسي ٿو: ”ٻولي سکندڙن لاءِ بهتر ايئن ٿيندو تہ هُو سڀ کان پهرين سنڌي آوازن/اُچارن جي نظام کي سمجهن.“ (پيش لفظ، ص 4)

ائين هو اڄ کان 139 سال اڳي سنڌي ٻوليءَ جي ’اُچاري سرشتي‘ جي اهميت کي اُجاگر ڪري ٿو. ڊاڪٽر ٽرمپ اُن اَمُلھ تصنيف جي سوا صفحي جي پيش لفظ ۾ ڏاڍيون ڪارائتيون ڳالهيون ڪيون آهن. مثال طور هُو مقبول سنڌي قصن، ڪهاڻين ۽ بيتن کي چڱي تعداد ۾ جمع ڪري انتهائي جامع ڪتاب تيار ڪرڻ ۽ جامع سنڌي لغات جي ضرورت جو ذڪر ڪري ٿو. اهو پيش لفظ 1872ع ۾ لکيو ويو، پر ان تي عمل ورهاڱي کان پوءِ ڪيو ويو ۽ لوڪ ادب رٿا هيٺ 40 ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيا ۽ جامع سنڌي لغات جا پنج جلد ڇپيا ۽ اهو سمورو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ ٿيو.

ڊاڪٽر ٽرمپ هڪ آرٽسٽ جيان سُر/اُچار آلاپي لفظ جي صورتگري ڪري ٿو ۽ اُن ڏاتوءَ جي کوج ۾ صدين جو پنڌ ڪري ٿو. جن ڪتابن جو هُن مطالعو ڪيو آهي، انهن مان حوالا ڏئي ٿو ۽ هن جي آڏو سڀني کان مستند ڪتاب آهي ”شاھ جو رسالو“. ان کان سواءِ هن ڪيئي قول بہ ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن، جيڪي هن اڳوڻيءَ سنڌ جي دوري دوران گڏ ڪري رکيا هئا (پيش لفظ)، ان ڏس ۾ هُو عام ماڻهن سان بہ مليو آهي ۽

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف عوامي لهجن کي بہ هن ڌيان سان ٻڌو آهي ۽ انهن جي داخلا رکي آهي. مثال طور 'ش' کي 'ڇ' جي اُچار ۾ بدلائڻ، جيئن لاڙڪاڻي وارا ڪندا آهن. هُو باب ايڪيهين ۾ 'حرف ندا' جي عنوان هيٺ: ڇا بس – شابس ۽ ڇال – شال لفظ ڏئي ٿو.

جيئن مون پهرين چيو آهي تہ 'سنڌي ٻوليءَ جو گرامر' سنڌي ٻوليءَ کي سمجهڻ جو هڪ ابتدائي اهم ماخذ آهي، اهو نہ رڳو عام پڙهندڙن لاءِ پر لکندڙن لاءِ بہ ڪارائتو ڪتاب ۽ خاص ڪري سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ منهنجي رڻ آهي تہ هيءُ ڪتاب ايم. اي سنڌيءَ جي نصاب ۾ شامل ٿيڻ کپي. ان ريت انهيءَ جو نئون ڇاپو بہ اچي سگهندو، جنهن جو ڀرپور مهاڳ لکڻ کپي ۽ اُهو ڪم ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ سراج ڪري سگهن ٿا. پنهنجي دعائيہ سٽن سان هي پيپر ختم ڪريان ٿو:

مرنداسين تہ دعائون اِن ۾،
جيئنداسين تہ صدائون اِن ۾،
جڳ جڳاندر تائين سائين،
سنڌي ٻولي امر رهي!

محمد علي ڏيپلائي

# قومي تعليمي ڪميشن (شريف ڪميشن) جي تجويزن تي سنڌي قوم جو ردعمل

## 6. پس منظر

سنڌ تي سن 1843ع ۾ انگريزن جو تسلط سياسي ۽ اخلاقي لحاظ کان ڪيترو بہ بلاجواز ۽ ناروا سمجهيو وڃي، پر انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪرڻ مشڪل ٿيندو تہ ٻين بنيادي انتظامي ۽ سماجي سڌارن سان گڏ، انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ مادري زبان ۾ تعليمي سرشتو جاري ڪرڻ جي سلسلي ۾ نهايت اهم قدم کنيا. ڊاڪٽر غلام غلام علي الانا صاحب انهيءَ پاليسيءَ جي اهم نقطن جو تفصيل هن ريت ڏنو آهي:

(الف) سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪيو ويو.

(ب) مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ حڪم نامو جاري ڪيو.

(ج) سرڪاري دفترن ۾ سنڌي ٻولي رائج ڪرڻ لاءِ حڪم نامو ڪڍيو ويو.

(د) سرڪاري آفيسرن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي ٺهرائي ويئي.

انهيءَ کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جا ترجما، سنڌي پرنٽنگ پريسون، سنڌي زبان جو گرامر ۽ لغتون تيار ڪرايون ويون وغيره وغيره. ٿوري ئي عرصي ۾ يعني 1853ع کان 1885ع تائين مختلف موضوعن تي 66 کن ڪتاب تيار ٿي ڇپجي ويا.[1] سن 1853ع ۾ پهريون انگريزي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيو. سن 1858ع ۾ اين. جي. وي اسڪول ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيو. سن 1883ع ۾ ٻين ادارن کان سواءِ حيدرآباد ۾ ٽيچرز ٽريننگ ڪاليج قائم ڪيو ويو. سن 1885ع ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن، حسن علي آفنديءَ جي سرڪردگيءَ ۾، سنڌ مدرسة الاسلام قائم ڪيو. اسڪول بورڊ جي

پاليسيءَ مطابق سنڌ جي هرهڪ تعلقي مان هڪ ذهين ٻار کي منتخب ڪري اسڪول ۾ داخل ٿي ڪيو ويو. ٻار جو سمورو تعليمي، رهائشي ۽ کاڌي وغيره جو خرچ بورڊ جي ذمي هوندو هو. هڪ ٻار جي فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، سندس جاءِ تي ساڳئي تعلقي مان ٻئي لائق شاگرد کي آندو ٿي ويو. سنڌ مدرسي ۾ تعليم پرائڻ وارن اهم شخصيتن ۾ محمد علي جناح، غلام حسين هدايت الله، محمد ايوب کهڙو، قاضي فضل الله، سيد ميران محمد شاهه، آغا غلام نبي پٺاڻ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، محمد ابراهيم جويو وغيره شامل آهن.[2]

انهيءَ دور ۾ سنڌ جي مقامي حالتن کي سامهون رکندي، انگريز سرڪار تعليمي پاليسيءَ ۾ ٻين نهايت مثبت قدمن کان سواءِ ٻه نهايت اهم قدم کنيا. يعني (الف) سنڌي فائنل جو امتحان، ۽ (ب) لازمي پرائمري تعليم.

### (الف) سنڌي فائنل جو امتحان

سر بارٽل فريئر جي ئي دور ۾، مقامي حالتن کي سامهون رکندي، سنڌي فائنل جي امتحان جو سلسلو شروع ڪيو ويو. هن سسٽم کي ’پرائمري اسڪول ليونگ سرٽيفڪيٽ‘ امتحان به چيو ويندو هو. انهيءَ نظام تحت هڪ طرف ته ٻارن کي بنيادي تعليم، سندن مادري زبان ۾ملي ٿي ته ٻئي طرف، ستن درجن تي مشتمل ڪورس جو امتحان پاس ڪندڙ شخص ٽن شعبن ۾ سرڪاري نوڪريءَ جو حقدار ٿي ويو ٿي: روينيو ڊپارٽمنٽ ۾ هو تپيدار، تعليم کاتي ۾ پرائمري ٽيچر ۽ پوليس کاتي ۾ جمعدار شامل ٿي سگهيو ٿي. انهن کاتن ۾ ٽريننگ وٺڻ ۽ ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪرڻ سان هو وڌيڪ ترقيون به ماڻي سگهيو ٿي. ملڪ مان بيروزگاري ختم ڪرڻ، پڙهيل ماڻهن کي پنهنجي ئي علائقي ۾ آبرومندانه روزگار ڏيڻ لاءِ اها تمام تعريف جوڳي ۽ ڪارگر پاليسي هئي. ون يونٽ ٺاهجڻ کان پوءِ، انهيءَ سسٽم کي 1960ع ڌاري ختم ڪرڻ جا سانباها ٿيا، جيئن هفتيوار ”انسان“ جي ايڊيٽوريل ۾ ڄاڻايو ويو آهي:

”خيرپور ڊويزن جي انسپيڪٽر اسڪولس مسٽر بلوچ، شڪارپور ۾ کليو کلايو اعلان ڪيو ته هاڻي ’سنڌي لکو، سنڌي پڙهو ۽ سنڌي سکو‘ جي عادت کي ترڪ ڪريو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڪفن ڏيئي دفن ڪريو. جيڪي ماسٽر اُردو فائنل پاس ڪيل نه آهن، تن کي ماسٽري ڪانه ملندي، هو وڃي پٽيوالي يا بيلداري ڪن!“[3]

پائنجي ٿو ته سنڌي فائنل وارو سرشتو به 1960ع واري ’قومي تعليمي ڪميشن‘ جي سفارشن تحت ختم ڪيو ويو. ڪيئن به هجي، پر اهو سنڌي فائنل واري سرشتي کي ختم ڪرڻ وارو قدم، سنڌ جي اُسرندڙ وچولي ڪلاس کي چٽڻ جي ڏِس ۾ هڪ نهايت گهاتڪ قدم هو.

### (ب) لازمي پرائمري تعليم

سنڌ ۾ لازمي پرائمري تعليم جو بنياد سن 1923ع واري ’بمبئي پرائمري ايجوڪيشن ايڪٽ‘ تحت پيو.[4] پر انهيءَ تي ابتدائي پنجن سالن تائين عمل نه ٿيو. سن 1928ع ۾ انهيءَ جي شروعات لاڙڪاڻي تعلقي مان ٿي. سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان پوءِ انهيءَ اسڪيم تي تيزيءَ سان عمل شروع ٿيو. سن 1938ع ۾ سکر، سن 1939ع ۾ دادو ۽ سن 1946ع تائين وڌيڪ پنج تعلقا انهيءَ اسڪيم ۾ آيا. سنڌ اطلاعات کاتي طرفان جاري ڪيل هڪ نقشي مطابق[5] 1954ع تائين انهيءَ اسڪيم هيٺ 53 تعلقا اچي چڪا هئا ۽ 1955ع ۾ وڌيڪ ٽن تعلقن جي شامل ٿيڻ جي تجويز هئي. صد افسوس جو ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ سن 1955ع ۾ انهيءَ اسڪيم کي باقاعدي ختم ڪيو ويو.[6]

## 7. قومي تعليم بابت ڪميشن (شريف ڪميشن)

جنرل ايوب خان، آڪٽوبر 1958ع ۾ مارشل لا نافذ ڪري ملڪ

جو صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بڻجي ويو. ملڪ کي ”سڌارڻ“ واسطي سندس ذهن ۾ ڪيئي منصوبا ۽ پروگرام هئا. ملڪ ۾ ”انقلابي سڌارا“ (؟) آڻڻ لاءِ هن ڍيهارو کن ڪميشنون ۽ ڪاميٽيون ناهيون، جن جو آخري نتيجو متحده پاڪستان جو خاتمو ۽ بنگلاديش جو قيام هو! هن تعليم جي ميدان ۾ سڌارن جي سفارشن واسطي ’ڪميشن آن نيشنل ايجوڪيشن‘ بہ ٺاهي. عام طور تي انهيءَ کي ’شريف ڪميشن‘ بہ چيو ويندو هو. انهيءَ ڪميشن جي دائره ڪار (Terms of references) جي في الحال خبر نہ پئجي سگهي آهي، پر انهيءَ جي سفارشن، سنڌ جي تعليمي معيار ۽ نظام کي وڏو ڌڪ رسايو. سنڌ جي مشهور تعليمي ماهر ڊاڪٽر حبيب الله صديقي صاحب مطابق:

"Concomitant with the check and set back recieved by the Sindh Compulsory Education Scheme and opening of substandard primary schools in the rural areas of Sindh under the first Five year Plan and thereafter, the recommendations of the Sharif Commission and the over hauling of standards, curriculum and existing arrangements, affected thereby, there set a state of confusion and chaos in educational institutions of Sindh."(7)

تعليمي ميدان ۾، سنڌ جي ڪيس کي علامہ آءِ. آءِ قاضي صاحب جي مئي 1959ع ۾، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلريءَ تان استعفيٰ ڏيڻ واري فيصلي ناقابل تلافي نقصان پهچايو.

علامہ صاحب سن 1938ع ۾، ٻاونجاهہ ورهين جي عمر ۾ سنڌ مدرسي ۾ وائيس پرنسپال ٿيڻ لاءِ درخواست ڏني هئي، جا جي. ايم. سيد صاحب جي ڪوشش جي باوجود منظور نہ ٿي.[8] اپريل 1951ع ۾ کين سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو. سندن عمر اُن وقت 65 ورهيہ هئي. جي. ايم. سيد صاحب مطابق يونيورسٽيءَ ۾ علامہ صاحب جي مخالفت ۽ اردو پريس کين ڏاڍو پريشان ڪيو. جنهن ڪري سن 1956ع ۾ پاڻ يونيورسٽي ڇڏڻ جو ارادو ڪيائون. پر جي. ايم. سيد ۽ حاتم علي علويءَ جي سمجهائڻ تي اهو ارادو لاهي ڇڏيائون.[9] ايوبي مارشل لا کان بددل ٿي، مئي 1959ع ۾ استعفيٰ ڏنائون. اُن وقت سندن ڄمار 73 سال کن هئي. ڊاڪٽر الانا صاحب جي مطابق استعفيٰ جو فوري ڪارڻ، اُن وقت جي سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر برگيڊيئر (اڳتي هلي جنرل) ٽڪا خان جو اهو فيصلو هو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اُها پاليسي، جنهن تحت پنجين انگريزيءَ کان سنڌين واسطي اُردو ۽ غير سنڌين واسطي لازمي سنڌيءَ جا مضمون رکيل هئا، اُن پاليسيءَ ۾ ترميم ڪري غير سنڌين واسطي سنڌيءَ جو مضمون ختم ڪرڻ هو.[10] هڪ ٻئي بزرگ ماهرِ تعليم جو چوڻ آهي تہ: ان ئي دور ۾ هڪ ميجر صاحب، علامہ صاحب جي آفيس ۾ بدتميزيءَ واري انداز ۾ بنا اجازت داخل ٿيو. جنهن علامہ صاحب جهڙي حساس شخص کي ايڏو تہ رنجايو جو پاڻ هڪدم آفيس مان اُٿي گهر هليا ويا، جتان استعفيٰ ڏياري موڪيائون.

علامہ صاحب جي استعفيٰ ڏيڻ جو ڪهڙو بہ سبب هجي، پر تعليمي ڪميشن جي ٺهڻ ۽ انهيءَ جي ڪارروائيءَ ۾ علامہ صاحب يا ڪنهن ٻئي سنڌي عالم جي نمائندي طور عدم شموليت انتهائي هاڃيڪار ثابت ٿي. ڏيپلائي صاحب هفتيوار ’انسان‘ ۾، انهيءَ صورتحال تي افسوس جو اظهار ڪندي لکيو:

”اها سنڌ جي هڪ وڏي بدقسمتي هئي، جو عين اُنهيءَ وقت جڏهن تعليمي ڪميشن مقرر ڪئي ويئي، يونيورسٽيءَ ۾ ڪي اهڙيون حالتون پيدا ٿيون، جنهن ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر حضرت علامہ قاضي صاحب استعفيٰ ڏيڻ تي مجبور ٿيو ۽ سندن جاءِ تي هڪ غير سنڌي محترم ڊاڪٽر رضي الدين صديقي وائيس چانسلر مقرر ٿيو.“[11]

اڳتي هلي ڏيپلائي صاحب لکي ٿو:

”محترم رضي الدين صاحب هڪ اعليٰ درجي جو عالم فاضل آهي، مگر اها حقيقت آهي ته هو سنڌ جي حالتن کان واقف ڪونه هو ۽ نڪي ڪيس سنڌ جي عوام جي ضرورتن جي خبر هئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو جڏهن تعليمي ڪميشن وٽ ذريعه تعليم جو موضوع بحث هيٺ آيو تڏهن صديقي صاحب اهائي سفارش ڪئي ته سنڌ ۾ ٽئين درجي کان اُردو لازمي نهرائي وڃي ۽ ڇهين درجي کان ذريعه تعليم بنائي وڃي. انهيءَ صورتحال تي جيڪڏهن کهڙو به سنڌي وائيس چانسلر هجي ها ته هن فيصلي کي ڪڏهن به صادر نه ڪري ها ۽ يڪدم سنڌ جو پاسو پيش ڪري ها ته ائين ڪرڻ سنڌي شاگردن سان ڪورو ناحق ٿيندو. پر محترم صديقي صاحب کي انهن ڳالهين جو علم ڪونه هو ۽ فطري طرح هو اُردوءَ جو دلداده هو ان ڪري هن بنا ڪنهن ڇُون چران جي ڪٽي هن ”سنڌي ڪُش“ رپورٽ تي صحيح ڪئي.“[12]

## سنڌي زبان سوسائٽيءَ جو قيام

تعليمي ڪميشن (شريف ڪميشن) سن 1958ع جي آخر ڌاري آيل ٿي ڏسجي. اُن دور جي اخبارن ۽ رسالن جو رڪارڊ في الوقت مهيا نه هجڻ سبب محترم ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي مقالي جو بنياد سه ماهي ”مهراڻ“ جي 1959ع واري رپورٽ تي رکيو آهي. جيڪو صورتحال جي مڪمل تصوير پيش نٿو ڪري. ”سنڌي زبان سوسائٽيءَ“ جو قيام 12 فيبروري 1960ع ۾ اورينٽيل ڪاليج حيدرآباد ۾، ڪاليج جي پرنسپال مخدوم امير احمد جي ڪوٺ تي عمل ۾ آندو ويو. هن ميڙ جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها هئي ته سنڌي عالمن، اُستادن ۽ اديبن پنهنجي نظرياتي ۽ جماعتي ويڇا وساريندي، ٻوليءَ جي بقا واري معاملي تي عظيم المثال يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪيو. هن گڏجاڻيءَ جي رپورٽ ڏيندي هفته وار ”انسان“ رقم طراز آهي ته:

”تعليمي ڪميشن جي رپورٽ (سنڌي ٻوليءَ بابت) اسان جي سيني اُميدن تي پاڻي هاري ڇڏيو ۽ ظاهر ٿي ويو ته
”ڏکي توءِ ڏڪار، توڙي وسن مينهڙا“!“[13]

رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي ته (گڏجاڻيءَ ۾ شامل) سيني جي ”متفق راءِ ٿي ته تعليمي ڪميشن جي رپورٽ تي عمل ٿيندو ته ”سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ جا دروازا هميشه لاءِ بند ٿي ويندا ۽ سيني سنڌي ڳالهائيندڙن، خواه سنڌن نسل تي اُن جو نهايت برو اثر پوندو. ان ڪري ڪافي غور ۽ خوض بعد سرڪار کان يڪراءِ مطالبو ڪيو ويو ته:

”سنڌي، جيڪا هڪ ترقي يافته ۽ شاهوڪار زبان آهي، ۽ ابتدائي درجي کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين ذريعه تعليم طور هلندي پئي رهي آهي، ۽ اها موجوده حالتن ۾ قائم رهڻ ڏني وڃي...“[14]

هيءَ مطالبو عمل ۾ آڻڻ واسطي ملڪ گير تحريڪ هلائڻ لاءِ شيخ رحيم بخش صاحب جي صدارت هيٺ ”سنڌي زبان سوسائٽي“ قائم ڪئي ويئي، نه ڪِ مخدوم امير احمد جي صدارت هيٺ، جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي. ”انسان“ جي ٿي 7 مارچ، 1960ع واري پرچي ۾ مخدوم امير احمد صاحب طرفان ”سنڌي عوام ڏي اپيل“ ۾ سنڌن عهدو ”چيئرمين ڪاروباري ڪميٽي“ ڄاڻايل آهي[15] انهيءَ ”اپيل“ ۾ مخدوم امير احمد صاحب سنڌي عوام تي زور ڏنو ته ”سنڌي زبان سوسائٽيءَ“ جي پاس ڪيل ٺهراءَ بابت پنهنجي راءِ، سنجيدگيءَ سان ۽ اثرائتي نموني صدر مملڪت ۽ وزير تعليم

ڪي موڪلي ڏين. ازانسواءِ سوسائٽيءَ طرفان هيٺين قدمن کڻڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو:

(1) صدر مملڪت جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تفصيلي ۽ مدلل ياداشت نامو (Memorandum) تيار ڪرڻ.

(2) سنڌي ادبي سنگت سڄيءَ سنڌ ۾ عوام کان صحيحون وٺڻ جي مهم هلائي. اهي صحيحون هڪ 'اِسڪرول' جي شڪل ۾ صدر آڏو پيش ڪري.

(3) سنڌي عوام جي راءِ جو اظهار پوسٽ ڪارڊن وسيلي صدر مملڪت تائين پهچائڻ.

**مٿين فيصلن تي ڪنيل عملي قدم:**

**(1) صدر پاڪستان جي غور واسطي ياداشت نامو** (Memorandum):

سوسائٽيءَ هيءَ نهايت اهم ذميداري مرحوم پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جي حوالي ڪئي، جنهن هن ذميواريءَ کي نهايت عمدگيءَ سان سرانجام ڏنو ۽ ٻن هفتن جي مختصر عرصي ۾ ياداشت نامو انگريزيءَ ۾ ٺاهي ورتو. عام تاثر اهو هو ته محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سندن رهنمائي ڪرڻ فرمائي هئي ۽ ياداشت نامي ۾ ضروري اصلاح ۽ اضافا پڻ ڪيا هئا. انگريزي ياداشت نامي جي ڪاپي ته في الوقت هٿ اچي نه سگهي آهي، البته انهيءَ جو سنڌي ترجمو جيڪو مرحوم ناصر مورائي صاحب ڪيو هو، جنهن ۾ ڪميشن جي سفارش، جيڪا 283 ۽ 284 صفحن جي ٽيرهينءَ پيرا ۾ ڏنل هئي، تنهن جو ذڪر هن طرح ڪيل آهي:

"ٻين ملڪن ۾ ڪيل باضابطه تجربا ڏيکارين ٿا ته جتي گهڻيون زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون، اتي بهترين تعليمي نتيجا ۽ قومي زبان جو مڪمل فهم تڏهن ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن شاگرد جي مادري زبان پنجين درجي تائين تعليمي ذريعو ۽ قومي زبان ٽئين درجي کان هڪ اڀياسي مضمون هجي ۽ ڇهين درجي کان قومي زبان، مادري زبان جي جاءِ پريندي، تعليمي بنجي... اسين (يعني ڪميشن) انهيءَ نظريي سان اتفاق ڪريون ٿا ۽ انهيءَ کي عمل ۾ آڻڻ جي سفارش ڪريون ٿا. سنڌي جيئن هينئر آهي، تعليمي ذريعو رهندي، پر ٽئين درجي کان هڪ لازمي اڀياسي مضمون طور اُردو متعارف ڪرائي ويندي. ٽئين درجي کان ڇهين درجي تائين اُردوءَ جي سکيا لاءِ ٽائيم ٽيبل ۾ اُردوءَ کي ڪافي وقت ڏنو وڃي ته جيئن ان کي ڇهين درجي کان اثرائتي نموني تعليم جو ذريعو بنائي سگهجي."

پر سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي ياداشت نامي سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويو. هڪ دفعو وري هفتي وار "انسان" لکيو:

"... ڪميشن جي رپورٽ تي پوري غور ڪرڻ بعد سنڌي زبان سوسائٽيءَ هڪ احتجاجي ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ صدر محترم کي ميموريندم پيش ڪرڻ لاءِ وفد تيار ڪيو. پر اها نهايت افسوس جي ڳالهه آهي، جو صدر محترم انهيءَ وفد سان ملڻ کان به انڪار ڪري، ڪين وزيرِ تعليم جو ڏس ڏنو ۽ محترم وزيرِ تعليم به هنن سٽن لکڻ تائين ملاقات جي درخواست جو نه ڪو جواب ڏنو آهي ۽ نه ئي ڪا پهچ ملي آهي. ممڪن آهي ته ڀٽ شاهه جي اجتماع وقت پاڻ ملاقات ڏئي."[16]

سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي طرفان صدر ۽ وزير تعليم سان ملاقات تي حڪومت جي سرد مهريءَ واري رويي کان قطع نظر خود سي. آئي. ڊيءَ جو

رويو ڪهڙو رهيو انهيءَ بابت "انسان" رسالو ٻڌائي ٿو:

"... اسان جي، سي. آءِ. ڊي سڳوريءَ" سنڌي زبان سوسائٽيءَ" خلاف اعليٰ آفيسرن کي بدظن ڪرڻ جي زوردار مهم شروع ڪئي. مارشل لا اٿارٽيز کي بدگمان ڪيو. ميمبرن جي گرفتاريءَ جا پرزور افواهہ اُٿاريا ۽ ميمبرن کي پوريءَ طرح هراس ۾ وڌو ويو... نتيجي طور مارشل لا ۽ پوليس آفيسرن، سوسائٽيءَ جي وڏن ڪم ڪندڙن سان ملاقات ڪئي. ميموريندم جون ڪاپيون اڳواٽ طلب ڪيون."

**پاڪستان رائيٽرز گلڊ:**

پاڪستان رائيٽرز گلڊ بہ هن معاملي کي هٿ ۾ ڪنيو. صدر پاڪستان طرفان مقرر ڪيل پاڪستان رائيٽرز گلڊ جي "زبانن ۽ رسم الخط واري ڪميٽيءَ" پنهنجي پهرينءَ ميٽنگ، جيڪا ڍاڪا ۾ پهرين اپريل، 1960ع تي ٿي، پنهنجي سفارش ۾ چيو تہ:

"پهرئين درجي کان پنجين درجي تائين تعليم فقط مادري زبان ۾ پڙهائي وڃي. جتي اُردو ٻار جي غيرمادري زبان آهي، اُتي اردو ثانوي تعليم جي شروعات ڇهين درجي کان سيکارڻ کپي... پهرين ڪل پاڪستان تعليمي ڪانفرنس، جيڪا قائداعظم جي حڪم سان ڊسمبر ۽ جنوري 1947ع ۾ سڏائي وئي هئي، ۽ جنهن اهو بنيادي اصول طيءِ ڪيو هو تہ پرائمري تعليم مادري زبان ذريعي ڏني وڃي، تنهن جي هيءَ ڪاميٽي تائيد ٿي ڪري، تہ ... هيءَ ڪاميٽي سفارش ٿي ڪري تہ سنڌي زبان جيئن تہ هڪ تمام ترقي يافتہ زبان آهي ۽ گذريل اڌ صديءَ کان هاءِ اسڪول تائين ڪاميابيءَ سان تعليم جو ذريعو بني رهي آهي، تنهنڪري ان کي ثانوي (سيڪنڊري) تائين ذريعہ تعليم طور بحال رهڻ کپي.

**2. سنڌي ادبي سنگت طرفان ٺاهيل اسڪرول**

سنڌي ادبي سنگت (جنهن جو اُن وقت حيدرآباد جو سيڪريٽري محترم مقبول احمد پٽي هو ۽ مرڪزي سيڪريٽري جنرل شمشيرالحيدري هو)، وڏي جاکوڙ ڪري سڄي سنڌ مان سنڌي ٻوليءَ جي ذريعہ تعليم ڪرڻ جي مطالبي جي حمايت ۾ ڪاغذن جي چُٽڪين تي سنڌي عوام جون صحيحون حاصل ڪري هڪ "اسڪرول" ٺاهيو هو جيڪو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ محفوظ آهي. اسڪرول ڪاري رنگ جي ململ جي پٽيءَ تي مشتمل آهي. پٽيءَ جي ويڪر اٽڪل چار انچ آهي. پٽيءَ تي اڌ انچ ويڪريون ۽ چار انچ ڪن ڊگهيون 22500 ڪاغذ جون چٽڪيون چنبڙايل آهن. پٽيءَ جو ويڙهو جيڪو پري کان نوار جي ويڙهي وانگر لڳي ٿو انهيءَ جو نيم قطر اٽڪل سوا فوٽ آهي.

اهو "اسڪرول" ڪنهن اختياريءَ اڳيان پيش ڪرڻ جي نوبت آئي يا نہ، بهرحال اها محنت لاپائتي ثابت نہ ٿي.

**3. پوسٽ ڪارڊ تحريڪ**

صدر مملڪت ڏانهن سنڌي عوام طرفان انفرادي طور پوسٽ ڪارڊ، جن تي سنڌي زبان کي ذريعہ تعليم طور جاري رکڻ جو مطالبو ڇپيل هو موڪلڻ جي تحريڪ راقم الحروف طرفان پيش ڪئي وئي.[17]

هن اسڪيم (پوسٽ ڪارڊ) جو هڪ پسمنظر هو. سن 1953ع ڌاري لاهور ۾ قاديانين خلاف هلايل ختم نبوت تحريڪ دوران ٿيل فسادن ڪري مقامي طور مارشل لا ڪورٽ، جماعت اسلاميءَ جي امير مولانا ابوالاعليٰ مودوديءَ کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني هئي، انهيءَ سزا کي رد ڪرائڻ

واسطي جماعت اسلاميءَ ٻين طريقن سان گڏ ماڻهن کان ڇپيل احتجاجي پوسٽ ڪارڊ حڪومت کي موڪلڻ جي تحريڪ هلائي. اهڙا ڪارڊ جماعت اسلاميءَ جي ڪارڪنن هڪ وسيع مهم ذريعي ماڻهن کان پرائي پئي موڪليا. ڪارڊ جي قيمت هڪ آنو رکي هئائون. هڪ دفعي راقم الحروف محترم پرواني پٽيءَ سان گڏ اسان جي پريس وٽ ايراني ريسٽورينٽ (ڪيفي راڪسي) ۾ چانهه پي رهيو هو ته جماعت اسلاميءَ جو هڪ ورڪر اسان کان اهو ڪارڊ پرائي ويو. اهو واقعو منهنجي ذهن ۾ نقش ٿي ويو هو. سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ مون کي اهڙي ئي پوسٽ ڪارڊ تحريڪ هلائڻ جو خيال آيو.

اها رٿ منظور ٿي. مرحوم مقبول پٽي (سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد) خواهش ظاهر ڪئي ته انهيءَ مهم جي سربراهي پاڻ ڪندو. اسان شاگردن جو گروپ (جنهن تازو مئٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڪاليج ۾ انٽر سائنس ۾ داخلا ورتي هئي ۽ سرائي اُميد علي مرحوم جي ترغيب تي نيشنل عوامي پارٽيءَ جا ميمبر ٿيا هئاسون)، جنهن ۾ اسدالله قاضي (موجوده وائيس چانسلر اسرا يونيورسٽي)، عبدالستار ميمڻ (قاسم آباد ۾ قائم سونهري بوڪ ڊيپو جو مالڪ)، الله بخش سومرو (جنهن ڪجهه عرصو اڳ واپڊا جي جنرل مئنيجر طور رٽائر ڪيو) ۽ ٻين ڪجهه دوستن مقبول پٽي صاحب جي سربراهيءَ ۾ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اُن وقت اسان نوجوان ليڪچرار غلام علي الانا صاحب کي ڏاڍو چاهيندا هئاسون. اسان جي زور پرڻ تي الانا صاحب کي پوسٽ ڪارڊ اسڪيم جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. ڪارڊ جي مسودي ۽ ڇپائيءَ جو ڪم مون کي سونپيو ويو. مواد جو ڊرافٽ ته مون تيار ڪيو پر انهيءَ کي سهڻي سنڌيءَ جو روپ محترم شمشير الحيدريءَ ڏنو. ڪارڊ جو مواد هن ريت هو:

”پيارا صدر،

السلام عليڪم!

آءٌ آزاد پاڪستان جو هڪ معزز شهري آهيان. اوهان جي مقرر ڪيل ”قومي تعليمي ڪميشن“ طرفان ظاهر ڪيل رپورٽ جي ڪن فقرن بابت آءٌ پنهنجي راءِ اوهان جي نيڪ غور لاءِ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. تازو جناب وزير تعليم طرفان پڻ اهڙن مشورن جي خيرمقدم جو اظهار اخبارن ۾ آيل آهي، جنهن جي پيش نظر، مون کي يقين آهي ته ڪميشن جي سفارشن کي عام راءِ جي روشنيءَ ۾ عمل هيٺ آندو ويندو.

ڪميشن جي رپورٽ ۾، حيدرآباد ۽ خيرپور ڊويزنن لاءِ ابتدائي ڇهين درجي کان تعليم جو واحد ذريعو اُردوءَ کي ٺهرائڻ جي سفارش ڪيل آهي، جا هرطرح غلط ۽ غير معقول آهي. تعليمي نفسيات توڙي لسانيات جي عالمي نظريي مطابق، تعليم جو ذريعو ’مادري زبان‘ کي تسليم ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪميشن جي هن غلط تجويزن کي عمل ۾ آندو ويندو ته پاڪستان جي اڌ ڪروڙ سنڌي ڳالهائيندڙ باشندن کي فائدي بجاءِ نقصان پهچندو. سنڌ جي علم، ادب، ثقافت ۽ تعليم جو اهو نقصان مجموعي طرح پاڪستان جو قومي نقصان آهي. سنڌي شاگردن لاءِ ذريعه تعليم ’سنڌي زبان‘ هجڻ ضروري آهي. سنڌ جي باشندن پاڪستان جي تاريخ ۾ شاندار خدمتون ادا ڪيون آهن. منهنجي زوردار استدعا آهي، تنهن باري ۾ اوهين ذاتي طرح دلچسپي وٺي،

تعليمي ڪميشن جي غلط تجويز جي اصلاح ڪري،
سنڌ علائقي جون بهترين همدرديون حاصل ڪندا.
پاڪستان زنده باد!

هڪ وفادار پاڪستاني“




اُن زماني ۾ پوسٽ ڪارڊ جي قيمت پنج پئسا هئي. ابتدائي طور پنج هزار ڪن ڪارڊ ڇپائڻ واسطي 300_400 ڪن رپيا گهربل هئا. اسان جا ته کيسا خالي هئا. پئسا گڏ ڪرڻ جي مهم الانا صاحب پنهنجي جماعت خاني واري علائقي (ٽنڊي ولي محمد)، جتي سندس رهائش گاهه هئي، اُتان شروع ڪئي. هڪ هڪ دڪان تي وياسون. علائقي ۾ الانا صاحب جو وڏو مان هو. غربت جو زمانو هو. ڪنهن ربيو ڏنو ڪنهن ٻه. پر خالي هٿين ڪنهن به نه ڇڏيو. پوءِ اسان شاگردن جي ٽوليءَ گاڏي کاتي جي علائقي ۾ وڪيلن کان ڪجهه چندو گڏ ڪيو. ٽئين ڏينهن حيدرآباد جي هڪ انڪم ٽيڪس آفيسر وٽ وياسون، جيڪو هڪ قوم پرست طور مشهور هو. اسان کي ته وڏيون اميدون هيون، ته نه صرف پاڻ بلڪ پنهنجي واسطيدارن کان به چڱي مدد وٺي ڏيندو، پر آفيس جي ٻاهران ٻه ڪلاڪ انتظار ڪرائي رڳو پنج رپيا عنايت ڪيائين. بهرحال جنرل پوسٽ آفيس مان جيترا ڪارڊ مليا، ورتا ويا. رات جو لِڪ ۾ ڏيپلائي صاحب جي پريس ۾ ڇپيا ويا. ٻئي ڏينهن ورهاست شروع ٿي. محترم عبدالغفار انصاري (جيڪو پي. ڊبليو. ڊيءَ ۾ انجنيئر هو ۽ اڳتي هلي 1971ع ۾ مشرقي پاڪستان ۾ پوسٽنگ دوران لاپته ٿي ويو) اسان کي سرڪاري جيپ پيٽرول سميت مهيا ڪئي، جنهن ۾ اسان جو ٽولو آس پاس وارن ڳوٺن خاص طور تي ٽنڊي جام، ٽنڊي الهيار، ماتلي وغيره ڏانهن ويو. ڪارڊ جي قيمت فقط هڪ آنو رکي ويئي. جنهن کي وڌيڪ ضرورت هئي، اُن کي مقامي طور تي ڇپائڻ جو مشورو ڏنو ويو. گشتَ الانا صاحب جي سربراهيءَ ۾ ٿيا. هر هنڌ عزت پري موٽ ملي. ڪم تمام تيزيءَ سان هلي رهيو پر حيدرآباد جي پوسٽ آفيس ۾ وڌيڪ ڪارڊ ئي نه رهيا. سڄي سنڌ ۾ مقامي طور تي دوستن ڪارڊ ڇپائڻ شروع ڪيا.

انهن ڪارروايـن مقامي انتظاميه کي مچرائي وڌو. جيتري قدر مون کي ياد ٿو پئي، حيدرآباد جي مارشل لا وارن سوسائٽيءَ جي ڪجهه اڳواڻن

ڪي گهرائي ڪانئڻ بيان ڏياريو ته سوسائٽيءَ جو انهن ڪارڊن سان ڪوبه تعلق نه آهي. ائين ڪندي اها مهم اڌوري رهجي ويئي.

### 4. سنڌي ادبي سنگت

ڊاڪٽر الانا صاحب جي ڄاڻ مطابق 23 سيپٽمبر 1962ع تي سنڌي ادبي سنگت پنهنجي ڪنوينشن ۾ زوردار ٺهراءُ بحال ڪيا. پر سنگت انهيءَ معاملي ۾ دير ڪئي ۽ "اسڪرول" جو خاطر خواه استعمال نه ڪري سگهي.

### 5. "انسان" رسالي ۾ زوردار ايڊيٽوريل ۽ مضمون

اُن دور جي رسالن ۽ اخبارن مان في الوقت صرف هفتيوار "انسان" جو رڪارڊ مهيا ٿي سگهيو آهي. انهيءَ رسالي نهايت زوردار مضمون ۽ ايڊيٽوريل لکيا، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1) "اُردو يا سنڌي- اردو ۽ سنڌي"، 9 مئي، 1960ع

(2) "سنڌ جون رڙيون"، 8 آگسٽ، 1960ع

(3) "ذوالفقار علي ڀٽي ڏانهن کليل خط"، 8 اپريل، 1960ع

(4) "سنڌي زنده رهندي"، 21 مارچ، 1960ع

(5) "پرڏيهي وزير منظور قادر ڏانهن کليل خط"، 9 مئي، 1960ع

(6) "سنڌي يونيورسٽيءَ بابت سوچ"، 25 جولاءِ، 1960ع

### 6. سنڌي يونيورسٽي ٺاهڻ بابت سوچ

ڏيپلائي صاحب جو خيال هو ته سنڌين واسطي اُن وقت جي حالتن تحت، دهليءَ ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، مولانا محمد علي جوهر وغيره جي قائم ڪيل "جامع مليه" وانگر هڪ "سنڌي يونيورسٽي" ٺاهڻ لازم ٿي پيو هو. "سنڌي يونيورسٽيءَ" جي ضرورت جو احساس ڏياريندي، هڪ طويل ايڊيٽوريل 9 مئي، 1960ع واري هفتيوار انسان ۾ ڏيپلائي صاحب لکيو:

"اُٿو اُٿو اي سنڌيو!
اڄ نه اُٿندؤ ته ڪڏهن به اُٿي نه سگهندؤ..."

ان جي حمايت ۾ سنڌي زبان سوسائٽيءَ طرفان 17 جولاءِ 1960ع واري ميٽنگ ۾ به غور ڪيو ويو. سڀني حاضر ميمبرن هن مسئلي جي اهميت کي پوريءَ طرح محسوس ڪيو.

منهنجي يادگيريءَ موجب مٿئينءَ سموري هلچل مان بظاهر ڪو نتيجو برآمد نه ٿيو*، وقت گذرڻ سان "سنڌي زبان سوسائٽي" به خاموش ٿي ويئي. ڊاڪٽر الانا صاحب جهڙو متحرڪ ساٿي، آگسٽ 1961ع ۾ لنڊن ڏانهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جتان ٻن سالن کان پوءِ، آڪٽوبر 1963ع ۾، سنڌ واپس ٿي. انهيءَ دوران ڇا وهيو واپريو، تنهن جي ڪين گهڻي خبر نه رهي. سنڌالاجيءَ طرفان سنڌي اخبارن جا فائل ٺهڻ به 1963ع کان پوءِ شروع ٿيا. اُن کان اڳيون رڪارڊ في الوقت اُتي دستياب نه آهي.

### 7. بک هڙتال

سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن طرفان آگسٽ- سيپٽمبر 1962ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس ۾ بک هڙتال جو اهتمام ڪيو ويو. اِنهيءَ بک هڙتال ۾ ٽي شاگرد ويٺا، جن جا نالا اسان کي وسارڻ نه گهرجن. اُهي شاگرد هئا:

1. محترم نظير چنا،
2. محترم يونس شر ۽
3. محترم بروهي صاحب (سڄي نالي جي خبر نه پئي سگهي آهي)

---

* ان تحريڪ جو اهو نتيجو نڪتو جو ايوب خان کي گوڏا ٽيڪڻا پيا ۽ 13 آڪٽوبر 1962ع کان سنڌي زبان جي ذريعه تعليم واري ساڳي حيثيت بحال ڪئي وئي. (ادارو)

هن بک هڙتال چڱو ڀائيتال ڀاريو. اُن وقت جي اهم ليڊرن: مثلاً مير رسول بخش ٽالپر، پناهگير ليڊر ڪي. بي جعفر، مخدوم طالب المولىٰ ۽ (شايد) ذوالفقار علي ڀٽو وغيره اُتي آيا ۽ شاگردن کي پنهنجي حمايت ۽ سندن مطالبا حڪومت تائين پهچائڻ جو يقين ڏياري، بک هڙتال ختم ڪرائي، اها بک هڙتال هفتو کن هلي.

### 8. بنگالين جو تعليمي ڪميشن جي تجويزن تي ردعمل:

اُن دور ۾ پريس سنسرشپ ڪري سنڌي ۽ اُردو اخبارن ۾ تعليمي ڪميشن جي تجويزن تي بنگالين جي احتجاجن جون خبرون، جيتري قدر مون کي ياد آهي، اسان تائين ڪونہ پهچنديون هيون، پر پوءِ هٿ آيل مواد مان معلوم ٿو ٿئي تہ بنگالين، ڪميشن جي ڪن تجويزن خلاف نهايت پرزور تحريڪ هلائي هئي. سندن تحريڪ، ڪميشن جي هيٺين تجويزن جي خلاف هئي:

(i) ڪاليجن ۽ يونيورسٽين تي گورنمينٽ جي وڏيڪ ڪنٽرول جي تجويز.

(ii) گرئجوئيٽ ڊگريءَ جو مدو ٻن سالن مان وڌائي ٽي سال ڪرڻ جي تجويز.

(iii) اعلىٰ تعليمي ادارن ۾ داخلائن تي سختين ۽ رڪاوٽن جي تجويز.

(iv) ٻگري خرچ سان ماڊل اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تعمير ڪرڻ جي تجويز.

(v) لازمي پرائمري تعليم واري سرشتي کي پندرهن سالن تائين مؤخر ڪرڻ جي تجويز ۽

(vi) بنگالي ۽ اُردوءَ واسطي رومن رسم الخط ڏاهڻ جي تجويز.

مٿئين اعتراض مان معلوم ٿئي ٿو تہ تعليمي معاملي ۾ بنگالين جو شعور گهڻو مٿي هو. بنگالين پنهنجي تحريڪ کي نهايت پُرزور طريقي سان هلايو. 17 سيپٽمبر 1962ع تي شاگردن جي هڪ وڏي جلسي تي پوليس فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد شهيد ٿيا. انهيءَ واقعي جي يادگيريءَ ۾ 17 سيپٽمبر واري تاريخ، ”ايڊيوڪيشن ڏينهن“ طور ملهائجڻ شروع ٿي. 17 سيپٽمبر 1963ع تي بنگالي شاگردن، 22 نقطن تي مشتمل مطالبا پيش ڪيا، جن ۾ تعليمي معاملن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي سياسي معاملا شامل هئا. چئي سگهجي ٿو تہ تعليمي ڪميشن جي تجويزن، بنگلاديش تحريڪ کي وڏي هٿي ڏني.

### 9. رسالي ”انسان“ تي بندش ۽ ڏيپلائي صاحب جي نظربندي:

جيئن مٿي ڄاڻايل آهي تہ تعليمي ڪميشن جي تجويزن تي ڏيپلائي صاحب هفتہ وار ”انسان“ ذريعي ۽ پوسٽ ڪارڊن (جيڪي سنڌس پريس ۾ ڇپيا) ذريعي تمام تيز ۽ تُند ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. اهي ڳالهيون گورنمينٽ کان برداشت نہ ٿيون. نتيجي طور ”انسان“ رسالي تي بندش پيئي ۽ ڏيپلائي صاحب تي ”امن عام ۾ خلل وجهڻ“، ”تعصب ڦهلائڻ“، ”ملڪ دشمن سرگرمين ۾ ملوث هجڻ“ ۽ اهڙن ئي ٻين قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪري جيل ۾ رکيو ويو.

’انسان‘ جو آخري پرچو 27 فيبروري 1961ع تي نڪتو.

**نتيجا:**

(الف) مٿين سيني تحريڪن ۽ احتجاجن جي نتيجي ۾، 13 آڪٽوبر 1962ع تي حڪومت هڪ آرڊيننس ذريعي تعليمي ڪميشن جون ڪيتريون ئي تجويزون واپس ورتيون، جن ۾ سنڌي زبان کي انٽر تائين ذريعہ تعليم طور قبول ڪيو ۽ ٻين ڳالهين کان سواءِ بي. اي پاس ٻن سالن جو ڪورس ڪرڻ بہ قبوليو. وڌيڪ تفصيل في الوقت دستياب نہ آهن.

(ب) مٿين واقعن جو عيني شاهد هجڻ جي حيثيت ۾، ۽ اُن دور جي

حالتن بابت ڪافي رڪارڊ رکندي، آءُ انهيءَ راءِ جو آهيان ته حڪومت تي 1960ع واري سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي هلايل سنڌي ٻوليءَ تحريڪ جي اثر سان گڏ، پر 13 آڪٽوبر 1962ع واري فيصلي جا حقيقي ڪارڻ سنڌي شاگردن جي بک هڙتال ۽ بنگالي شاگردن جي تحريڪ هئا.

—

## حوالا ۽ ڪتاب

**حوالا:**


(1) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ص 309، 315.

(2) صديقي، حبيب الله، ڊاڪٽر: Education in Sindh_ Past and present, 170_71.

(3) ڏيپلائي، محمد عثمان: هفته وار "انسان"، 1960ع، 95.

(4) ڏيپلائي، محمد عثمان: هفته وار "انسان"، 13 آگسٽ، 1959ع

(5) صديقي، حبيب الله، ڊاڪٽر: Education in Sindh_ Past and Present, P_185

(6) ايضاً، p.309

(7) ايضاً، p.310

(8) سيد، غلام مرتضيٰ شاهه، "ساهڙ جا سينگار"، ص 107.

(9) ايضاً، ص 154.

(10) الانا، غلام علي: ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي ارتقاء، ص 370.

(11) ڏيپلائي، محمد عثمان: هفته وار "انسان"، 8 آگسٽ، 1960ع.

(12) ايضاً.

(13) ڏيپلائي، محمد عثمان: هفته وار "انسان"، 22، سيپٽمبر، 1960ع.

(14) ايضاً.

(15) ڏيپلائي، محمد عثمان: هفته وار "انسان"، 7 مارچ، 1960ع.

(16) ڏيپلائي، محمد عثمان: هفته وار "انسان"، 8 آگسٽ، 1960ع.

(17) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: "نيوز اينڊ اوپينين" مارچ_ اپيل، ص 18.

**ڪتاب: ڊاڪٽر ايس همايون ۽ مسز تنوير خالد:**

Student Politics and Bengali National movement. Journal of Pakistan Historical Society July, 1996.


—

الطاف حسين جوکيو

# ’فعل لازمي ۽ متعديءَ‘ جو مختصر اڀياس

A simple study of ‘Transitive and Intransitive verb’

وياڪرڻ/ گرامر جي اهميت ۽ حيثيت بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، دادا سنڌيءَ جي لکيل ’سنڌي گرامر‘ جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ: ”لسانيات ۾، وياڪرڻ جي علم وارو موضوع، علم رياضيءَ جهڙو حقيقت تي مبني ۽ اوکو علم آهي، جنهن ۾ نہ فقط 2 + 2 چار ٿيندا آهن، پر جيئن علم رياضيءَ جو ماهر، پنهنجي موضوع، مضمون ۽ رياضيءَ جي علم جي اثر ڪري مستقل مزاج، سعين سان سچو، ثابت قدم ۽ هر حال ۾ حال پائي ۽ همدرد رهندو آهي، تيئن لسانيات جي علم يا لسانيات جي عالم ۾ بہ اهڙيون ئي خوبيون نظر ايندڙيون آهن . . .“ (دادا، 2010: 6)

ڊاڪٽر الانا صاحب واري حوالي جي منڍ موجب: ’گرامر جي وصفن ۽ ان جي مثالن ۾ ڪا لچڪ نہ هوندي آهي/ هجڻ گهرجي.‘ ليڪن عام طور ڏٺو اهو ويو آهي تہ تعليمي ماحول ۾ گرامر/ وياڪرڻ جو ڪو ڪتاب مقرر نہ هجڻ يا اختيار ڏٺَين طرفان ڪو ضابطو نہ هجڻ سبب ڪافي لچڪدار وصفون يا وضاحتون طالب علمن ڏانهن منتقل ڪيون وڃن ٿيون، جيڪي اڳتي هلي مونجهاري جو سبب بڻجن ٿيون.

مختلف عالمن جي وياڪرڻي ڪتابن مان عام وصفن تي ڪو تقابلي اڀياس ٿي ڪونہ سگهيو آهي ۽ نہ وري اهڙي قسم جي علمي ڪم جي همت افزائي ڪئي وڃي ٿي؛ جنهن سبب ڪافي مونجهارا برقرار رهجيو وڃن، جن تي نئين سِري سان علمي ڪم ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن فعل ۽ ان جي قسمن تي تفصيلي اڀياس ڪجي تہ اهو هڪ ٿيسز جو روپ وٺي سگهي ٿو؛ ليڪن هتي انتهائي مختصر طور تي فعل لازمي ۽ متعدي جو بنيادي اڀياس ان ڪري بہ درڪار آهي، جو وياڪرڻي/ درسي ڪتابن ۾، ان بابت مونجهارا سامهون اچن ٿا. تازو سنڌيڪا اڪيڊميءَ جو ڇپيل، دادا سنڌيءَ جو لکيل ’سنڌي گرامر‘ وارو ڪتاب نظر مان گذريو. جنهن جي پيش لفظ جو پهريون جملو: ”سنڌيڪا سنڌي گرامر ٿيون ڪتاب مون غور سان پڙهَيو آهي“ (دادا، 2010: 6) ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جو لکيل آهي. دادا سنڌي۔ هڪ محب وطن ماڻهوءَ۔ جو لکيل، سائين الانا صاحب جو ’بهتر قرار ڏنل‘ ۽ سنڌيڪا اڪيڊميءَ جو ڇپيل هجڻ ڪان پوءِ بنيادي طالب علمن لاءِ ان ڪتاب جي اهميت ڪجهہ وڌي وڃي ٿي.

ڄاڻايل ڪتاب مان فعل ۽ ان جي قسمن جي مطالعي مان فعل لازمي ۽ متعديءَ ۾ جنهن انداز جو مونجهارو محسوس ڪيو ويو، اهو پڙهَندڙن آڏو رکجي ٿو:

- محترم دادا سنڌي، فعل جي ٻن اهم قسمن ۾ ڄاڻائي ٿو تہ:
  - ”فعل لازمي: لازميءَ جي معنيٰ آهي نهرايل حد تي قائم رهڻ. اهڙو فعل جنهن ۾ فاعل پاڻ ڪم ڪري، پر ان جو اثر ٻئي تي نہ پوي، يعني هن ۾ فاعل سان گڏ مفعول نہ هوندو، مثال:
    1. اشفاق ڳائي ٿو.
    2. فهميده ڌوئي ٿي.
    3. اياز کائي ٿو.
  - فعل متعدي: متعدي جي معنيٰ آهي لنگهي ٻئي تائين ويندڙ. اهڙو فعل جنهن ۾ فاعل پاڻ ڪم ڪري پر ان جو اثر ٻئي تي بہ پوي. يعني هن فعل ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي ڄاتل ۽ سڃاتل هوندا آهن؛ مثال:
    1. اشفاق راڳ ڳائي ٿو.
    2. فهميده ڪپڙا ڌوئي ٿي.
    3. اياز ماني کائي ٿو.“(دادا، 2010: 54)

دادا سنڌيءَ جي ڄاڻايل ٻنهي قسمن جي مثالن ۾ ساڳئي نوعيت جي فعلن جو استعمال ڪيو ويو آهي؛ فرق صرف اهو رکيو اٿائين، جو لازميءَ ۾ ’مفعول‘ ڪونہ ڄاڻايو اٿس، جڏهن تہ متعديءَ ۾ ’مفعول‘ ڄاڻايو اٿس. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ دادا سنڌيءَ ’لازمي ۽ متعديءَ‘ کي فعل بجاءِ جملي سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڄاڻايل فعل لازميءَ جي مثالن مان مونجهارو اهو محسوس ٿئي ٿو تہ ’ڄاڻايل فعل تہ اهڙا آهن، جن سان مفعول جي هجڻ جو امڪان آهي تہ پوءِ ان کي فعل لازمي چئجي يا فعل معتدي؟‘

- ساڳئي قسم جو مونجهارو، مجبوريءَ تحت ڪجهہ وقت اردو پڙهائڻ وقت سامهون آيو هو، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشوري پاران ڇپيل

درسي ڪتاب: گلزار اردو (لازمي- ٻارهين ڪلاس لاءِ) ۾ فعل لازمي ۽ متعديءَ جي مثالن ۾ محسوس ڪيو ويو:

"فعل لازم: وہ فعل ہے جس میں کسی کام کا کرنا پایا جائے مگر اس کا اثر صرف کام کرنے والے یعنی فاعل تک رہے۔

جیسے: لڑکا پڑھتا ہے۔ احمد آیا۔ لڑکی رو رہی ہے۔ لوگ آئے۔" (سلام، حق، 2011:11)

فعل متعدی: وہ فعل ہے جس کا اثر فاعل سے گزر کر مفعول تک پہنچے۔

جیسے: لڑکا کتاب پڑھتا ہے۔ لڑکے اسکول آئے۔ لڑکی روٹی کھا رہی ہے۔ (سلام، حق، 2011:11)

’گلزار اردو‘ ۾ ڄاڻايل وصفن جي روشنيءَ ۾ لِکيَل مثالن تي اختلاف رهي ٿو. ان خاطر ٻنهي وصفن ۽ ان جي مثالن جو اڀياس ضروري ٿي پيو آهي.

### 1.1. مسئلي جو بيان

بنيادي طور، منهنجي محترم پرائمري استاد مريد حسن خاصخيليءَ طرفان، گهڻي قدر، ائين ئي سيکاريو ويو ته:

- فعل لازمي: اهڙا فعل جن جو لاڳاپو صرف فاعل سان هجي ۽ ’مفعول‘ سان هجڻ جو امڪان به نه هجي ته ان کي فعل لازمي چئبو آهي. فاعل معلوم نه هجي ته فعل اڪرترڪ چئبو.
- فعل متعدي: اهڙا فعل جن جو لاڳاپو ’فاعل‘ ۽ ’مفعول‘ ٻنهي سان هجي ته ان کي فعل متعدي چئبو آهي.
    - o فعل متعدي معروف: اهڙا فعل جن سان لاڳاپيل فاعل ۽ مفعول ٻئي (چِٽا) ڄاڻايل هجن ته ان کي فعل متعدي معروف چئبو.
    - o فعل متعدي مجهول: اهڙا فعل جن جو لاڳاپو مفعول سان ته هجي، ليڪن امڪاني فاعل ڄاڻايل نه هجي ته ان کي فعل متعدي مجهول چئبو.

اهي مختصر وصفون ننڍپڻ ۾ ذهن نشين ڪرايل هيون. اتي سوال اهي اڀرندا هئا ته پوءِ جملي ۾ ڄاڻايل/ اڻ ڄاڻايل ’فاعل‘ ’مفعول‘ ڪيئن معلوم ڪجن؟

’فاعل‘ ۽ ’مفعول‘ ڄاڻڻ لاءِ هڪ سادو طريقہ ڪار سيکاريو ويو ۽ پڻ مشق ڪرائي وئي:

- فعل يعني ڪم ڪان ’ڪير/ ڪنهن‘ جو سوال ڪجي ته ’فاعل‘ معلوم ٿيندو.
- فعل يعني ڪم ڪان ’ڇا/ ڪنهن کي‘ جو سوال ڪجي ته ’مفعول‘ ملندو.

- مشق لاءِ جملا

فعل متعديءَ جا جملا:

| جملو | سوال | جواب | حاصل مطلب |
|---|---|---|---|
| مان خط لکان ٿو. | ڪير لکي ٿو؟ | مان | فاعل |
| | ڇا لکان ٿو؟ | خط | مفعول |
| سرواڻ ڪتاب پڙهيو. | ڪنهن پڙهيو؟ | سرواڻ | فاعل |
| | ڇا پڙهيو؟ | ڪتاب | مفعول |

امڪاني حاصل ٿيندڙ جواب:

| جملو | سوال | امڪاني جواب | حاصل مطلب |
|---|---|---|---|
| مان لکان ٿو. | ڪير لکي ٿو؟ | مان | فاعل |
| | ڇا لکان ٿو؟ | ڪجهه به | مفعول آهي، ليڪن ڳجهو آهي. |
| سرواڻ پڙهيو. | ڪنهن پڙهيو؟ | سرواڻ | فاعل |
| | ڇا پڙهيو؟ | ڪجهه به | مفعول آهي، ليڪن ڳجهو آهي. |

فعل لازميءَ جا جملا:

| جملو | سوال | جواب | حاصل مطلب |
|---|---|---|---|
| مان ڪرسيءَ تي ويهان ٿو. | ڪير ويهي ٿو؟ | مان | فاعل |
| | ڇا ويهي ٿو؟ | ڪوبہ جواب نہ مليو. | مفعول ڪونهي. |
| سرواڻ اسڪولِ وڃي ٿو. | ڪير وڃي ٿو؟ | سرواڻ | فاعل |
| | ڇا وڃي ٿو؟ | ڪوبہ جواب نہ مليو | مفعول ڪونهي. |

**امڪاني حاصل ٿيندڙ جواب:**

| جملو | سوال | امڪاني جواب | حاصل مطلب |
|---|---|---|---|
| ڪلاس ۾ ويهڻ گهرجي. | ڪنهن کي ويهڻ گهرجي؟ | شاگردن کي | فاعل آهي، ليڪن ڳجهو آهي. |
| | ڇا ويهڻ گهرجي؟ | ڪوبہ جواب نہ ٿو ملي. | مفعول ڪونهي. |
| رستي تي تيز هلجي. | ڪير تيز هلي؟ | ڪوبہ/ گڏ هلڻ وارو/ ساٿي | فاعل آهي، ليڪن ڳجهو آهي. |
| | ڇا تيز هلي؟ | ڪوبہ جواب نہ ٿو ملي. | مفعول ڪونهي. |

اهڙي قسم جي جملن جي مشق سان فعل لازمي ۽ متعدي سمجهايو ويو. هاڻي جڏهن ذهن ۾ وينل ڪچيُن پڪيُن سمجهاڻين بعد جڏهن محترم دادا سنڌيءَ جي بيان ڪيل سمجهاڻين کي ڏسجي ٿو تہ يقيناً هڪ لچڪ محسوس ٿئي ٿي. جنهن کي عالمن جي بيان ڪيل وصفن سان ئي صاف ڪري سگهجي ٿو.

محترم دادا سنڌيءَ ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڇپيل اردو ڪتاب ’ گلزارِ اردو‘ جي مثالن ڏسڻ کان پوءِ ذاتي ذهن ۾ وينل خاڪي ۾ تضاد پيدا ٿيڻ سان چند سوال اڀرن ٿا:

## 1.2. مسئلي جا سوال

جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ امڪاني مفعول هجي، ليڪن پڌرو نہ هجي تہ ڇا ان کي فعل لازميءَ ۾ شمار ڪبو؟

’اشفاق ڳائي ٿو‘- ’فهميده ڏوئي ٿي‘- ’اياز ڪائي ٿو‘- ’لڑکا پڑھتا ہے‘ جهڙن جملن ۾ امڪاني مفعول آهي يا نہ؟

ڇا امڪاني مفعول جي بہ ڪا اهميت آهي؟

ڇا فعل جي صيغي (Mood) کي جاچڻ بہ ضروري هوندو آهي؟

جيڪڏهن مٿين جملن ۾ امڪاني مفعول موجود آهي تہ پوءِ ان جي فعلن کي فعل لازمي ڪوٺبو يا فعل متعدي مجهول يا ٻيو ڪجهہ؟

لازمي يا متعدي مجهول ۾ لفظ ’مجهول‘ جو اطلاق ’فاعل‘ سان ٿيندو يا ’مفعول‘ سان بہ ٿي سگهي ٿو؟

ڇا فعل متعدي مجهول ۽ Passive voice هڪٻئي جا نعم البدل آهن؟

ڇا ’لڑکے اسکول آئے‘ ۾ لفظ ’اسڪول‘ جي حيثيت ’مفعول‘ واري آهي؟

ڇا ’لڑکے اسکول آئے‘ وارو جملو فعل متعديءَ جو مثال آهي؟

## 1.3 طريقہءِ ڪار

فعل لازمي ۽ متعديءَ بابت چند عالمن/ استادن جي ڄاڻايل وصفن کي سامهون رکي، انهن مان چند وضاحت طلب نڪتا اخذ ڪيا ويندا ۽ انهن تي ويچار ونديا ويندا، آخر ۾ اختصار ۾ نتيجو پيش ڪيو ويندو.

## 1.4. چند عالمن/ استادن جون ڄاڻايل فعل لازميءَ ۽ متعديءَ جون وصفون

### 1.4.1. پيرومل آڏواڻيءَ پاران ڄاڻايل وصفون

- فعل لازمي: گهوڙو ڊوڙيو- هتي 'ڊوڙيو' فعل آهي، جو فاعل 'گهوڙو' بابت ٻڌائي ٿو ته هن ڊوڙڻ جو ڪم ڪيو. هتي فعل رڳو پنهنجي فاعل بابت ڪجهه چئي ٿو ۽ ڊوڙڻ جي ڪم جو اثر ڪنهن تي نه نٿو ٿئي؛ تنهن ڪري 'ڊوڙيو' فعل لازمي آهي. هو منهنجو پاءُ ٿئي. هتي "ٿئي' (مصدر- ٿيڻ) فعل لازمي آهي.

فعل لازمي اهو ڪم يا حالت ڏيکاري ٿو جنهن جو لاڳاپو رڳو فاعل سان آهي. لازمي معنيٰ لڳل يا چنبڙيل. مطلب ته فعل لازميءَ کي مفعول ڪونه ٿيندو آهي؛ تنهنڪري اهو سدائين پنهنجي فاعل سان لڳل رهي ٿو. (لاڳاپو رکي ٿو.) (پيرومل، 1985: 90)

پيرومل صاحب فعل بي- فاعل يا اڪرترڪ فعل ۾ اڳتي لکي ٿو ته: "آءُ پينگهي ۾ لڏان ٿو/ پينگهي ۾ لڏجي ٿو . . . لڏڻ فعل لازمي آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي مفعول ڪونه ٿيندو آهي. 'لڏڻ' لفظ ۾ 'ج' گڏڻ سان 'لڏجڻ' لفظ ٺهي ٿو. مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي ته فعل ۾ ائين 'ج' گڏجي ٿو ته فعل مجهول صورت وارو ٿي پوي ٿو. تنهنڪري چئبو ته سنڌيءَ ۾ فعل لازمي جون ٻه ٻه صورتون آهن، هڪڙي معروف ۽ ٻي مجهول.

1. پينگهي ۾ لڏجي ٿو- پينگهي ۾ لڏبو آهي.
2. ڊوڙجي ٿو ته پگهر ٿئي ٿو- ڊوڙبو ته پگهر ٿيندو.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته فعل لازميءَ کي ٻن طرح مجهول صورت ۾ ڪم آڻبو آهي ۽ ٻنهي نمونن ۾ فاعل ڪم نٿو آڻجي. (پيرومل، 1985: 96)

- **فعل متعدي:** ڇوڪرو کائي ٿو. هتي 'ڇوڪرو' فاعل آهي ۽ 'کائي ٿو' فعل آهي، پر جملي مان اها خبر ڪانه ٿي پئي ته ڇوڪرو ڇا ٿو کائي. جيڪڏهن چئبو ته 'ڇوڪرو' ماني کائي ٿو' ته پوءِ مطلب پورو نڪرندو ۽ چئبو ته 'کائي ٿو' فعل متعدي آهي، ڇاڪاڻ ته مفعول (ماني) اٿس. فعل متعدي اهو ڪم ڏيکاري، جنهن جو اثر فاعل کان لنگهي ڪنهن ٻئي تائين پهچي ٿو. 'متعدي' معنيٰ ٻئي تائين لنگهي ويندڙ. هتي ڇوڪري جي ڪم (کائڻ) جو اثر 'ماني' (مفعول) تي ٿئي ٿو. مطلب ته فعل لازميءَ کي رڳو فاعل آهي ۽ مفعول ڪونهيس، ۽ فعل متعديءَ کي فائل توڙي مفعول ٻئي آهن." (پيرومل، 1985: 91)

1. سوار گهوڙو ماري ٿو/ سوار گهوڙي کي ماري ٿو. 2. گهوڙو مارجي ٿو (سوار کان).

. . . فعل متعدي جون ٻه صورتون آهن، هڪڙي اها جنهن ۾ ڪم ڪندڙ (فاعل) ظاهر ڄاڻائجي ٿو ۽ ٻي اها جنهن ۾ ڪم ڪندڙ ظاهر نٿو ڄاڻائجي، جنهن ڪري مفعول ڦري جملي جو فاعل ٿئي ٿو. فعل جي پهرين صورت کي فعل متعدي معروف ۽ ٻيءَ صورت کي فعل متعدي مجهول سڏين ٿا. (پيرومل، 1985: 92)

### 1.4.2. مرزا قليچ بيگ پاران ڄاڻايل وصفون

- فعل لازمي: "(1)'سج اڀريو.' هتي فعل آهي 'اڀريو' ۽ فاعل آهي 'سج'. اڀرڻ جو ڪم سج ڪري ٿو ۽ اهو ڪم ڪنهن ٻئي تي نٿو ٿئي. (2) 'نوڪر آيو' هتي فاعل آهي 'نوڪر' ۽ فعل آهي 'آيو'. هتي فعل رڳو پنهنجي فاعل بابت ڪجهه چئي ٿو ۽ اچڻ جي ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي تي نٿو ٿئي.

'اڀريو'، 'آيو' ۽ ٻيا اهڙا فعل، جي رڳو پنهنجي فاعل سان لاڳاپو ڏيکارين، تن کي 'فعل لازمي' چئبو آهي. فعل لازمي اهو ڪم يا حالت ٿو ڏيکاري، جنهن جو لاڳاپو رڳو فاعل سان آهن.

لازمي معنيٰ لزوم ٿيل يعني لڳل يا چنبڙيل. مطلب ته فعل لازميءَ کي مفعول ڪونه ٿيندو آهي، تنهن ڪري اهو سدائين پنهنجي فاعل سان لڳل رهي ٿو." (قليچ، 2006: 32)

- **فعل متعدي:** (1) ڪتي چادر ڏوئي ٿو. هتي فعل آهي 'ڏوئي ٿو'، 'ڪتي' آهي فاعل ۽ ڏوئڻ جي ڪم جو اثر جنهن شيءِ تي ٿئي ٿو سا آهي 'چادر'. (2) گوپال لڏون ڪاڏو. هتي فعل آهي 'ڪاڏو'، گوپال آهي 'فاعل' ۽ ڪائڻ جي ڪم جو اثر جنهن شيءِ تي ٿئي ٿو سا آهي 'لڏون'.

### 1.4.3. ڊاڪٽر غلام علي الانا پاران ڄاڻايل وصفون

- ”فعل لازمي معروف: فعل جو هيءُ اهو قسم آهي، جنهن ۾ فعل سان فقط فاعل هوندو آهي، يعني فعل لازميءَ سان ڪوبہ مفعول ڪونہ هوندو آهي، مثال طور:
  1. آءٌ هلان ٿو.
  2. اسين ڊوڙون ٿا.
  3. ڇوڪري وڃي ٿي.
  4. ڇوڪرا اچن ٿا.

  انهن جملن ۾ ’هلان‘، ڊوڙون‘، ’وڃي‘ ۽ ’اچن‘ لفظ فعل آهن. انهن جملن ۾ ’آءٌ‘، ’اسين‘، ’ڇوڪري‘ ۽ ’ڇوڪرا‘ لفظ، فاعلن طور ڪم آيا آهن. فاعل جي معنيٰ آهي ڪم جو ڪندڙ.

  انهن جملن ۾ ڪوبہ لفظ، مفعول جي صورت ۾ ڪم نہ آيو آهي. مفعول جي معنيٰ آهي: جنهن اسم يا ضمير تي ڪو ڪم ٿئي يا ڪو ڪم ٿيو هجي.“ (الانا، 2010: 135 ـ 136)

  سائين الانا صاحب هتي ’فعل لازمي معروف‘ جي وصف ڄاڻائي آهي، جڏهن تہ ’فعل لازمي مجهول‘ کي چارٽ ۾ تہ ڏيکاريو آهي، ليڪن ان جي وضاحت ڪانہ ٿي ملي.
- ”فعل متعدي معروف: اهي فعل، جن سان جملن ۾ مفعول بہ شامل هجن، اهڙن فعلن کي فعل متعدي چئبو آهي؛ مثال طور:
  1. مان خط لکان ٿو.
  2. اسين سبق پڙهَون ٿا.
  3. ڇوڪرا خط لکن ٿا.
  4. ڇوڪري خط لکي ٿي.

انهن جملن ۾ ’لکان‘، ’پڙهَون‘، ’لکن‘ ۽ ’لکي‘ لفظ فعل آهن. انهن جملن ۾ ’مان‘، ’اسين‘، ’ڇوڪرا‘ ۽ ’ڇوڪري‘ لفظ فاعلن طور ڪم آيا آهن، جڏهن تہ ’خط‘ ۽ ’سبق‘ لفظ مفعولن طور استعمال ٿيا آهن، ڇاڪاڻ تہ ’خط‘ تي لکڻ جو ڪم ٿيو آهي ۽ ’سبق‘ تي پڙهَڻ جو ڪم ٿيو آهي. انهيءَ ڪري چئبو تہ اهي فعل جن سان مفعول بہ ڪم آيا هجن، اهڙن فعلن کي ’متعدي فعل‘ چئبو آهي.“ (الانا، 2010: 136 ـ 137)

### 1.4.4. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پاران ڄاڻايل وصفون

- **فعل لازمي:** هي فعل فقط اهو ڪم يا خاصيت ڏيکاري ٿو، جنهن جو لاڳاپو فاعل سان آهي. مثال: ’احمد آيو.‘ هتي فاعل يعني ڪم ڪندڙ آهي: ’احمد‘ ۽ فعل يعني ڪم ڏيکاريندڙ آهي: ’آيو‘. فعل فقط پنهنجي فاعل بابت ڪجهہ ڏيکاري ٿو، باقي اهو نہ ٿو ڏيکاري تہ ان ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي تي ڪهڙو ٿيو؟ انهيءَ ڪري ’آيو‘ فعل لازمي آهي. مٿئين جملي ۾ فعل لازميءَ جو فاعل صاف ظاهر بيٺو آهي، تنهنڪري هن فعل لازميءَ کي ’فعل لازمي معروف‘ چئبو. پر ڪن جملن ۾ فاعل هوندو ئي نہ آهي، جهڙوڪ: ’ٿڪبو آهي‘، ’پڙهَبو• آهي‘، ’گهمبو آهي‘ وغيره. هتي ’آهي‘ فعل لازمي آهي، پر ان جو فاعل ڏيکاريل ڪونهي، انهيءَ ڪري هن فعل کي ’فعل لازمي مجهول‘ چيو ويندو.
- **فعل متعدي:** جيڪو فاعل، اهو ڪم ڏيکاري جو فاعل ڪري ٿو ۽ ان جو اثر ٻئي تي ٿئي ٿو، ان کي ’فعل متعدي‘ چيو ويندو آهي؛ مثال طور: ’احمد ميوو کاڌو.‘

  هي فعل ’کاڌو‘ فاعل ’احمد‘ جو ڪجهہ ڏيکاري ٿو ۽ جنهن شيءِ تي ڪم جو اثر ٿئي ٿو يعني ’ميوو‘، اهو بہ هن مان ظاهر ٿئي ٿو.

  يعني ’فعل متعديءَ‘ ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي ٿين ٿا، پر فعل لازميءَ ۾ فقط فاعل ٿئي ٿو.
  - **فعل متعدي معروف**: جنهن ۾ فاعل ظاهر بيٺو هجي، جيئن تہ ’احمد، گڏهہ کي ماري ٿو.‘ هتي ’احمد‘ فاعل ظاهر آهي.
  - **فعل متعدي مجهول:** هن ۾ اصلوڪو فاعل اڪثر نہ ڄاڻائبو آهي، تنهنڪري مفعول ڦري فاعل ٿيندو آهي ۽ فعل انهيءَ سچي پچي مفعول بابت ٻڌائيندو آهي تہ هن (مفعول) تي ڪو ڪم ٿئي ٿو، جهڙوڪ: ’گهوڙو مارجي ٿو.‘ هتي اهو ڄاڻايل ڪونهي تہ گهوڙي کي

• هنن مثالن مان ”پڙهبو آهي“ مڪمل فعل آهي متعدي مجهول، ان کي ٽوڙي صرف معاون فعل ”آهي“ کي لازمي فعل قرار ڏيڻ درست نٿو چئي سگهجي. (فهميده)

ڪير ماري ٿو؟ يعني فاعل لڪل آهي ۽ خود مفعول، فاعل تي ڪم آيو آهي. (ميمڻ، 1987: 6، 7، 8)

### 1.4.5. ايڇ. آر. ميمڻ پاران ڄاڻايل وصفون

ايڇ. آر ميمڻ صاحب جملي جي جزن: فعل، فاعل ۽ مفعول تي الڳ الڳ بحث ڪندي هڪ جڳهه تي لکي ٿو تہ: ”ڪي جملا اهڙا هوندا آهن، جن ۾ فقط فعل هوندو آهي، تہ بہ مطلب نڪرندو آهي، مثلاً: ’اُٿُ!‘ ڪي جملا اهڙا هوندا آهن، جن ۾ فعل سان گڏ فاعل جو هئڻ ضروري هوندو آهي، مثلاً: ’قاسم ڊوڙي ٿو‘. ڪي جملا وري اهڙا بہ هوندا آهن، جن ۾ انهيءَ لفظ جو هئڻ بہ ضروري هوندو آهي، جنهن تي ڪو ڪم ڪري ٿو.

جن جملن ۾ فقط فاعل جي اچڻ سان مطلب پورو نڪري تہ انهيءَ فاعل سان جيڪو فعل ايندو انهيءَ فعل کي فعل لازمي سڏبو آهي. جن جملن ۾ فعل سان گڏ فاعل ڪان سواءِ مفعول جو هئڻ بہ ضروري هوندو آهي، انهن جملن جي فعلن کي متعدي چئبو آهي. (ايڇ. آر 1968: 4 _ 5)

### 1.4.6. ابڙي عبدالرحيم ’ارشد‘ پاران ڄاڻايل وصفون

➡ **فعل لازمي:** اهڙا فعل، جن جو لاڳاپو فقط پنهنجي ڪم ڪندڙ يعني فاعل سان هجي ۽ مفعول جي ڪين ڪابہ درڪار نہ هجي. انهن کي فعل لازمي چئجي.

مثال: انور اسڪول ڏانهن وڃي ٿو. انهيءَ جملي ۾ ’وڃي ٿو‘ فعل لازمي آهي.

فعل لازمي جا ٻہ قسم آهن:

1. فعل لازمي معروف 2. فعل لازمي مجهول

o **فعل لازمي معروف**: اهڙو فعل، جنهن جو ڪم ڪندڙ يعني فاعل پڌرو هجي تہ ان کي فعل لازمي معروف چئجي.

مثال: انور اسڪول مان هاڻي آيو آهي. انهيءَ جملي ۾ ’آيو آهي‘ فعل لازمي معروف آهي.

o **فعل لازمي مجهول:** اهڙو فعل، جنهن جي فاعل جي خبر نہ پوي تہ ڪير آهي تہ ان فعل کي فعل لازمي مجهول چئجي.

مثال: **صبحاڻي درياءَ تي هلبو**. انهيءَ جملي ۾ **’هلبو‘** فعل لازمي مجهول آهي.

نوٽ: فعل لازمي مجهول کي فعل **’اڪرترڪ‘** يعني **’بي فاعلو‘** فعل پڻ چئبو آهي.

➡ **فعل متعدي:** متعدي معنيٰ ’اڳتي وڌندڙ‘. اهڙا فعل، جيڪي پنهنجي فاعل سان لڳي، پنهنجي ڪم جو اثر مفعول تائين پهچائين، تہ اهڙن فعلن کي فعل متعدي چئجي.

مثال: ڪير ڪتاب پڙهَي ٿو؟ انهيءَ جملي ۾ ’پڙهَي ٿو‘ فعل متعدي آهي.

نوٽ: جملي ۾ جنهن اسم يا ضمير تي فاعل وارو ڪم ٿيو هجي، يا مٿس ڪم جو اثر پيو هجي، تہ ان کي مفعول چئجي.

o **فعل متعدي معروف:** اهڙا فعل، جن جا فاعل ۽ مفعول ظاهر يعني پڌرا هجن، تہ انهن کي فعل متعدي معروف چئجي، مثال: قمر قرآن پاڪ پڙهيو. انهيءَ جملي ۾ ’پڙهَيو‘ فعل متعدي معروف آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس فاعل آهي قمر ۽ مفعول آهي قرآن پاڪ، جيڪي ٻئي پڌرا ۽ ظاهر آهن.

o **فعل متعدي مجهول**: اهڙيون فعل جون صورتون، جن جا اصلوڪا فاعل گم هجن ۽ مفعول اچي فاعل جي جاءِ وٺن، تہ انهن کي فعل متعدي مجهول چئجي.

مثال: صوف وڻ مان پٽيو ويو. ان جملي ۾ ’پٽيو ويو‘ فعل متعدي مجهول آهي. (ارشد، 1983: 13 _ 15)

### 1.4.7. محبوب علي جوکئي پاران ڄاڻايل وصفون

➡ **فعل لازمي:** اهڙا فعل، جيڪي پنهنجي فاعل سان لڳل هجن ۽ انهيءَ فعل واري ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي اسم تي نہ ٿئي، تن کي فعل لازمي چئبو آهي. فعل لازميءَ سان صرف فاعل يعني ڪم جو ڪندڙ هوندو آهي. پر مفعول، يعني ڪم جو سهندڙ نہ هوندو آهي؛ مثال:

1. ڇوڪرو **ڊوڙي ٿو**.
2. بابو هت **آهي**.

3. ٻار **روئي ٿو.**

4. احمد وڻ تي **چڙهَي ويو.**

مٿين جملن ۾، ٿلها لفظ فعل لازمي آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جو اثر ڪنهن ٻئي اسم تي ڪونه ٿو پوي، يعني اهي فعل پاڻ سان مفعول ڪونه ٿا ڪڍن.

➡ **فعل متعدي:** اهڙا فعل، جيڪي ڏيکارين ته فاعل ڪو ڪم ڪن ٿا ۽ ان ڪم جو اثر ڪن ٻين اسمن تي به ٿئي ٿو يعني فعل سان ڪم جو سهنڌڙ اسم به موجود آهي، ته اهڙن فعلن کي فعل متعدي ڪوٺبو آهي؛

مثال:

1. رشيد خط **لکي ٿو.**
2. ڪاسائيءَ ٻڪر **ڪٺو.**
3. درزي سپاٽي ڪپڙا **سبندو.**
4. مظهر انب **کائي ٿو.**

هنن جملن ۾، فاعل ۽ مفعول ٻئي موجود آهن. تنهنڪري ٿلها لفظ فعل متعدي آهن.

فعل متعديءَ جا وري ٽي قسم آهن:

o **فعل متعدي معروف**: اهڙا فعل متعدي، جن جو فاعل ظاهر، چٽو ۽ ڄاتل هجي، تن کي فعل متعدي معروف چئبو آهي. مثال:

1. ڊرائيور ڪار **هلائي ٿو.**
2. واڍو دروازو **ٺاهي ٿو.**
3. رشيد خط **لکي ٿو.**
4. تون ڪتاب پڙهَين ٿو.

مٿين جملن ۾، ٿلها لفظ فعل آهن، جن جو اصل فاعل ڄاتل يا چٽو پٽو ظاهر بيٺو آهي، تنهنڪري اهي فعل متعدي معروف آهن.

o **فعل متعدي مجهول:** اهڙا فعل، جن جو اصل فاعل گم هجي ۽ مفعول ڦري فاعل واريءَ جاءِ تي اچي، ته اهڙن فعلن کي فعل متعدي مجهول ڪوٺبو آهي؛ مثال:

1. ڪار **هلائي وئي.**
2. دروازو **ٺهي ٿو.**
3. ڪتاب **پڙهَيو ويو.**
4. انب **کائبا.**

مٿين جملن ۾، اصل فاعل يعني ڪم جو ڪندڙ گم آهي، پر مفعول ڦري فاعل واري جاءِ ورتي آهي، تنهنڪري ٿلها لفظ فعل متعدي مجهول آهن. ’مجهول‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’اڻ- ڄاتل‘. (جوکيو 1979: 21- 22)

## 1.4.8. عبدالهادي سرهئي پاران ڄاڻايل وصفون

استاد عبدالهادي سرهيو صاحب عربي توڙي سنڌيءَ جو ماهر استاد هو ۽ ٽريننگ ڪاليجن ۾ عربي توڙي سنڌي گرامر پڙهَائيندو رهيو. سنڌس هيٺيون وصفون عربي صرف و نحوَ جي سمجهاڻين مان ورتيون ويون آهن:

➡ **فعل لازمي:** جيڪو فعل صرف فاعل جي اچڻ سان پوري ڳالهه ظاهر ڪري، تنهن کي فعل لازمي چئجي ٿو. مثلاً: ذهب زيدٌ يعني زيد ويو.

➡ **فعل متعدي:** اهو فعل آهي، جو فاعل کان سواءِ مفعول به گهري. مثلاً: اڪل زيد خُبزاً = زيد ماني کاڌي. اتي ’خُبزاً‘ (ماني) مفعول آهي. (سرهيو 1986: 41)

## 1.4.9. غلام محمد سومري پاران ڄاڻايل وصفون

➡ 1. **فعل لازمي** (Intransitive verb): اهو فعل، جنهن ۾ فاعل هجي ۽ مفعول نه هجي، تنهن کي فعل لازمي چئجي ٿو. جيئن ته: حيدر ڊوڙي ٿو.

➡ 2. **فعل متعدي** (Transitive verb): اهو فعل جنهن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي هجن تنهن کي فعل متعدي چئبو آهي. جيئن ته: محمد انب کاڌو.

نوٽ: فعل متعدي جا وري ٽي قسم آهن:

(الف) **فعل متعدي معروف** (Active voice): اهو فعل جنهن ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي ظاهر يا چٽا هجن. جيئن ته: ڪريم ڪتاب پڙهَيو.

(ب) **فعل متعدي مجهول** (Passive voice): اهو فعل جنهن جو فاعل گم ٿي وڃي ۽ مفعول اچي فاعل جي جاءِ پري بيهي. مثال طور: ڪاٺ چيريو ويو. جاءِ ٺهرائبي.

(ت) **فعل متعدي بالواسطه** (Causative verb): اهو فعل جنهن جو فاعل پاڻ ڪم نه ڪري پر ٻئي کان ڪرائي تنهن کي فعل متعدي باالواسطه چئجي. مثال: نور محمد احمد کي مارايو.

(نوٽ): فعل متعدي باالواسطه جا وري به قسم آهن. (سومرو 1997: 93)

1.4.10. **محترم نور محمد ڪوسي صاحب پاران ڄاڻايل وصفون**

➡ **فعل لازمي:** اهو فعل جيڪو صرف فاعل کي جملي ۾ ظاهر ڪري ۽ مفعول سڌي يا اڻ- سڌيءَ طرح سان بہ ظاهر نہ ٿئي. لازميءَ جي معنيٰ آهي ڇهتيل رهندڙ ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيندڙ گڏ رهڻ وارو. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اهڙو فعل جيڪو هميشه پنهنجي فاعل سان گڏ رهندو هجي؛ مثال:

1. ڇوڪرو ڊوڙي ٿو. (هن ۾ 'ڊوڙي ٿو' فعل لازمي آهي. ڇاڪاڻ تہ جملي ۾ صرف فاعل يعني 'ڇوڪرو' ظاهر ٿئي ٿو.)
2. هو رلي ٿو. ('رلي ٿو' فعل لازمي آهي، هن ۾ فاعل 'هو' آهي.)
3. شاگرد اسڪول ۾ آهي. ('آهي' فعل لازمي آهي ۽ سندس فاعل 'شاگرد' آهي.)
4. انور اڄ مس مس آيو. ('آيو' فعل لازمي ۽ فاعل 'انور' آهي.)

اڪثر ڪري هيٺيان پنهنجا فعل لازمي ڏيکاريندا آهن:

پڙهڻ، ليٽڻ، سمهڻ، اچڻ، هلڻ، وڃڻ، ڊوڙڻ، ٻيهڻ، نچڻ، ڪڏڻ وغيره.

*(مصدر ڪوسي صاحب فعل لازميءَ جي قسمن جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. جڏهن تہ متعديءَ جا ڇهہ قسم ٻڌايا آهن.)*

➡ **فعل متعدي:** فعل ڏيکاري تہ ڪم جو اثر فاعل کان منتقل ٿي مفعول تائين پهچي تہ ان کي فعل متعدي چئجي يا فعل پنهنجي فاعل يا مفعول سان منسوب هجي تہ ان کي فعل متعدي چئجي؛ مثال:

1. مزدورن پٽ کيرائي. (هن جملي ۾ 'مزدورن' فاعل آهي ۽ 'پٽ' مفعول آهي، ان ڪري فعل 'کيرائي' متعدي ٿيندو.)
2. هن پنهنجي هٿ سان خط لکيو. (هن جملي ۾ 'هن' لفظ فاعل آهي ۽ 'خط' مفعول آهي، ان ڪري 'لکيو' فعل متعدي ٿيندو.)

o **فعل متعدي معروف:** معروف معنيٰ سڃاتل. يعني اهو فعل جيڪو پنهنجي فاعل ۽ مفعول جي موجودگيءَ ۾ پوريءَ طرح سڃاتو وڃي، يعني جملي ۾ فعل جا فاعل ۽ مفعول ظاهر هجن؛ مثال:

1. رازي پٽ ٺاهي. (هن جملي ۾ 'رازي' لفظ فاعل آهي، 'پٽ' لفظ 'مفعول' آهي، ان ڪري فعل 'ٺاهي' متعدي معروف آهي. هن جملي ۾ پيو ڪوبہ ابهام ڪونہ آهي. 'ڪير' يا 'ڪنهن' سوال سان فاعل آهي ۽ 'ڇا' جي سوال سان مفعول ملندو.)
2. هاشم هڪ جاءِ خريد ڪئي. (هن جملي ۾ 'هاشم' فاعل آهي ۽ 'جاءِ' مفعول آهي. ان ڪري 'خريد ڪئي' فعل متعدي معروف آهي.)

o **فعل متعدي مجهول:** اهو فعل جنهن مان 'فاعل' جي هجڻ لاءِ ڄاڻ نہ هجي، بلڪ مفعول ظاهر هجي؛ مثال:

1. وڻ مان انب پٽيا ويا. (هن جملي ۾ 'انب' مفعول آهي، 'پٽيا ويا' فعل آهي، پر اهي انب ڪنهن پٽيا؟ ان جي ڄاڻ نہ آهي. ان ڪري 'پٽيا ويا' فعل متعدي مجهول چئبو.)
2. فقير کي خيرات ڏني ويئي. (هن جملي ۾ 'خيرات' مفعول آهي ۽ 'ڏني وئي' فعل متعدي مجهول آهي، ليڪن اها ڄاڻ نہ آهي تہ فقير کي ڪنهن خيرات ڏني.) (ڪوسو 2005: 47_ 50)

1.4.11. **مسڪين راشديءَ پاران ڄاڻايل وصفون**

➡ **فعل لازمي:** اهڙو فعل جيڪو پنهنجي فاعل سان لڳل ڳنڍيل ۽ لاڳاپيل هجي، ان کي فعل لازمي چئبو آهي. فعل لازمي فقط فاعل جو عمل ظاهر ڪندو آهي؛ مثال:

1. مان اچان ٿو.
2. تون اچين ٿو.
3. هو اچي ٿو.
4. اهي اچن ٿا.

➡ **فعل متعدي:** لفظ متعدي جي معنيٰ آهي وچڙندڙ. مثلاً: سلهہ ۽ فلو متعدي مرض آهن. اهڙو فعل جيڪو فاعل کان اڳتي وڌي مفعول سان وچڙي ان کي فعل متعدي چئبو آهي؛

1. مان خط لکان ٿو.
2. تون خط لکين ٿو.
3. اسين خط لکون ٿا.
4. احمد خط لکي ٿو.

اهڙو متعدي فعل جنهن جو فاعل ڄاتل سڃاتل يعني معروف هجي، ان کي فعل متعدي معروف چئبو آهي.
اهڙو متعدي فعل جنهن جو فاعل اڻ- ڄاتل، اڻ- سڃاتل، مجهول يعني گم ٿيل هجي ته ان کي فعل متعدي مجهول ڪوٺبو آهي. (راشدي، 2007: 67، 69، 71)

### 1.4.12 محمد عيسيٰ چني پاران ڄاڻايل وصفون

"فعل جا مکيه ٻه قسم آهن 1. فعل لازمي، 2. فعل متعدي.

➡ 1. **فعل لازمي** : لازمي معنيٰ ضروري. جملي ۾ اهو فعل جنهن جو لاڳاپو صرف فاعل سان هجي ۽ انهيءَ جو اثر ٻئي ڪنهن اسم تي نه پوي تنهن کي فعل لازمي چئبو آهي، مثال:

1. اسلم ڊوڙي ٿو. 2. هو حيدرآباد ويو.

هنن ۾ ڊوڙي ٿو ۽ ويو فعل لازمي آهن.

➡ 2. **فعل متعدي**: فعل متعديءَ جا ٽي قسم آهن.

(الف) **فعل متعدي معروف**: معروف معنيٰ ڄاتل سڃاتل. اهڙو فعل جنهن جو فاعل ۽ مفعول ٻئي موجود هجن، تنهن کي فعل متعدي معروف چئبو آهي. مثلاً: امجد خط لکي ٿو.

(ب) **فعل متعدي مجهول**: مجهول معنيٰ گم ٿيل. اهو فعل جنهن جو فاعل گم ٿيل هجي ۽ مفعول اچي فاعل جي جاءِ والاري تنهن کي فعل معتدي مجهول چئبو آهي. مثلاً: خط لکجي ٿو.

(ج) **فعل متعدي باالواسطه**: باالواسطه معنيٰ واسطي سان يا معرفت سان اهڙا فعل جن جافاعل پاڻ ڪم نه ڪن پر ٻئي کان ڪم ڪرائين يا ٻئي جي معرفت ڪم ڪن، تن کي فعل متعدي باالواسطه چئبو آهي.
مثلاً: هاريءَ استاد کان خط لکرايو. (چنو 2011: 27_ 28)

### 1.4.13 'رين اينڊ مارٽن' (Wren & Martin) ۾ ڄاڻايل وصفون

هت انگريزيءَ ۾ 'رين اينڊ مارٽن' (Wren & Martin) پاران بيان ڪيل مثالن سوڌو وصفن کي به شامل ڪجي ٿو ته جيئن اهو جاچجي ته: ڇا انگريزي گرامر ۾ اهڙا 'فعل لازمي' ڪم آندا وڃن ٿا، جن ۾ امڪاني مفعول جي هجڻ جو اشارو ملندو هجي؟

1. The boy kicks the football.
2. The boy laughs loudly.

In sentence 1, the action denoted by the verb 'kicks' passes over form the doer or subject 'boy' to some object 'foot ball'. The verb 'kicks' is, therefore, called a Transitive verb. (Transitive means passing over.)

In sentence 2, the action denoted by the verb 'laughs' stops with the doer or Subject 'boy' and does not pass over to an Object. The verb 'laughs' is, therefore, called an Intransitive verb (intransitive means not passing over.)

- Definition: A Transitive Verb is a Verb that denotes an action which passes over from the doer or Subject to an Object.
- Definition: An Intransitive Verb is a verb that denotes an action which does not pass over to an Object, or which expresses a state or being; as,

| | |
|---|---|
| He ran a long distance. | (Action) |
| The baby sleeps. | (State) |
| There is a flaw in this diamond. | (Being) |

(Wren, 2006: 54, 55)

مثالن بعد ڄاڻايل پهرينءَ وصف ۾ فعل متعديءَ بابت اها وضاحت ملي ٿي ته: 'اهڙو ڪم/ فعل جيڪو ڪم ڪندڙ/ فاعل کان مفعول ڏانهن منتقل ٿئي'. ان وصف جي بنياد تي جڏهن 'اياز کائي ٿو' واري فعل ۽ فاعل کي ڏسجي ٿو ته ان چوڻ ۾ ڪا هڪ ڪانه ٿي ٿئي ته 'کائڻ' وارو عمل 'ڇا' جي سوال پٺاندر منتقل ته ٿئي ٿو، ليڪن اهو آهي جو 'مفعول' پڌرو ڄاڻايل ڪونهي.

### 1.5 عالمن جي وصفن مان حاصل ٿيندڙ چند نُڪتا

چند عالمن جي وصفن مان ڄاڻايل مٿين سوالن جي روشنيءَ ۾ هيٺيان نڪتا اخذ ٿين ٿا، جن تي ويچار ڪرڻ جي بيهڪ گهرج پيش اچي ٿي:

- 'اشفاق ڳائي ٿو - فهميده ڌوئي ٿي- اياز لکي ٿو' ۾ ڪم آندل فعلن بابت مختلف رايا ملن ٿا.

- عالمن/ استادن فعل لازميءَ جي مثالن ۾ اهڙن فعلن کي ڪم آندو آهي، جن سان مفعول جي هجڻ جو امڪان ئي نہ هجي- سواءِ محترم دادا سنڌيءَ جي!
- اهڙا فعل بہ ٿين ٿا، جيڪي لازمي ۽ متعديءَ ٻنهي ۾ ڪم اچن ٿا.
- ڪنهن جملي ۾، فعل سان لاڳاپيل ’مفعول‘ بہ بہ ٿي سگهن ٿا، هڪ: سڌو ٻيو: اڻ- سڌو.
- ’صوف وڻ مان ڇنيو ويو‘ يا ’وڻ مان انب ڇنيا ويا‘ واري جملي ۾ لفظ ’وڻ مان‘ سڌو يا اڻ- سڌو مفعول ڪونهي.
- ’فعل لازمي مجهول‘ کي فعل اڪرترڪ يا ’بيفاعلو فعل‘ڪوٺيو وڃي ٿو. ان سببان فعل لازميءَ جو صرف هڪ ئي قسم آهي.
- ڪنهن جملي ۾ ’فاعل‘ جو واضح نہ هجڻ بہ ’هجڻ جو دليل‘ آهي.
- لفظ مجهول جو اطلاق صرف ’فاعل جي واضح نہ هجڻ‘ سان ٿئي ٿو، ’مفعول جي غير موجودگيءَ‘ سان نہ ٿو ٿئي.
- فعل متعدي مجهول، انگريزيءَ جي Passive voice سان مماثل آهي.
- فعل لازمي يا متعديءَ جو فرق ڳالهائجندڙ ٻولي ۽ لکجندڙ ٻوليءَ ۾ الڳ الڳ ٿي سگهي ٿو.
- لازمي ۽ متعدي لفظن جي ڄاڻايل معنائن ۾ فرق سامهون اچي ٿو.

### 1.5.1. *’اشفاق ڳائي ٿو‘ - ’فهميده ڏوئي ٿي‘ - ’اياز کائي ٿو‘ ۾ ڪم آندل فعلن بابت مختلف رايا سامهون اچن ٿا.*

دادا سنڌيءَ جي ڄاڻايل فعل لازميءَ جي مثالن مان ذاتي ذهن ۾ جڙيل خاڪي ۾ مونجهارا ٿين ٿا. چند استادن/ دوستن کان ذاتي طور تي معلوم ڪيو ويو، جتان مختلف خيال سامهون آيا آهن؛ اهڙا مختلف رايا خيال خاطر پڙهندڙن آڏو رکجن ٿا:

| عالم/ استاد | فعل لازميءَ بابت راءِ | فعل متعديءَ بابت راءِ |
|---|---|---|
| سيد ضياءُ الدين شاه، درازن وارو | ✓ | ✗ |
| ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ- ڪراچي يونيورسٽي | ✗ | ✓ |
| ڊاڪٽر ادل سومرو | ✗ | ✓ |
| برڪت بلوچ- خيرپور يونيورسٽي | ✓ | ✗ |
| حافظ غلام مصطفيٰ راڄپر، اسسٽنٽ پروفيسر ڪراچي | ✗ | ✓ |
| آفتاب ابڙو ڪراچي | ✗ | ✓ |
| محمد ناظم خان ماتلوي | ✓ | ✗ |
| دين محمد ڪلهوڙو حيدرآباد | ✗ | ✓ |
| استاد نور محمد ڪوسو، ٺاروشاه | ✓ | ✓ |
| استاد محمد عيسيٰ چنو، ٽنڊو آدم | ✗ | ✓ |
| قاري محمود اياز انيڙ ڪڏو مدرسو ڪراچي | ✗ | ✓ |
| حفيظ الله سندراڻي، اسسٽنٽ پروفيسر ٺل | ✗ | ✓ |
| سليم رضا ملاح، اسسٽنٽ پروفيسر محراب پور | ✗ | ✓ |
| ليڪچرر عبدالمالڪ عباسي، | ✓ | ✗ |

| جيڪب آباد | | |
| --- | --- | --- |
| استاد غلام مرتضيٰ نانگور نهائين شريف | × | ✓ |
| استاد اعجاز احمد ميمڻ، محرابپور | × | ✓ |

اڪثريتي راءِ فعل متعديءَ بابت سامهون آئي آهي، ليڪن حقيقت اها آهي ته اڪثريتي راءِ ڪي علمي ماڻ ۾ توري نه ٿو سگهجي/ حيثيت نه ٿي ڏئي سگهجي. هتي صرف اختلاف کي نمايان ڪرڻ مقصود آهي.

هن ڏِس ۾، استاد نور محمد ڪوسي صاحب جو نالو ان لحاظ کان ٻنهي ۾ شامل ڪيو آهي ته هو صاحب ٻنهي خيالن کي رد نه ٿو ڪري. صاحب موصوف جو خيال آهي ته جنهن صورت ۾ مفعول واضح نه هوندو آهي ته ان صورت ۾ فعل لازمي چئي سگهجي ٿو، جنهن حالت ۾ امڪاني مفعول آڏو اچي ٿو ان صورت ۾ فعل متعدي هجڻ وارو خيال به رد نه ٿو ڪري سگهجي. ڪنهن حتمي راءِ ڏيڻ واري عرض تي لاچار فعل متعديءَ بابت خيال رکيائين.

پروفيسر حافظ غلام مصطفيٰ راڄپر صاحب به ٻنهي خيالن کي رد نه ڪيو، ليڪن چند گهڙيون سوچڻ کان پوءِ فعل متعديءَ جي راءِ رکيائين.

ساڳيو حال استاد محمد عيسيٰ چني جو رهيو، جنهن پڻ هڪدم ته ’فعل لازميءَ‘ جي راءِ رکي، ليڪن ٻن پهرن جي غور ويچار بعد ’فعل متعديءَ‘ جي راءِ رکيائين.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ صاحب تفصيلي بحث بعد ’فعل متعديءَ‘ جي راءِ رکي. ڊاڪٽر صاحب ’فعل متعديءَ‘ بابت ٻڌايو ته: اهڙو فعل جنهن ۾ مفعول جي ضرورت پيش اچي، ان کي فعل متعديءَ ۾ شامل ڪبو. مذڪوره فعلن ۾ مفعول جي ضرورت پيش اچي ٿي، ان لاءِ انهن کي فعل متعديءَ ۾ شامل ڪبو. محترم عبدالهادي سرهئي ۽ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جي وصفن ۾ مفعول جي ’ضرورت/ گهر‘ هجڻ واري ڳالهه ۾ ساڳيائپ آهي.

برڪت بلوچ راءِ رکي ته: مذڪوره فعلن سان مفعول واضح نه آهي، ان ڪري فعل لازميءَ ۾ ئي شمار ڪيو ويندو. وڌيڪ وضاحت ڪندي چيائين ته: اهڙي قسم جي ظاهري جملن جي نوعيت مان اندازو ڪرڻ کي انگريزيءَ ۾ Conventional Grammar چيو ويندو آهي، جڏهن ته سنڌيءَ ۾ اهڙو ڪو اصطلاح (Term) موجود ناهي.

بهرحال حالت اها وڃي بيٺي آهي ته:

- ڪن عالمن/ استادن ڄاڻايل مثالن کي ’فعل لازميءَ‘ ۾ شامل ڪيو.
- ڪن عالمن/ استادن ڄاڻايل مثالن کي ’فعل متعدي مجهول‘ ۾ شامل ڪيو.
- ڪن عالمن/ استادن ڄاڻايل مثالن کي ٻنهي ۾ شامل هجڻ جو امڪان ڏيکاريو.

مختلف استادن/ عالمن کان مختلف راين جي صورت ۾ هڪ لچڪ سامهون آئي آهي؛ اهو ئي سبب آهي، جو اهڙن نُڪتن جو ڀيهر اڀياس انتهائي ضروري هوندو آهي.

1.5.2. *اڪثر عالمن/ استادن فعل لازميءَ جي مثالن ۾ اهڙن فعلن کي ڪم آندو آهي، جن سان مفعول جي هجڻ جو امڪان ئي نه هجي.*

عالمن جي ڄاڻايل فعل لازميءَ وارن مثالن جي اڀياس مان اهو ئي اخذ ٿئي ٿو ته سواءِ محترم دادا سنڌيءَ جي، مڙني عالمن اهڙا فعل ڪم آندا آهن، جن ۾ مفعول جي هجڻ جو امڪان ئي نه هجي؛ مثلاً: ڊوڙڻ، لڏڻ، اڀرڻ، اچڻ، وڃڻ، هلڻ، روئڻ، چڙهَڻ، رلڻ، ٻڏڻ، ليٽڻ، سمهڻ، ويهڻ، نچڻ، ڪڏڻ وغيره.

جڏهن ته محترم دادا سنڌيءَ اهڙا فعل ڄاڻايا آهن، جن سان ’مفعول‘ جي هجڻ جو امڪان رهي ٿو، مثلاً: ڳائڻ، ڏوئڻ، ڪائڻ.

ان معاملي (Dilemma) تي محترم آفتاب ابڙي سان ڪچهري ٿي، جنهن هڪ فائينل پاس، جهوني استاد جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته: ”ان جهوني استاد مون کان سوال ڪيو ته ’اهڙو هڪ - لفظو جملو ٻڌاءِ، جنهن ۾

فعل، فاعل ۽ مفعول ٿئي ڪم آيا هجن!' مون ٿورو ويچاري ٻڌايو ته: 'ڪاڏم*!' ان تي، ان استاد مون کي درست قرار ڏنو".

اصل ڳالهه اها آهي ته پراڻن استادن پاران اهو ئي ڏسيل آهي ته جنهن جملي ۾ اهڙو فعل ڪم آندل هجي جنهن سان 'مفعول' جي هجڻ جو امڪان رهي ته ان کي 'فعل متعديءَ' ۾ سمجهيو ويندو.

ڄاڻايل فعل لازميءَ جي مثالن: 'اشفاق ڳائي ٿو'_ 'فهميده ڏوئي ٿي'_ 'اياز ڪائي ٿو' مان به خيال ظاهر ٿين ٿا:

1. ڄاڻايل جملن ۾ بيشڪ 'مفعول' پڌرو ڪونهي، ان لاءِ اهڙن فعلن کي فعل لازميءَ ۾ شمار ڪيو ويندو.
2. ڄاڻايل جملن ۾ 'مفعول' جي هجڻ جو امڪان آهي (يعني ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جي هجڻ جو خيال ته ملي ٿو)، ان لاءِ اهڙن فعلن کي فعل متعديءَ ۾ شمار ڪيو ويندو.

حقيقت ۾، ٻوليءَ جي نسبت اهڙا فعل به سامهون اچن ٿا، جن ۾ امڪاني طور تي به 'مفعول' نٿو ٿئي؛ جيئن: اچڻ، سمهڻ، ڊوڙڻ وغيره.

اتي سوال اهو به پيدا ٿئي ٿو ته:

? ڇا اهڙا جملا به ٿي سگهن ٿا، جن ۾ فعل 'ٻڌڻ، ليٽڻ، سمهڻ، اچڻ، هلڻ، وڃڻ، ڊوڙڻ، بيهڻ، ويهڻ، نچڻ، ڪڏڻ وغيره ' سان ڪو مفعول ٿيندو هجي؟

جواب يقيناً 'نه' ۾ ملندو. مثلاً: 'سرواڻ اسڪولِ وڃي ٿو.' واري جملي ۾ 'اسڪولِ' مان مراد 'اسڪول ڏانهن' آهي، جيڪو 'مفعول' ناهي، بلڪ 'ظرف مڪان' ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. جنهن سبب ان جملي جي Passive form ۾ تبديلي نه ٿيندي، پر ڪي استاد، ان جملي کي جڳاڙي نموني تبديل ڪري به ويندا آهن؛ جيئن:

Active voice: *Sarwan goes to school.*
Passive voice: *An action of going to school is done by Sarwan.*

---

* 'ڪاڏم' برابر آهي 'مون ڪاڏو' جي، جنهن ۾ 'مون' فاعل آهي ۽ 'ڪاڏو' فعل. هن هڪ لفظي جملي ۾ ڪوبه مفعول ڪونهي، البت مفعول جو امڪان موجود هئڻ سبب ان جو فعل متعدي آهي. (فهميده)

اهو انداز Transformation of Sentences جي زمري ۾ ته آڻي سگهجي ٿو، ليڪن فعل 'وڃڻ' سان 'اسڪول' کي مفعول نه ٿو بڻائي سگهجي.

اهڙي نموني ٻوليءَ جي نسبت اهڙا فعل به آهن، جن ۾ امڪاني طور تي 'مفعول' ٿئي ٿو؛ جيئن: لکڻ، پڙهَڻ، ڪائڻ وغيره. اهڙي قسم جي فعلن سان ڪنهن نه ڪنهن شيءِ (مفعول) جي هجڻ جو تصور ملي ٿو. ان صورت ۾ 'مفعول' چٽي نموني ڄاڻايل هجي يا نه هجي، ليڪن امڪاني مفعول جي بنياد تي 'فعل متعديءَ' ۾ ڄاڻائي سگهجي ٿو.

انگريزيءَ ۾ اهڙن فعلن جي نوعيت به ڏيکاريل آهي، جيڪي لازمي ۽ متعدي ٻنهي ۾ ڪم اچي سگهن ٿا، ان لاءِ ڄاڻايل آهي ته:

Most verbs can be used both as Transitive and as Intransitive verbs. It is; therefore, better to say that a verb is used transitively or intransitively rather than that it is Transitive or Intransitive.

| **Used Transitively** | **Used Intransitively** |
|---|---|
| The ants *fought* the wasps. | Some ants *fight* very fiercely. |
| The shot *sank* the ship. | The ship *sank* rapidly. |
| *Ring* the bell, Rama. | The bell *rang* loudly. |
| The driver *stopped* the train. | The train *stopped* suddenly. |
| He *spoke* the truth. | He *spoke* haughtily. |
| The horse *kicked* the man. | This horse never *kicks*. |
| I *feel* a severe pain in my head. | How do you *feel*? |

Note: some verbs, e.g. *come, go fall, die, sleep, lie,* denote actions which cannot be dome to anything; they can, therefore, never be used Transitively. (wren, 2006: 55)

ڏنو وڃي ته انگريزيءَ ۾، فعل لازميءَ جي مثالن جي جملن کي اسان وٽ فعل متعدي مجهول ۾ سمجهيو ويندو آهي، جيئن: The train *stopped* suddenly 'ريل گاڏي اچانڪ بيٺي. / امالڪ ريل گاڏي بيٺي♣' منهنجي

---

♣ مصدر 'بيهڻ' مان نهيل فعل لازمي ٿيندا آهن، جيئن اٿڻ، ڊوڙڻ، ويهڻ مان نڪتل فعل، ان ڪري هن جملي ۾ فعل لازمي آهي. انگريزيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ به اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، جن جون به

خيال ۾ اهڙي قسم جي جملي کي سنڌي وياڪرڻ موجب ’فعل متعدي مجهول‘ ۾ سمجهيو ويندو آهي. ان لاءِ اهڙي استعمال تي، چئي سگهجي ٿو تہ ’هر ٻوليءَ جو مزاج پنهنجو پنهنجو آهي.‘

دادا سنڌيءَ جي چاٽايل فعل لازميءَ جي مثالن بابت مختلف بزرگن/ دوستن کان مختلف خيال حاصل ٿيا آهن. ان حالت ۾ اهڙن ٻنهي خيالن کي رد ڪري نہ ٿو سگهجي; منهنجي ذاتي راءِ موجب دادا سنڌيءَ جا چاٽايل فعل لازميءَ جا مثال ’فعل متعديءَ‘ جا آهن. چند بزرگن/ دوستن جي مختلف راين کي سامهون رکي اها راءِ جڙي ٿي تہ اهڙي قسم جي فعلن کي ’ترجيح‘ واري ميدان ۾ آڻڻ گهرجي يا ٻيءَ صورت ۾ کو الڳ ’وياڪرڻي اصطلاح‘ ڪم آندو وڃي.

### 1.5.3. ***اهڙا فعل بہ ٿين ٿا، جيڪي لازمي ۽ متعديءَ ٻنهي ۾ ڪم اچن ٿا.***

انگريزي گرامر Wren & Martin مان اهو نڪتو بہ ملي ٿو تہ ساڳيو فعل، لازمي توڙي متعديءَ ۾ ڪم اچي سگهي ٿو. اهڙي سڄي استعمال جو دارومدار فعل جي صيغي (Mood) تي هوندو آهي. ڪي فعل بغير مفعول جي پورو خيال پيش ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ساڳيا فعل اڌوري ڳالهہ پيش ڪندا آهن، جتي ڪنهن مفعول جي هجڻ جي کوٽ محسوس ڪئي ويندي آهي. فرض ڪريو تہ ’کيڏڻ‘ مصدر مان هينيان جملا ڪم اچي سگهن ٿا:

1. زهرا گڏيءَ سان کيڏي ٿي/ سرواڻ پيڻ سان کيڏي ٿو.
2. سرواڻ ڪٻٽي راند کيڏي ٿو/ سرواڻ ڪرڪيٽ کيڏي ٿو.

ٻنهي جملن ۾ ساڳيو فعل ڪم آندو ويو پهرئين ۾ فعل لازميءَ طور ڪم آيو ٻئي ۾ فعل متعديءَ طور استعمال ٿيو. ان مان اهو ئي اخذ ٿئي ٿو تہ ’ساڳيو فعل‘ لازمي توڙي متعديءَ طور ڪم اچي سگهي ٿو: اهڙي فرق جو دارومدار فعل جي صيغي (Mood) تي آهي. اهڙين صورتن ۾ شرط وري بہ جملي جي پورائيءَ جو هوندو آهي، جنهن ۾ پورو خيال منتقل ٿي سگهي.

ٻنهي جملن جي Mood جاچڻ کان پوءِ جڏهن دادا سنڌيءَ جا چاٽايل فعل لازميءَ جا مثال ڏسجن ٿا، تہ بہ خيال سامهون اچن ٿا:

1. اشفاق ڳائي ٿو. (ڪنهن حد تي خيال پورو ٿئي ٿو)
2. فهميده ڌوئي ٿي. (هن ۾ خيال اڌورو رهجي ٿو تہ ڇا ٿي ڌوئي، ڪپڙا يا ٿانوَ؟)
3. اياز لکي ٿو. (هن ۾ پڻ اڌورو خيال منتقل ٿئي ٿو تہ ڇا ٿو لکي ۽ ساڳئي وقت ڪنهن حد تي ڳالهہ پوري بہ محسوس ٿئي ٿي)

پروفيسر پيرومل صاحب بہ فعل متعديءَ جي وضاحت ۾، فعل جي صيغي (Mood) آهر، خيال جي پورائيءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ: ”ڇوڪرو کائي ٿو. هتي ’ڇوڪرو‘ فاعل آهي ۽ ’کائي ٿو‘ فعل آهي پر جملي مان اها خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڇوڪرو ڇا ٿو کائي. جيڪڏهن چئبو تہ <u>’ڇوڪرو‘ ماني کائي ٿو‘ تہ پوءِ مطلب پورو نڪرندو</u> ۽ چئبو تہ ’کائي ٿو‘ فعل متعدي آهي.“ (ص: 92)

پيرومل صاحب جي چاٽايل فعل معتديءَ جي وضاحت ۾ مفعول کان سواءِ، جملو تہ ملي ٿو ليڪن ان ۾ بہ اها وضاحت ڪانهي تہ اهو جملو ڪو فعل لازميءَ جو ٿيندو! بلڪ جملي جي اڻپورائيءَ جي ڳالهہ سامهون اچي ٿي. اصل ۾ پيرومل صاحب جي وضاحت ۾ واضح ۽ غير واضح مفعول جو مثال چاٽايل آهي; جنهن سان فعل ’کائي ٿو‘ فعل متعديءَ جي دلالت ڪري ٿو.

ان مان اهوئي حاصل ٿئي ٿو تہ فعلي صيغي (Mood) جي لحاظ کان دادا سنڌيءَ جا چاٽايل فعل لازميءَ جا مثال، پروفيسر پيرومل جي اشاري پٽاندر، اڌوري ڳالهہ منتقل ڪن ٿا; ان صورت ۾ چاٽايل مثال فعل لازميءَ يا متعديءَ ۾ شامل ڪرڻ واري بدران، بنيادي طالب علمن لاءِ بهتر نہ ٿي قرار ڏئي سگهجي.

---

صورتون هونديون آهن. مثلاً ٻيهہ ۽ ٻيهار يا ويهہ ۽ ويهار. وڄ ۽ وڄاءِ وغيره. انهن مان پهرين صورت ۾ فعل لازمي آهي تہ ٻي صورت ۾ متعدي. (فهميده)

پروفيسر پيرومل جي فعل واري صيغي جِي وضاحت کان پوءِ ان چوَڻ ۾ ڪابہ هٻڪ نہ ٿي ٿئي تہ مٿي ڄاڻايل اردو مثال: 'لڑکا پڑھتا ہے'، اڏوري ڳالهہ منتقل ڪري ٿو. جنهن بنياد تي ان کي فعل لازميءَ بجاءِ فعل متعديءَ ۾ شامل هجڻ گهرجي.

### 1.5.4. ڪنهن جملي ۾ فعل سان لاڳاپيل 'مفعول' ٻہ بہ ٿي سگهن ٿا. هڪ: سڌو ۽ ٻيو: اڻ-سڌو. ('مفعول' ڄاڻڻ جو طريقو)

ڪنهن جملي مان فعل جي ذريعي مفعول ڄاڻڻ انتهائي ضروري هوندو آهي. ان حوالي سان استاد محمد عيسيٰ چنو صاحب لکي ٿو تہ: "فاعل ڳولڻ لاءِ فعل کان سوال پڇبو آهي 'ڪير يا ڪنهن'، جيڪو جواب اچي اهو فاعل ٿيندو. مفعول ڳولڻ لاءِ فعل کان سوال پڇبو 'ڇا'؟ جيڪو جواب اچي اهو مفعول ٿيو." (چنو 2011: 33)

بنيادي طالب علم کي، سادي نموني، مفعول ڄاڻڻ جو اهو ئي طريقو ٻڌايو ويندو آهي تہ 'فعل' کان 'ڇا' جو سوال پڇيو وڃي تہ جواب ملي ويندو. جيئن: سرواڻ اسڪولِ وڃي ٿو. / سرواڻ اسڪولَ ڏانهن وڃي ٿو.

فاعل ڄاڻڻ لاءِ: 'ڪير' اسڪول وڃي ٿو؟ جواب: سرواڻ. اهو ٿيو فاعل.

مفعول ڄاڻڻ لاءِ: 'ڇا' وڃي ٿو؟ جواب ڪونہ ٿو ملي. ان لاءِ چئبو تہ هن جملي ۾ مفعول ڪونهي.

ان جملي کي انگريزيءَ ۾ مٽائبو تہ ٿيندو: 'Sarwan goes to school'

هاڻي انگريزيءَ ۾ ان جملي جي Passive voice ممڪن ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ ان جملي ۾ مفعول ڪونهي. ان آڌار چئي سگهبو تہ مٿي ڄاڻايل اردو جملو 'لڑکے اسکول آئے' فعل متعديءَ جو نہ پر فعل لازميءَ جو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ 'اسڪول' جي حيثيت ظرف مڪان واري رهي ٿي. اداري ۽ ايڊيٽر/ مؤلفن جي لاپرواهيءَ سبب اهو جملو فعل متعديءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

ٻيو جملو جيڪو پيرومل آڏواڻيءَ فعل متعديءَ طور ڄاڻايو آهي اهو آهي: سوار گهوڙو ماري ٿو/ سوار گهوڙي کي ماري ٿو.

ظاهري طور، بنيادي طالب علمن لاءِ ڄاڻايل، 'مفعول ڄاڻڻ واري اصول' پٽاندر 'گهوڙو' مفعول ڪونهي؛ ڇاڪاڻ تہ 'ڇا ماري ٿو؟' واري سوال جو جواب صاف نہ ٿو ملي؛ بلڪ 'ڪنهن کي ماري ٿو؟' جو جواب ملي ٿو. ان مان اهوئي اخذ ٿئي ٿو تہ 'حالت جريءَ' جي صورت ۾ بہ مفعول ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ مفعول 'ڪنهن کي؟' واري سوال سان بہ ملي سگهي ٿو.

اهڙو اندازو محترم نور محمد ڪوسي جي ڄاڻايل فعل لازميءَ جي وصف مان بہ ٿئي ٿو تہ: "اهو فعل جيڪو صرف فاعل کي جملي ۾ ظاهر ڪري ۽ مفعول سڌي يا اڻ- سڌيءَ طرح سان بہ ظاهر نہ ٿئي." جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪنهن جملي ۾ ٻہ مفعول بہ ٿي سگهن ٿا. اهڙو خيال ڪنهن حد تي پيرومل آڏواڻيءَ جي ڄاڻايل فعل متعديءَ جي مثال مان بہ ملي ٿو تہ: سوار گهوڙو ماري ٿو/ سوار گهوڙي کي ماري ٿو.

ظاهري طور تي 'سوار گهوڙو ماري ٿو' ۾ 'گهوڙو' مفعول ڪونهي. ليڪن جڏهن 'ڪنهن کي ماري ٿو؟' وارو سوال ڪجي ٿو تہ مفعول 'گهوڙو' ملي ٿو. جيڪو اڻ- سڌو مفعول آهي.

انگريزيءَ ۾ هڪ سادو جملو آهي، جنهن جي Passive voice ٻن مفعولن سان ٿيندو آهي:

- *Active voice:* The teacher teaches us Sindhi.
- *Passive voice 1:* Sindhi is taught us by the teacher[•].
- *Passive voice 2:* We are taught Sindhi by the teacher.

مفعول 1 ڄاڻڻ جو سوال: ڪير سيکاري ٿو؟ جواب: استاد.

مفعول 2 ڄاڻڻ جو سوال: ڪنهن کي سيکاري ٿو؟ اسان کي.

اهڙي اڀياس بعد اهو خيال جڙي ٿو تہ ڪنهن جملي ۾ ٻہ (2) مفعول ٿي سگهن ٿا؛ هڪ: سڌو ٻيو: اڻ- سڌو.

---

[•] هن جملي ۾ 'us' جو لفظ مفعول ڪونهي ۽ بنا حرف جر 'to' جي ڪم ڪونہ ايندو آهي. اهو جملو هيئن ٿهندو: Sindhi is tought to us by the teacher

### 1.5.5. ’وڻ مان انب پٽيا ويا‘ واري جملي ۾ لفظ ’وڻ مان‘ سڌو يا اڻ_سڌو مفعول ڪونهي.

عالمن جيڪي مثال ڏنا آهن، تن ۾ اهڙا لفظ بہ اچن ٿا، جيڪي ڪنهن حوالي سان اثر انداز تہ ٿين ٿا، ليڪن سڌي يا اڻ_ سڌيءَ طرح مفعول نہ ٿا ڄاڻا وڃن؛ جيئن: ’وڻ مان انب پٽيا ويا‘ يا ’صوف وڻ مان پٽيو ويو‘ ۾ ’وڻ مان‘ مفعول ڪونهي. اصل ۾ ’وڻ‘ تہ اسم آهي ليڪن جڏهن اهڙن لفظن سان حرف جر جو استعمال ٿئي ٿو تہ ’ظرف‘ ۾ شامل سمجهيو وڃي ٿو. اهڙي نموني اسمن سان اهڙن حرف جرن جو استعمال جيڪو ظرف/ هنڌ جي مراد ڏيکاري تہ ان کي مفعول ۾ نہ ڄاتو ويندو.

اهڙي نموني ’احمد اسڪولِ وڃي ٿو/ احمد اسڪولَ ڏانهن وڃي ٿو‘ يا ’لڑکے اسکول آئے‘ جهڙن جملن ۾ ’اسڪولِ‘ (اسڪولَ ڏانهن حرف جر سببان) مفعول ناهي، بلڪ ’ظرف مڪان‘ واري حيثيت ۾ آهي. سنڌيءَ ۾ جن اسمن سان حرف جر (۾، تي، وٽ، وٽان، کان، سان، بابت وغيره) ۽ ظرف مڪان (مٿان، هيٺان، ٻاهر، اندر وغيره) ڪم ايندو آهي، ان جي حيثيت مفعول واري نہ هوندي آهي، بلڪ فعل جو وڌاءُ سمجهيو ويندو آهي.

بدقسمتيءَ سان ساهتي پرڳڻي جي چند پرائيويٽ اسڪولن (شهرن جا نالا لکڻ درست ڪونهي) جي ٻارن جِي ڪاپين ۾ ’احمد/ انور اسڪولِ وڃي ٿو‘ جهڙن جملن کي فعل متعديءَ ۾ ڄاڻايل نوٽ ڪيو ويو.

### 1.5.6. ’فعل لازمي مجهول‘ کي فعل اڪرترڪ يا ’بيفاعلو فعل‘ ڪوٺيو وڃي ٿو، ان سببان فعل لازميءَ جو صرف هڪ ئي قسم آهي.

چند عالمن/ استادن جي پيش ڪيل فعل لازميءَ مان اهو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ ’فعل لازمي‘ جو صرف هڪ ئي قسم آهي، هن ۾ معروف يا مجهول نہ ٿو ٿي سگهي. جنهن فعل لازميءَ ۾ فاعل ڄاڻايل ڪونهي، ان کي ’فعل اڪرترڪ‘ ڪوٺيو ويو آهي.

جن عالمن/ استادن فعل لازميءَ جا ’معروف يا مجهول‘ جا اشارا تہ ڏنا آهن، ليڪن ان جا قسم نہ ڄاڻايا آهن تن ۾ هي نالا ڳڻي سگهجن ٿا: پيرومل آڏواڻي، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، محبوب علي جوکيو، نور محمد ڪوسو، مسڪين راشدي ۽ دادا سنڌي.

جن عالمن/ استادن فعل لازميءَ جا ’معروف ۽ مجهول‘ وارا قسم ڄاڻايا آهن، تن ۾ هي نالا اچن ٿا: مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ابڙو عبدالرحيم ارشد.

- دادا سنڌي فعل لازميءَ جي قسمن لاءِ لکي ٿو تہ: ”فعل اڪرترڪ: اهڙا فعل جن ۾ فاعل ۽ مفعول جو ڪم صاف ڏيکاريل نہ هجي. هن فعل ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي گم هوندا آهن.“ (دادا، 2010: 56)
- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي فعل لازميءَ جي قسمن بابت اشارو ڏيندي لکي ٿو تہ: ”’احمد آيو‘ جملي ۾ فعل لازميءَ جو فاعل صاف ظاهر بيٺو آهي، تنهنڪري هن فعل لازميءَ کي ’فعل لازمي معروف‘ چئبو. پر ڪن جملن ۾ فاعل هوندو ئي نہ آهي، جهڙوڪ: ’ٿڪبو آهي‘، ’پڙهَبو آهي‘، ’گهمبو آهي‘ وغيره. هتي ’آهي‘ فعل لازمي آهي، پر ان جو فاعل ڏيکاريل ڪونهي، انهيءَ ڪري هن فعل کي ’فعل لازمي مجهول‘ چيو ويندو.“ (ميمڻ، 1987: 6_7)
- ابڙو عبدالرحيم ارشد فعل لازميءَ جي قسمن بابت لکي ٿو: ”اهڙو فعل جنهن جو ڪم ڪندڙ يعني فاعل پڌرو هجي تہ ان کي فعل لازمي معروف چئجي. اهڙو فعل جنهن جي فاعل جي خبر نہ پوي تہ ڪير آهي تہ ان فعل کي فعل لازمي مجهول چئجي.

نوٽ: فعل لازمي مجهول کي فعل ’اڪرترڪ‘ يعني ’بي_ فاعلو‘ فعل پڻ چئبو آهي.“ (ابڙو، 1986: 13_ 14)

مختصر حوالن مان اهو ئي اخذ ٿئي ٿو تہ فعل لازميءَ جا ٻہ نمونا ٿي سگهن ٿا، هڪ: معروف، ٻيو: مجهول. جنهن صورت ۾ مجهول کي ’فعل اڪرترڪ‘ ڪوٺجي ٿو تہ باقي معروف ئي رهيو، جنهن کي فعل لازمي سادو بہ چئي سگهجي ٿو. ان صورت ۾ راءِ اها ئي جڙي ٿي تہ ’فعل لازمي‘ ۽ ’فعل اڪرترڪ‘ ئي طالب علمن کي پڙهَايو وڃي. هن صورت ۾ ’معروف ۽ مجهول‘ بجاءِ صرف ’فعل لازمي‘ ئي پڙهَائڻ گهرجي ۽ آخر ۾ ’فعل اڪرترڪ‘ جو دائرو ٻڌايو وڃي.

### 1.5.7. ڪنهن جملي ۾ ’فاعل‘ جو واضح نہ هجڻ بہ ’هجڻ جو دليل‘ آهي.

عام طور جنهن فعل ۾، فاعل واضح نہ ٿو رهي ان لاءِ لفظ مجهول جو اطلاق ٿيندو آيو آهي؛ جيئن: فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول. اتي هڪ سوال اڀري ٿو تہ:

> جنهن صورت ۾ فاعل واضح ناهي تہ پوءِ فاعل جي هجڻ جو تصور ڇو ٿو ڪيو وڃي؟

حقيقت ۾ ان جو جواب جملي جي پورائيءَ ڏانهن ٿو وڃي، جيڪا ڳالهہ 'فعل جي صيغي بابت' پروفيسر پيرومل ڪئي آهي. ساڳيو معاملو دادا سنڌيءَ جي جملن جو رهي ٿو جنهن ۾ جملن جو پورائو نہ ٿو رهي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن اسم جو تصور سامهون اچي ٿو. جنهن صورت ۾ امڪاني مفعول (فعل متعدي مجهول ۾ فاعل جي واضح نہ هجڻ جيان )واضح نہ ٿو رهي، ان حالت ۾ مفعول جي هجڻ جو تصور سامهون ضرور اچي ٿو.

### 1.5.8. ***لفظ مجهول جو اطلاق صرف 'فاعل جي واضح نہ هجڻ' سان ٿئي ٿو؛ 'مفعول جي غير موجودگيءَ' سان نہ ٿو ٿئي.***

هن نڪتي ۾ اهم سوال اهو ٿو اڀري تہ:

جڏهن لازمي يا متعديءَ سان لفظ 'مجهول' ٿو ڪم آڻجي تہ ان جو اطلاق صرف فاعل سان ٿيندو يا مجهول سان بہ ٿي سگهي ٿو؟

عالمن جي ڄاڻايل وصفن جي اڀياس مان هيٺين ريت نڪتا ملن ٿا:

- o جن عالمن فعل لازمي مجهول جي وضاحت ڪئي بہ آهي، ان ۾ فاعل ڄاڻايل ناهي.
- o جن عالمن فعل متعدي مجهول جي وضاحت ڪئي آهي، ان ۾ بہ فاعل ڄاڻايل ناهي.

مٿين ٻن نڪتن مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ: لفظ 'مجهول' جو اطلاق 'مفعول' تي نہ، پر 'فاعل' تي ٿئي ٿو. ان صورت ۾، اڀياس آهر اهو ئي چئي سگهجي ٿو تہ <u>جنهن جملي ۾ 'مفعول' پڌرو نہ ٿو ٿئي ان کي 'فعل متعدي مجهول' ۾ هجڻ جو تصور نہ ٿو ڪري سگهجي. البتہ فعل لازميءَ ۾ شامل ڪرڻ تي بہ اختلاف سامهون اچن ٿا.</u>

### 1.5.9. ***فعل متعدي مجهول، انگريزيءَ جي** Passive voice **سان مماثل آهي.***

گهڻي قدر عالمن جي ڄاڻايل وصف ۾، فعل متعدي مجهول کي انگريزيءَ جي Passive voice سان مماثل ڏيکاريو ويو آهي؛ ان جي اهم سببن ۾ مفعول جو فاعل جي جڳهہ تي اچڻ آهي، جيئن Passive voice جي جملي ۾ مفعول، فاعل جي جڳهہ تي ايندو آهي.

سنڌي وياڪرڻ ۾ اصطلاح (Term) فعل متعديءَ سان مجهول جو ڳنڍ ان صورت ۾ ڪيو ويندو آهي، جنهن صورت ۾ فاعل بلڪل اڻ- ڄاتل هجي؛ ليڪن انگريزيءَ جي Passive voice واري جملي ۾ اهو لازمي ناهي تہ فاعل اڻ- ڄاتل هجي Passive voice جي جملي ۾ گهڻي قدر فاعل ڄاڻايو ويندو آهي. عام طور Passive voice کي فعل متعدي مجهول جو نعم البدل ڪوٺيو ويو آهي؛ اهڙي حالت ۾ هڪڙو سوال سامهون اچي ٿو:

> Passive voice ۾ فاعل ڄاڻايل نہ هجي تہ ان کي فعل متعدي مجهول چئجي، جيئن: Makkah was conquered؛ پر جيڪڏهن Passive voice جي جملي ۾ فاعل (مفعولي حالت ۾) ڄاڻايل هجي تہ ڇا ان کي فعل متعدي معروف چئجي، جيئن:
> conquered by Muslims? Makkah was

هڪ خاصيت (فاعل جي جڳهہ تي مفعول اچڻ) جي بنياد تي فعل متعدي مجهول ۽ Passive voice کي نعم البدل نہ ٿو چئي سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ هر ٻوليءَ جو مزاج پنهنجو آهي.

### 1.5.10. ***فعل لازمي يا متعديءَ جو فرق ڳالهائجندڙ ٻولي ۽ لکجندڙ ٻوليءَ ۾ الڳ الڳ ٿي سگهي ٿو.***

هڪ دوست جي اڳيان جڏهن اهو سوال رکيم تہ 'اشفاق ڳائي ٿو'- 'فهميده ڏوئي ٿي'- 'اياز کائي ٿو' فعل لازمي آهي يا متعدي؟ تہ ان اُمالڪ اهو سوال ڪيو تہ اهي جملا ڏِٺ جا آهن يا لکت جا؟

مون ڪيس لکت جو حوالو ڄاڻايو ۽ پوءِ پاڻ ان جي وضاحت ۾ ائين ئي ٻڌايائين تہ "جڏهن ڏٺ جي بنياد تي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ اها ڳالهہ ڪجي ٿي تہ 'فهميده ڏوئي ٿي' تہ 'مفعول' جي هجڻ جو تصور سامهون موجود آهي، جنهن لاءِ ڇوڙڻ يا نہ ڇوڙڻ ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي؛ ان جڳهہ تي

مفعول سمجهيل (understood) آهي؛ ان صورت ۾ ان کي فعل متعديءَ ۾ شامل سمجهيو ويندو.“

پنهنجي جڳهه تي ان دوست جو اشارو وزنائتو ضرور آهي، ليڪن وياڪرڻي معاملن ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۽ لکت واري ٻوليءَ جي بنياد تي اهڙا سنڌا نه ٿا رکي سگهجن.

### 1.5.11. ***لازمي ۽ متعدي لفظن جي ڄاڻايل معنائن ۾ فرق سامهون اچي ٿو.***

عالمن جي ڄاڻايل معنائن ۾ اختلاف سامهون اچي ٿو جنهن جو احوال هن ريت آهي:

| عالم / استاد | ’لازمي‘ جي معنيٰ | ’متعدي‘ جي معنيٰ |
|---|---|---|
| پروفيسر پيرومل آڏواڻي | لڳل يا چنبڙيل | ٻئي تائين لنگهي ويندڙ |
| مرزا قليچ بيگ | لزوم ٿيل يعني لڳل يا چنبڙيل | ... |
| ابڙو عبدالرحيم ارشد | ... | اڳتي وڌندڙ |
| محترم نور محمد ڪوسو | چهٽيل رهندڙ ڪڏهن به جدا نه ٿيندڙ گڏ رهڻ وارو. | ... |
| محترم داد سنڌي | ٺهرايل حد تي قائم رهڻ. | لنگهي ٻئي تائين ويندڙ |
| مسڪين راشدي | ... | وڇڙندڙ. |
| محمد عيسيٰ چنه | ضروري | ... |

اڀياس ڪرڻ بعد اهو ظاهر ٿئي ٿو ته معنائن جا لفظ هيٺ مٿي ضرور آهن، ليڪن بنيادي طور تي معنائن ۾ ڪو اختلاف ظاهر نه ٿو ٿئي.

### 1.6. **حاصل مطلب (نڪتن ۾)**

- وياڪرڻ جو علم رياضيءَ وانگر حقيقت تي مبني هوندو آهي، جنهن جي وصف ۾ ڪا لچڪ نه هجڻ گهرجي.
- ڪنهن جملي مان ’فاعل‘ ڄاڻڻ لاءِ فعل کان ’ڪير/ ڪنهن‘ جو سوال ڪبو آهي ۽ ’مفعول‘ ڄاڻڻ لاءِ ’ڇا‘ جو سوال ڪيو ويندو آهي؛ اڻ- سڌي مفعول ڄاڻڻ لاءِ ’ڪنهن کي‘ جو سوال ڪري سگهجي ٿو.
- ڪي فعل ساڳي حالت ۾ لازمي توڙي متعديءَ ۾ ڪم اچي سگهن ٿا. ان جو سڄو دارومدار فعل جي صيغي (Mood) تي آهي.
- ڪنهن جملي ۾ فعل سان لاڳاپيل ’مفعول‘ ٻه به ٿي سگهن ٿا. هڪ: سڌو جيئن: سرواڻ خط لکي ٿو. ٻيو: اڻ- سڌو جيئن: استاد اسان کي (اڻ- سڌو) سنڌي (سڌو) سيکاري ٿو.
- سنڌيءَ ۾ جن اسمن سان حرف جر (۾، تي، وٽ، وٽان، کان، سان، بابت وغيره) ۽ ظرف مڪان (مٿان، هيٺان، ٻاهر، اندر وغيره) ڪم ايندو آهي، ان جي حيثيت مفعول واري نه هوندي آهي، بلڪ فعل جو وڌاءُ سمجهيو ويندو آهي. جيئن: سرواڻ اسڪولَ ڏانهن ويجي ٿو/ سرواڻ اسڪولِ ويجي ٿو.
- چند عالمن/ استادن جي پيش ڪيل فعل لازميءَ مان اهو به اندازو ٿئي ٿو ته ’فعل لازمي‘ جو صرف هڪ ئي قسم آهي، هن ۾ معروف يا مجهول نه ٿو ٿي سگهي. جنهن فعل لازميءَ ۾ فاعل ڄاڻايل ڪونهي، ان کي ’فعل اڪرترڪ‘ ڪوٺيو ويو آهي.
- ڪنهن جملي ۾ ’فاعل‘ جو واضح نه هجڻ به ’هجڻ جو دليل‘ آهي، ائين ئي ڪنهن مفعول جو واضح نه هجڻ پڻ ’هجڻ جو دليل‘ آهي. اهڙي تصور جاچڻ جو سڄو مدار فعل جي صيغي (Mood) تي رهي ٿو.
- لفظ ’مجهول‘ جو اطلاق صرف ’فاعل جي واضح نه هجڻ‘ سان ڪيو وڃي ٿو، ’مفعول جي غير موجودگيءَ سان نه ٿو ڪيو وڃي.
- اڪثر عالمن/ استادن فعل لازميءَ جي مثالن ۾ اهڙن فعلن کي ڪم آندو آهي، جن سان مفعول جي هجڻ جو امڪان ئي نه

هجي، البت دادا سنڌيءَ اهڙا مثال ڏنا آهن، جن ۾ اختلاف سامهون آيو آهي، جيئن: اشفاق ڳائي ٿو. هن جملي ۾ امڪاني مفعول موجود آهي.

- هڪ جهوني استاد هڪ لفظي- جملي: ’ڪاٿم‘ ۾ ٽنهي جزن: ’فعل، فاعل ۽ مفعول‘ جي هجڻ جي راءِ رکي آهي.
- فعل متعدي مجهول ۽ Passive voice ۾ صرف هڪ خاصيت يڪسان آهي؛ جنهن صورت ۾ مجهول جو اطلاق ’فاعل جي نہ هجڻ‘ سان ٿئي ٿو ان صورت ۾ Passive voice کي فعل متعدي مجهول جو نعم البدل نہ ٿو چئي سگهجي.
- انگريزيءَ ۾ فعل لازميءَ جا اهڙا مثال بہ ملن ٿا جيڪي سنڌيءَ وياڪرڻ پٽاندر فعل متعدي مجهول ۾ شامل سمجهيا ويندا آهن.
- محترم عبدالهادي سرهئي ۽ ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي ڄاڻائڻ موجب اهڙو فعل، جيڪو مفعول جي ’گهر‘ ڪري/ ضرورت ڏيکاري تہ ان فعل کي متعدي چئبو. ڏنو وڃي تہ دادا سنڌيءَ جا فعل لازميءَ ۾ ڄاڻايل فعل، مفعول جي گهر تہ ڪن ٿا!
- ’فهميده ڌوئي ٿي‘ جهڙن جملن ۾ جيڪڏهن ڏٺ جي بنياد تي ڏسبو تہ ’مفعول‘ ان ۾ سمجهيل (under stood) آهي، ان صورت ۾ اهڙن جملن جي فعلن کي فعل متعديءَ ۾ شامل سمجهبو.
- لفظ لازمي معنيٰ ’گڏ هوندڙ‘ ۽ لفظ متعدّيءَ جي معنيٰ ’وڌيڪ هوندڙ‘.
-

## 1.7. نتيجو

دادا سنڌيءَ فعل لازميءَ ۾ اهڙا فعل (ڳائي ٿو، ڌوئي ٿي، ڪائي ٿو) ڪم آندا آهن، جن سان امڪاني مفعول هجڻ ثابت ٿئي ٿو. ان معاملي (Dilemma) تحت عالمن/ استادن پاران فعل لازمي ۽ متعدي هجڻ وارا ٻئي خيال اچن ٿا، اڪثريت ڪٿي ’فعل متعديءَ‘ لاءِ اچي ٿي، ليڪن علمي لحاظ کان اڪثريت کي اهميت ڪانهي.

’اشفاق ڳائي ٿو- فهميده ڌوئي ٿي- اياز لکي ٿو‘ جهڙن جملن ۾ البت فعل جي صيغي (Mood)تي ياڙيو ويندو آهي، اهڙي ڳالهہ پروفيسر پيرومل صاحب جي حوالي ۾ بہ ملي ٿي تہ: ”ڇوڪرو ڪائي ٿو. هتي ’ڇوڪرو‘ فاعل آهي ۽ ’ڪائي ٿو‘ فعل آهي پر جملي مان اها خبر ڪانہ ٿي پئي تہ ڇوڪرو ڇا ٿو ڪائي. جيڪڏهن چئبو تہ ’ڇوڪرو‘ ماني ڪائي ٿو‘ تہ پوءِ مطلب پورو نڪرندو ۽ چئبو تہ ’ڪائي ٿو‘ فعل متعدي آهي.“ (ص: 92)
پيرومل صاحب جي ڄاڻايل فعل متعديءَ جي وضاحت ۾ مفعول کان سواءِ جملو تہ ملي ٿو ليڪن ان ۾ بہ اها وضاحت ڪانهي تہ اهو جملو ڪو فعل لازميءَ جو ٿيندو!

فعل جي صيغي (Mood) جي بنياد تي ان چوڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ نہ ٿي ٿئي تہ دادا سنڌيءَ جا ڄاڻايل مثال اڌوري ڳالهہ منتقل ڪن ٿا؛ ان کان سواءِ عام طور تي اهڙا فعل ڪنهن بہ عالم يا استاد فعل لازميءَ ۾ ڪونہ ڄاڻايا آهن، ان بنياد تي دادا سنڌيءَ جا ڄاڻايل فعل لازميءَ جا مثال رد ٿي ٿا وڃن.

جنهن صورت ۾ اهڙا فعل جنهن ۾ امڪاني مفعول جو هجڻ ثابت ٿئي ٿو تہ ان کي ’فعل متعدي مجهول‘ بہ نہ ٿو چئي سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ لفظ ’مجهول‘ جو اطلاق ’فاعل جي نہ هجڻ‘ سان لاڳو ٿئي ٿو. فاعل جو واضح نہ هجڻ بہ ’هجڻ جو دليل‘ آهي. جيئن تہ هر ٻوليءَ جو مزاج پنهنجو پنهنجو آهي، ان صورت ۾ اهو خيال بہ جڙي ٿو تہ اهڙي قسم جي فعلن کي، جنهن ۾ امڪاني مفعول جو هجڻ ثابت ٿئي تہ اهڙي فعل متعديءَ لاءِ ڪو نئون نالو تجويز ڪيو وڃي؛ جهڙوڪ: فعل متعدي اِمڪاني/ مُمڪِن. ٻي صورت ۾ اهو معاملو عالمن جي دربار ۾ رکجي ٿو تہ ان کي ’فعل لازمي‘ جي هجڻ لاءِ ڪي مضبوط ويچار رکن تہ جيئن سامهون ايندڙ اختلافي لچڪ کي ميساري سگهجي. منهنجي ذاتي راءِ موجب دادا سنڌيءَ جا ڄاڻايل جملا اڌورو خيال منتقل ڪن ٿا، جنهن سبب انهن ۾ مفعول جي گهر ٿئي ٿي، ان لاءِ اهڙن مثالن تي ٻيهر سوچڻ ۽ درستگيءَ جي راءِ رکجي ٿي.

*****************

## 1.8. حوالاتي ڪتاب

- آڏواڻي، پيرومل (1985) وڏو سنڌي وياڪرڻ- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- ابڙو عبدالرحيم، ارشد (1986) رفيق گرامر- انٽرنيشنل اڪيڊمي هالا.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2010) سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر- سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد.
- جوکيو، محبوب علي (1979) مهراڻ سنڌي گرامر- سنڌي ساهت گهر محراب پور.
- چنو، محمد عيسيٰ (2011) آسان سنڌي گرامر، پاڳو پهريون- ٽنڊو آدم.
- راشدي، مسڪين (2007) سوجهرو- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
- سرهيو، عبدالهادي (1976) علمي تحفو- هادي پبليڪيشنس لاڙڪاڻو.
- سنڌي، دادا (2010) سنڌيڪا سنڌي گرامر- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
- عبدالسلام ڈاکٹر، کاسگنجوی عبدالحق ڈاکٹر۔ مؤلفین (۲۰۱۱) گلزارِ اردو، بارہویں جماعت کے لیے۔ سندھ ٹیکسٹ بک بورڈ جامشورو۔
- ڪوسو، نور محمد (2005) سنڌي گرامر- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
- مرزا، قليچ بيگ (2006) سنڌي وياڪرڻ- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- ميمڻ، ايڇ. آر (1968) سنڌي گرامر ۽ مضمون نويسي- آر. ايڇ احمد ائنڊ برادرس حيدرآباد.
- ميمڻ، عبدالمجيد، ڊاڪٽر (1987) سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن- عجائب اسٽورز سکر.
- جن بزرگن/ دوستن سان ذاتي مشورو ڪيو ويو، تن ۾ سيد ضياءُ الدين شاه- درازن وارو، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ- ڪراچي يونيورسٽي، ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ برڪت بلوچ خيرپور يونيورسٽي، حافظ غلام مصطفيٰ راڄپر، اسسٽنٽ پروفيسر- ڪڏو مدرسو ڪراچي، محقق آفتاب ابڙو، محمد ناظم خان ماتلوي، دين محمد ڪلهوڙو- ڄامشورو، استاد نور محمد ڪوسو- ٺاروشاه، استاد محمد عيسيٰ چنو- ٽنڊوآدم، قاري محمود اياز انڊڙ- ڪڏو مدرسو ڪراچي، حفيظ الله سندراڻي، اسسٽنٽ پروفيسر- ٺل، سليم رضا ملاح- اسسٽنٽ پروفيسر محراب پور، ليڪچرر عبدالمالڪ عباسي- جيڪب آباد، استاد غلام مرتضيٰ نانگور نهائن شريف، استاد اعجاز احمد ميمڻ- محراب پور شامل آهن.
- Wren, P.C and Martin H (2006) English Grammer and Compositon_ S.Chand & Company Ltd, New Delhi.

شبير ڪنڀار

# سنڌي ڪمپيوٽنگ جي تاريخ ۽ مستقبل جون تقاضائون

01. سنڌي ڪمپيوٽنگ جو تاريخي پسمنظر
02. MB SINDHI ۾ 'ھ' جون مختلف شڪليون
03. 'الف' جي وچين شڪل
04. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين ويب سائيٽ
05. پهريون سنڌي آپريٽنگ سسٽم
06. مستقبل جون تقاضائون
07. حوالا

## 01. سنڌي ڪمپيوٽنگ جو تاريخي پسمنظر:

سنڌي ڪمپيوٽنگ جو آغاز محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ 1987ع ۾ اپيل جي مئڪنتاش ڪمپيوٽر تي استعمال ٿيندڙ عربي ۽ فارسي ورڊ پروسيسنگ جي پروگرام 'الڪاتب' ۾ تبديليون آڻي ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ سندس ليزر پرنٽر تي سنڌيءَ جو پهريون صفحو پرنٽ ٿي نڪتو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽنگ جو پهريون قدم هو. اهڙي خوشيءَ جي خبر روزانه هلال پاڪستان سچيءَ سنڌ کي ڏني. ان ڪاميابيءَ بعد ساڳي اخبار ۾ پهريون سنڌي ڪمپيوٽر ذريعي ڪمپوز ٿيل ڪالم انعام شيخ جو 'ڪَکُ پن' ڇپيو. ايئن سنڌي اشاعتي صنعت ۾ ڪمپيوٽر تي سنڌي ڪمپوزنگ جي ابتدا ٿي ۽ ڪمپازيٽرن جي جاءِ ڪمپيوٽرن ورتي. ان کان اڳ اهو (ڇپائي جو) ڪم ڪمپازيٽر (شيهي جي ٽائپ فريم ۾ سيٽ ڪري پريس لاءِ مضمون تيار ڪندڙ) ڪندا هئا. جيڪو انتهائي ڏکيو ۽ بيحد ٿڪائيندڙ توڙي صحت لاءِ هاڃيڪار عمل هو جنهن ۾ شيهي (Lead) جي ٺهيل ٽائپ هوندي هئي ۽ هڪ هڪ حرف جو مختلف روپ، خانن ۾ پيل هوندو هو. پوءِ ڪمپازيٽر هڪڙي ڪاٺ يا ميٽل جي سانچي يا فريم ۾ انهن کي هٿ سان سيٽ ڪري لفظ به لفظ جوڙي مضمون ترتيب ڏيندا هئا. مسلسل اهو ڪم ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪمپازيٽر اڪثر شيهي جي زهريلي اثر يعني Lead Poisoning جو شڪار ٿي ويندا هئا. جڏهن ته سنڌي ڪمپيوٽنگ اهڙي هاڃيڪار پورهئي مان سنڌن جند آجي ڪرائي، نه رڳو اهو پر ان سان ڇپائيءَ جي ڪم ۾ تيزي، خوبصورتي ۽ چٽائي به آئي.

محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جي سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ جو ئي نتيجو آهي، جو پاڻ ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڪا ڊگري نه هوندي، نه وري ڪنهن مالي امداد جي، فقط ذاتي وسيلا ڪتب آڻي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهو ڪم ڪري ڏيکاريائين جيڪو ادارا، يونيورسٽيون ۽ ڪمپيوٽر سائنس جا ماهر وسيلن باوجود به نه ڪري سگهيا. پنهنجي لڳاتار محنت سان مارچ 1988 تائين پاڻ عملي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽر تي استعمال لاءِ مڪمل سرشتو جوڙي ورتائين، جنهن سان ڪمپيوٽر تي سنڌيءَ جو استعمال اوترو ئي سولائيءَ سان ممڪن بڻيو جهڙو عربي، فارسي ۽ اردو وغيره لاءِ ان کان اڳ ۾ هو. هتي اهو ڄاڻڻ بيحد ضروري آهي ته ايم بي سنڌي اِن پيج کان پوءِ نه بلڪ گهڻو اڳ جي ايجاد آهي.

پنهنجي اهڙي آملهه ايجاد تي ڳالهائيندي محترم عبدالماجد ڀرڳڙي چوي ٿو ته 'مُنهنجي اِن پورهئي ۾ دوستن، محبوبن، وڏڙن ۽ بزرگن جون دعائون ۽ محبتون ته ضرور شامل هيون، پر ايم بي سنڌيءَ ۾ دوستن جي ماهرانه يا غيرماهرانه صلاحيتن جو ڪو عمل دخل ڪونه هو ۽ اهو سمورو پورهيو مون اڪيلي سِر پنهنجي ٻوليءَ جو فرض سمجهندي پاڻ ڪيو آهي.'

جولاءِ 1988ع ۾ ايپل ڪمپنيءَ جي ڊسٽريبيوٽر طرفان هاٽوڪي ’ميريٽ هوٽل‘ ڪراچيءَ ۾ جيڪا تڏهن ’هاليڊي ان‘ سڏي هئي، هڪ تقريب منعقد ڪري سندس (محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جي) ان تاريخي ڪم کي عوام ۽ خواص آڏو متعارف ڪرايو. جنهن جي صدارت مرحوم علي احمد بروهي صاحب ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ڪمپيوٽنگ جي باقاعدي شروعات ٿي.

يادگيريون ونڊيندي محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ ٻڌايو ته ’تقريب کان پوءِ رفريشمينٽ دؤران مرحوم علي احمد بروهي صاحب کيس کِلندي کِلندي چيو: ”ڀرڳڙي، جيڪڏهن تون اهو ڪم بنگالي ٻوليءَ لاءِ ڪرين ها ته بنگالي تنهنجا مُجسما ٺاهي، شهرن ۾ لڳائين ها. پر تو اِهو ڪم سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيو آهي، فڪر نه ڪر، جلد ڪو ٽنگ مان جهلي، هيٺ گِهلي لاهيندُءِ!“

پوءِ ’هلال پاڪستان‘ وارن اخبار جي جُزوي ٽائپ سيٽنگ ڪمپيوٽر وسيلي شروع ڪئي، پر ’عوامي آواز‘ پهرين اخبار هئي، جنهن ڪمپوزنگ جو سڄو ڪم هن (سنڌي) سرشتي کي استعمال ڪندي ڪمپيوٽر وسيلي ڪرڻ شروع ڪيو. اهو استعمال ۾ ايترو ته آسان هو، جو انگريزي ٽائپنگ ڄاڻندڙ ٻن ٽن ڏينهن ۾ روانيءَ سان سنڌيءَ ۾ (ڪمپيوٽر تي) ٽائپنگ ڪرڻ سکي پئي ويا. بعد ۾ ’ڪاوش‘، ’آفتاب‘ ۽ ٻين سنڌي اخبارن به ان سرشتي کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ جلد ئي سڀ اخبارون، ڪتاب ۽ رسالا ڪمپيوٽر وسيلي ڇپجڻ لڳا. 1990ع واري ڏهاڪي تائين سنڌي ڪمپيوٽنگ جو وڏ ۾ وڏ استعمال اشاعتي ۽ اخباري ادارا ئي ڪندا رهيا ۽ عام ماڻهن کي ان جي باري ۾ اڃا گهٽي ڄاڻ ڪانه هئي.

اگتي هلي جڏهن ڪمپيوٽر، ادارن ۽ آفيسن مان ٿيندو عام ماڻهن جي دسترس ۾ آيو ۽ انٽرنيٽ ۽ ورلڊوائيڊ ويب عام ٿيڻ لڳا، تڏهن ماڻهن لاءِ ڪمپيوٽر باهمي رابطي توڙي فائلن جي ڏي وٺ جو ذريعو بڻيو ۽ تڏهن ئي پرسنل ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ جي ضرورت شدت سان فرداً فرداً محسوس ٿيڻ لڳي.

حقيقت ۾ ڪمپيوٽر تي ڪنهن به ٻوليءَ جي استعمال لاءِ اُن ٻوليءَ لاءِ هڪ ’ڪوڊ پيج‘ گهربل هوندو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ سڀني حرفن (اکرن) ۽ علامتن (نشانين) وغيره کي هڪ عددي ڪوڊ پوائنٽ ڏني ويندي آهي ته جيئن ڪمپيوٽر، جيڪو عددي حساب جي آڌار تي ڪم ڪندو آهي، سو ان ڪوڊ پوائنٽ وسيلي ان ٻوليءَ جي حرفن (اکرن) ۽ علامتن (نشانين) وغيره جي سڃاڻپ ڪري سگهي. هر ٻوليءَ جا ادارا پنهنجي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽر تي ترويج لاءِ هڪ معياري ڪوڊ پيج جوڙي، ان کي ڪمپيوٽر سان وابسته بين الاَقوامي ادارن کان منظور ڪرائي، وٽن رجسٽر ڪرائيندا آهن. انهيءَ بنيادي ڪم کان پوءِ ئي اُن ٻوليءَ جي ڪمپيوٽر تي استعمال جا امڪان پيدا ٿيندا آهن. بدقسمتي سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن به حڪومتي اداري يا درسگاه وغيره ڪڏهن اهڙي ڪوشش ڪانه ورتي. جنهن صورت ۾ ٻوليءَ جو ڪم لنگئسٽ يا ماهر لسانيات جو آهي، جيڪي ٻوليءَ جي فني تقاضائن کي ڀليءَ ڀت ڄاڻن ٿا، پر رابطي جي کوٽ توڙي عدم دلچسپيءَ جي ڪري سڀئي ڪم هن (محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ) پاڻ سر انجام ڏنا. عين ممڪن آهي ته لسانيات جي حوالي سان ان ۾ ڪي پيچيدگيون رهيل هجن، جن جي اڀياس جي پڻ ضرورت آهي، اهو هڪ جدا موضوع آهي جيڪو هتي مطلوب ڪونهي.

محترم عبدالماجد ڀرڳڙي ٻڌائي ٿو ته ’تڏهن معياري سنڌي ڪوڊ پيج نه هئڻ ڪري، سنڌيءَ کي ڪمپيوٽر تي استعمال ڪرڻ جو واحد طريقو اهو وڃي رهيو هو ته عربي فارسي ڪوڊ پيج کي، هڪ قسم جي جُڳاڙ يعني Hack ذريعي، سنڌيءَ لاءِ قابل استعمال بڻايو وڃي ۽ اهوئي طريقو مون پڻ استعمال ڪيو. جيئن ته ان قسم جو جُڳاڙ لامحاله ڪنهن معيار يعني

Standard تي ٻڌل نہ هوندو آهي، تنهنڪري ان ذريعي ڪتاب، رسالا وغيره ٽائپ سيٽ ڪرڻ تہ ممڪن هو پر اُسرندڙ انٽرنيٽ ٽيڪنالاجيءَ ذريعي ٻوليءَ جي بين الاقوامي سطح تي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي ترويج، ويب پيج جوڙڻ، اي ميل ۽ چيٽنگ وسيلي هڪ ٻئي سان رابطو وغيره وقت جون اهڙيون اهم ۽ اٽٽر ضرورتون هيون، جن جو پورائو معياري سنڌي ڪمپيوٽنگ کانسواءِ ممڪن ڪونہ هو. پوءِ خوشقسمتيءَ سان هڪ يونيورسل ڪوڊ پيج ترتيب ڏنو ويو هو تہ جيئن دنيا جي سڀني ٻولين جو ڪمپيپوٽر تي استعمال ٿي سگهي ۽ انهن ۾ سنڌي بہ شامل هئي. ان سان ڪوڊ پيج جو مسئلو تہ حل ٿي ويو، جيڪا بنيادي گهرج هئي، پر ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر تي استعمال ڪرڻ لاءِ اڃا ٻيا گھڻا مرحلا طئي ڪرڻا هئا. ان لاءِ بين الاقوامي معيار مطابق فانٽ (Font) ۽ ٽائپ فيس(Typeface) جوڙڻ، ڪمپيوٽر آپريٽنگ سسٽم ۾ ٻوليءَ جي پروسيسنگ لاءِ سپورٽ هجڻ، ڪمپيوٽر تي لکڻ لاءِ ڪي بورڊ اينٽري سرشتو ۽ ان کي سسٽم ۾ نصب ڪرڻ وغيره اهڙا ناگزير عملي مرحلا هئا، جن کان سواءِ ٻوليءَ جو ڪمپيوٽر تي عملي طرح استعمال ممڪن نہ هو.

محترم عبدالماجد ڀرڳڙي ٻڌائي ٿو تہ "سن 2000ع ۾ تقريبًا ڇهن مهينن جي لڳاتار محنت کانپوءِ جڳ مشهور ڪمپيوٽر آپريٽنگ سسٽم (ونڊوز) ٺاهيندڙ ڪمپني مائڪروسافٽ جي متعلقہ شعبي جي سربراه پال نيلسن سان روبرو ميٽنگن، توڙي ساڻن سوين اي ميلز جي ڏي وٺ بعد، آءٌ مائڪروسافٽ ونڊوز ۾ يونيڪوڊ جي آڌار تي، معياري سنڌيءَ جو بنياد وجهڻ ۾ ڪامياب ٿيس ۽ ان جي استعمال کي ممڪن بڻايم ۽ سنڌيءَ جا سھڻا ۽ معياري فونٽ ڊزائن ڪيم، تہ جيئن ٻوليءَ جي لکت کي جيترو ممڪن هجي خوبصورت بڻائي سگهجي.

فونٽ ڊزائن جي ڪم کي جيتوڻيڪ ڪافي دوستن اڳتي وڌايو آهي، جنهن جي ڪري هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ معياري فونٽس جو تعداد 100 کان وڌي ويو آهي، جن ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي خوبصورت بڻايو آهي.

پشتو ۽ اردوءَ جو ڪمپيوٽر تي استعمال بہ سنڌيءَ سان گڏ ئي شروع ٿيو هو، پر فرق اهو هو تہ جتي ڪمپيوٽر جي لاءِ پشتو ۽ اردوءَ جا پيڪيج سون ڊالرن ۾ وڪامجي رهيا هئا، اُتي محترم عبدالماجد ڀرڳڙي سنڌيءَ لاءِ ساڳئي قسم جو سافٽ ويئر، پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي ڀهرين ويب سائيٽ www.bhurgri.com تان مفت ورهائي (ڊائون لوڊ ڪرڻ لاءِ آڇي) رهيو هو.

اهڙيءَ طرح سنڌي ڪمپيوٽنگ جي حوالي سان ايڪيهين صدي جي ابتدا ۾ هڪ نئين دؤر جو آغاز ٿيو ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ سنڌيءَ جي اهليت آسانيءَ سان شامل ڪري، تقريبًا هر اهو ڪم ڪري ٿي سگهيا، جيڪو ان کان اڳ ۾ صرف انگريزي ۽ ٻين ترقي يافتہ ٻولين ۾ ممڪن هو.

'MB SINDHI' اهو حل آهي، جنهن ذريعي ڪنهن بہ ڪمپيوٽر آپريٽنگ سسٽم (ونڊوز، ميڪنٽوش ۽ لِنڪس) ۾ سنڌيءَ جي استعمال کي ممڪن بڻائجي ٿو. جنهن بعد انهن سڀني پروگرامن ۾ جيڪي يونيڪوڊ جي آڌار تي عربي رسم الخط کي سپورٽ ڪن ٿا، تن سڀني کي سنڌيءَ لاءِ استعمال ڪري سگھجي ٿو. 'Microsoft Office' جي ورڊ ۽ ٻين پروگرامن کان علاوه سوين ٻيا پروگرام بہ آهن، جيڪي يونيڪوڊ عربي رسم الخط کي سپورٽ ڪن ٿا. هي(MB SINDHI) رڳو Microsoft Office Word تائين محدود نہ آهي، بلڪ پوري ڪمپيوٽر آپريٽنگ سسٽم ۾ سنڌيءَ جي استعمال کي ممڪن بڻائي ٿو، جنهن سان اڄ سنڌيءَ ۾ اي ميلز، چيٽنگ، ويب پيج، فيس بوڪ تي پوسٽ وغيره ممڪن بڻيا آهن. MB SINDHI مڪمل ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ کي سنڌيءَ لاءِ قابل استعمال بڻائي ٿو. پڌرو هجي تہ هي (MB SINDHI) ڪو ورڊ پروسيسنگ يا ڪمپوزنگ جو سافٽ ويئر يا پروگرام

ڪونهي، پر اهو هڪ همہ گير حل آهي، جنهن ذريعي هر قسم جا پروگرام سنڌيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا، جن ۾ ڪمپوزنگ جا اعليٰ پروگرام مائڪروسافٽ ورڊ، پبلشر، ادوبي ان ڊيزائن، اوپن آفس جو رائٽر وغيره بہ اچي وڃن ٿا.

حقيقت اِها آهي تہ MB SINDHI ذريعي محترم عبدالماجد ڀرڳڙي بنيادي طرح ڪمپيوٽر ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا جا دروازا سنڌيءَ ٻوليءَ لاءِ کولي ڇڏيا آهن. هاڻي اسان پنهنجا سنڌي ٻوليءَ سان وابستہ ڪم ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال سان بہ آساني ۽ برق رفتاريءَ سان ڪري سگهون ٿا.

### 02. MB SINDHI ۾ 'ه' جون مختلف شڪليون:

عربي رسم الخط ۾ 'ه' جون مختلف صورتون استعمال ٿينديون آهن ۽ انهن ۾ هرو ڀرو ڪا تفريق ڪانهي. قرآن پاڪ جا نسخا ڏسبا تہ انهن مان اها ڳالهہ پڌري ٿيندي. ٽائپ سيٽنگ، ڪمپيوٽر وسيلي يا ان کان اڳ جيئن ٿيندي هئي، سا هٿ سان لکيل خطاطيءَ کي آٽوميٽ ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جيڪا هميشہ ڪمال تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر پهچي نہ ٿي سگهي ۽ ان ۾ اوڻاين کي گهٽائڻ جون ڪوششون اڄ بہ جاري آهن، خصوصًا عربي اسڪرپٽ جي حوالي سان. محترم عبدالماجد ڀرڳڙي جا ٺاهيل فونٽ ابتدا آهن، اهي پراڻي ٽائپ کان گهڻو وڌيڪ مؤثر ۽ فنڪشنل آهن. مثلاً: اڳي اعراب ڏيڻ وڏو مسئلو هوندو هو جيڪو هاڻي حل ٿي چڪو آهي. فونٽ جي ڊزائننگ هڪڙو هلندڙ پروسيس آهي ۽ ان ۾ بهتريءَ جي گنجائش هميشہ آهي ۽ رهندي، پر مڪمل ترين فونٽ جي انتظار ۾ تہ ويهي ڪونہ رهبو. سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ فونٽس ۾ بہ بهتريءَ جي گنجائش يقيني آهي ۽ انهيءَ تي ڪم جاري آهي، اميد آهي تہ ان جو پورائو ڊزائنر ۽ ڊيولپر وقت ۽ ضرورت آهر ڪندا رهندا.

يونيڪوڊ، جنهن ۾ عربي اسڪرپٽ جا سڀ حرف، علامتون وغيره اچي وڃن ٿيون، سو دنيا جي ٻولين جي ماهرن ترتيب ڏنو. پوءِ جنهن جنهن ٻوليءَ جي حوالي سان ڪي اوڻايون رهجي ويون، اُن ٻولي جي ماهرن ۽ باضابطہ ادارن، يونيڪوڊ ڪنسورشيم سان لهہ وچڙ ۾ اچي، اُنهن جي ڌيان تي اُهي اوڻايون آنديون ۽ انهن جو ازالو ۽ پورائو ڪرايائون.

يونيڪوڊ ۾ هن وقت تائين، عربي اسڪرپٽ ۾ 'ه' جا بنيادي طرح ٽي روپ ڏنا ويا آهن ۽ انهن جون اسٽئنڊرڊ شڪليون هيٺ ڏجن ٿيون، بدقسمتيءَ سان انهن مان مڪمل طور سنڌيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ 'ه' جو ڪو بہ روپ مؤزون نظر نٿو اچي.

معياري فونٽ ٿهوما ۾ موجود ه جون مختلف شڪليون

| سالم صورت | شروعاتي صورت | وچين صورت | آخري صورت |
| --- | --- | --- | --- |
| ه | هـ | ـهـ | ـه |
| ھ | ھـ | ـھـ | ـھ |
| ہ | ہـ | ـہـ | ـہ |

هاڻي، في الحال وينجن ۽ وسرڳ واري بحث کي هڪ پاسي رکي، انهن ٽن روپن جو جائزو وٺبو تہ احساس ٿيندو تہ انهن مان ڪا بہ 'ه' سنڌيءَ ۾ مروج 'ه' جي چئني روپن لاءِ موزون ڪانهي. هتي اسان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ان جي تقاضائن کي بہ احاطي ۾ آڻي، پاڻ کي ان جو پابند ڪرڻو پوندو تہ جيئن ان ٽيڪنالاجيءَ مان استفادو ممڪن ٿئي. اسان کي سنڌيءَ جي همہ گير ۽ بين الاقوامي سطح تي استعمال لاءِ انهيءَ بين الاقوامي

معيار جي اندر رهي ڪم ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي ڏيڍ سِر جي مسجد ٺاهڻ واري رويي کان پاسيرو رهڻو پوندو.

ان سلسلي ۾ عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جن جو چوڻ آهي ته 'سال 2001ع ۾ مائڪروسافٽ جي ٻولين جي پروگرامنگ جي بين الاقوامي شهرت جي حامل ماهر مسٽر پال نيلسن جي رهنمائيءَ ۾ هن (محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ) ڪافي ڪوششون ورتيون ۽ ڪيترن ئي رخن توڙي طريقن سان جاچيو ۽ ان جا مختلف حل سوچيا. جن جي روشنيءَ ۾ مسٽر پال نيلس بين الاقوامي اداري يونيڪوڊ ڪنسورشم سان به رابطو ڪيو پر انهن چيو ته اسان هر ٻوليءَ لاءِ ايئن نوان روپ شامل ڪري نه ٿا سگهون ۽ اهو معاملو فونٽ ٽيڪنالاجي سطح تي حل ڪيو وڃي. تنهنڪري سنڌي فونٽس ۾ 'ه' جي شڪلين کي سنڌيءَ جي حساب سان ٺاهيو ويو. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي 'ه' جي موزون شڪل صرف سنڌيءَ لاءِ ٺاهيل فونٽن ۾ ملندي ۽ اهي ساڳيا فونٽ جيڪڏهن عربي يا فارسيءَ لاءِ استعمال ڪبا ته انهن ٻولين جي حوالي سان 'ه' جي شڪل دُرست نه هوندي. هُجڻ ايئن گهرجي جو يونيڪوڊ جي آڌار تي ٺهيل ڪنهن به فونٽ ۾ جيڪڏهن ڪو حرف آهي ته اهو هر ٻوليءَ ۾ صحيح نظر اچڻ گهرجي. جڏهن ته عربي، فارسي، اردو، پشتو وغيره ۾ اهڙو ڪو مسئلو ڪونهي، پر سنڌيءَ لاءِ آهي. شايد اسان جي ٻولي نڌڻڪي آهي، ۽ ان جو ڪو والي وارث ڪونهي! ان جي بر عڪس اردو ٻوليءَ وارا اردو 'تخلص' جي علامت کي به يونيڪوڊ ۾ شامل ڪرائي ويا ۽ اسان 'ه' جهڙي اهم حرف جي سنڌي صورت اڃ تائين شامل ڪرائي نه سگهيا آهيون.

اهو معاملو وسرڳي ۽ وينجن جي تفاوت کان گهڻو وڌيڪ اهم آهي، جو اُن جو تعلق اسڪرپٽ جي بين الاقوامي معيار سان آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان جا سنڌي ويب پيج، جيستائين اسان سنڌي فونٽ نه انسٽال ڪريون، يا فونٽ امبيڊنگ نه ڪريون، تيستائين 'ه' جو غلط روپ ئي ڏيکاريندا رهندا. اهو معاملو توجهه طلب آهي ۽ ضرورت آهي ته ان کي اينگهائڻ بدران حل ڪرڻ طرف توجه ڏجي ۽ پاڙ ۾ ڳالهائڻ بدران لاڳاپيل ادارن سان فردي نه بلڪ ادارتي توڙي ٽيڪنيڪي بنيادن تي ضروري لکپڙهه ڪرڻ ۾ وٺي نه وڃجي، ته جيئن اهو معاملو حل ٿي سگهي ۽ ٻين ضروري ڪمن ۾ اڳتي وڌون.

وچ واري 'ه' جو وينجن روپ اڃا هڪ ٻيو معاملو آهي. 'جهه' جهرڪي ۽ 'گهه' گهوڙو جي حد تائين اُن کي آسانيءَ سان شامل ڪري سگهجي ٿو پر ٻين مرڪب صورتن لاءِ نيون ڪي بورڊ ڪيز ٺاهڻ درست نه ٿيندو بلڪ فونٽ ۾ اهي مختلف روپ هجڻ گهرجن ته جيئن لکندڙ پنهنجي ضرورت ۽ مرضيءَ مطابق ڪو به روپ استعمال ڪري سگهن. جڏهن ته سواءِ وينجن 'ه' جي وچئين شڪل جي، ٻيا سڀ روپ 'ايم بي لطيفي' ۽ 'ايم خورشيد' وغيره ۾ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. البت ان جي حل واسطي مون پنهنجي ايندڙ فونٽ 'ايم بي سُوکڙي' جي ٽيبل ۾ ڪيترين ئي تبديليون ڪري، ان کي گهرجن آڌار ڪري بيهارڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ورتي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ 'ه' سان لاڳاپيل مذڪوره مسئلا ڪافي حد تائين حل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملي اٿم. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

ايندڙ فونٽ MB SOOKHRI ۾ ه اکر جون شڪليون



ايندڙ فونٽ MB SOOKHRI ۾ ھ جو استعمال

| | | | |
|---|---|---|---|
| جهرڪي | گهوڙو | هميشه | ڇيھ |
| جهاز | گهرو | ملھ | جڳھ |
| جهار | ماٺو | سگھ | سنھڙو |

### 03. الف جي وچين شڪل:

ڪجھ بحث، بحث براءِ بحث به آهن. الف جي وچين شڪل آهي يا ڪانهي؟ فونٽ جي حوالي سان وچين شڪل مان مراد آهي اها شڪل، جيڪا پنهي پاسن کان گڏجندڙ يا متصل ٿيندڙ حرف اختيار ڪري ٿو. الف، دال، ري وغيره پوئين يعني کاٻي پاسن وارن لفظن سان ڪڏهن به نه گڏبا آهن. جيڪي ماهر وچين شڪل جي ڳالھ ڪن ٿا، تن مان سندن واضح مراد محض اها آهي ته 'الف' جڏهن ڪنهن لفظ جي وچ ۾ اچي ٿو ته ان لاءِ سندس آخري شڪل استعمال ٿئي ٿي.

محترم عبدالماجد ڀرڳڙي چوي ٿو ته "ڪمپوزنگ يا ٽائپ سيٽنگ جو مقصد آهي ته لکندڙ بنان ڪنهن مونجهاري، مغالطي جي پنهنجي ڳالھ پڙهندڙ جي ذهن ۾ آڻي سگهي. ٽيڪنيڪل باريڪيون پنهنجي جاءِ تي، 'لام'، 'ڙي' وغيره جي پويان ايندڙ 'ھ' وينجن آهي يا وسرڳي، ان سان عملي طرح ڪيتري غلط فهميءَ جو امڪان آهي؟ ايئن ته اج کان چوڏهن سؤ سال اڳ لکيل قرآن پاڪ جو نسخو جنهن ۾ اعراب ته ڪونه هئا، پر ڪٿي نُقطا به ڇڏي ڏنل هئا. تنهن ۾ ته لسانيات جا ماهر صورتخطيءَ جي الائي ڪيترين اوڻاين جي نشاندهي ڪندا. پر اهو قرآن، جڏهن عجمين تائين آندو ويو ته ضرورت پٽاندر ان ۾ نقطا به ڏنا ويا ته اعراب به شامل ڪيا ويا. ٻولي درست لکجي، پر گهڻي مين ميخ، پوءِ چاهي اها ٻوليءَ جي باري ۾ هُجي يا ٻين ڳالهين جي باري ۾، سا به اجاين بحثن ۾ وڃڙايو اصل مقصد کي پس منظر ۾ ڌڪيو ٿي ڇڏي. تنهنڪري ان کان به احتراز ڀلو آهي."

انصاف جي تقاضا ئي اها هوندي آهي ته اهم ترين معاملن تي اڳ ۾ توجھ ڏجي ۽ حل ڪجن ۽ پوءِ جي وقت ۾ وسيلا بچن ته اهي فروعي معاملن کي ڏجن. هتي فونٽ ڊيولپرز ۽ ڊزائنرز کي پڻ گهرجي ته ان ڏانهن توجھ ڏين. خاص ڪري فونٽس ۾ 'ر ز ڙ' کان پوءِ ڪرسر جي وٿي تمام وڏيڪ هوندي آهي. جيڪا ڪٿي ڪٿي ته باقائدي هڪ اسپيس جيتري محسوس ٿئي ٿي. ان کان علاوه 'ا' سان گڏ ايندڙ 'ڪ گ ڳ ڱ' مان ڪو به حرف اچي ٿو ته ڏهن به ساڳيو مسئلو نظر اچي ٿو جنهن طرف ڌيان جي ضرورت آهي. اهڙي طرح لکڻ ۾ 'ر م ن ڻ ج' وغيره لاءِ به خطاطيءَ جا مختلف انداز آهن. مختلف فونٽ اهي مختلف انداز ڏيئي سگهن ٿا جيئن يڪسانيت ٿُٽي.

### 04. سنڌي ٻوليءَ جي پهرين سنڌي ويب سائيٽ:

سنڌيءَ جي پهرين ويب سائيٽ پڻ محترم عبدالماجد ڀرڳڙي ئي ترتيب ڏني ۽ سنڌي ويب جي ابتدا ڪيائين. ان سلسلي ۾ مڪمل رهنمائي پڻ فراهم ڪري سنڌي ٻوليءَ جي انٽرنيٽ ۽ ورلڊ وائيڊ ويب تي وجود ۽ ترويج لاءِ راه هموار ڪيائين. هن ويب سائيٽ تي شروع ۾ شاھ سائينءَ جو رسالو سچل سائينءَ جو سنڌي ڪلام ۽ پوءِ قُرآن ڪريم جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو جنهن کي سڄي دنيا مان ڪٿان به استعمال ۾ آڻڻ ممڪن ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽر تي سڌاري ۽ واڌاري تي مسلسل ڪم ڪندي، پاڻ 'سنڌي نويس' جي نالي سان انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن لاءِ ڪي بورڊ لي آئوٽ جوڙيائين. جنهن سان آن لائن ڪنهن به واڌو سيٽنگ کان سواءِ سنڌي لکي سگهجي ٿي. نه رڳو اهو پر ويب ڪي بورڊ پڻ سندس

پيشڪش آهي، جنهن جي مدد سان صرف بوڪ مارڪ ڪيل لنڪ تي ڪِلڪ ڪري آن لائن سنڌي لکي سگهجي ٿي. گڏو گڏ پاڻ مختلف ڪمپيوٽر انتظامي سرشتن جهڙوڪ ونڊوز، ميڪنٽوش ۽ لِنڪس جي لاءِ جدا جدا انسٽالر ٺاهي، پنهنجي ويب سائيٽ تي مفت مهيا ڪيا اٿس. ته جيئن سنڌيءَ جو ڪمپيوٽر تي استعمال عام ٿئي ۽ ٻولي هن جديد اليڪٽرانڪ ۽ انٽرنيٽ واري دؤر ۾ ٻين ٻولين کان ڪنهن به لحاظ کان پوئتي نه رهجي وڃي.

**05. پهريون سنڌي آپريٽنگ سسٽم:**

محترم عبدالماجد ڀرڳڙي اوپن سورس (Open Source) آپريٽنگ سسٽم لنِڪس (LINUX) جي سنڌيءَ ۾ ترجمي لاءِ هڪ ٽيم تشڪيل ڏني، دنيا جي پهرئين سنڌي ڪمپيوٽر آپريٽنگ سسٽم جوڙڻ جي ابتدا ڪئي آهي، جيڪو ڪم ڪافي اڳتي وڌيو آهي. هي تقريباً سڄي جو سڄو سنڌيءَ ۾ هوندو ۽ اميد ڪري سگهجي ٿي ته ان جي اچڻ ڪانپوءِ اهڙا ماڻهو جيڪي انگريزي نٿا ڄاڻن، سي پڻ ان قابل ٿي ويندا ته هو پنهنجي (سنڌي) ٻوليءَ ۾ ڪمپيوٽر کي استعمال ڪن. مطلب ته اهڙا فرد جيڪي فقط سنڌي پڙهڻ جي اهليت رکندا، انهن لاءِ هي نظام ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو.

**06. مستقبل جون تقاضائون:**

هن وقت ضرورت اها آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا ادارا سنڌي ڪمپيوٽنگ سيڪشن ٺاهين، جنهن جي سربراهي عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جهڙي لاڳاپيل علم رکندڙ شخص کي سونپي وڃي ته جيئن اسين يونيڪوڊ ڪنسورشيم جا ميمبر ٿي سگهون ۽ ضرورت وقت انهن بين الاقوامي ادارن وغيره سان باقاعدي توڙي مسلسل لهه وچڙ ۾ رهي، ٻوليءَ جي ضرورتن جو ڪوڊ پيج وغيره جي حوالي سان پوراٿو ڪري سگهون. نه رڳو اهو پر ٻوليءَ جي تقاضائن ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي باريڪين، ٻنهي جو چڱيءَ ريت جائزو وٺي، مستقبل لاءِ نوان پروجيڪٽ جوڙيون. ڇاڪاڻ ته

جڏهن کان موبائل ٽيڪنالاجيءَ ترقي ڪئي آهي، تڏهن کان ڪمپيوٽر هر ڪنهن جي دسترس ۾ اچي ويو آهي. پوءِ اهو موبائل سيٽ جي صورت ۾ هجي، ٽيبليٽ، آءِ پيڊ، ليپ ٽاپ يا ڪٽي ڊيسڪ ٽاپ. مطلب ته گهرج آهر لڳ ڀڳ هر فرد وٽ ڪنهن نه ڪنهن قسم جو پرسنل ڪمپيوٽر سسٽم ضرور آهي. اتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اسان ڪمپيوٽر جي انهن سڀني موجود توڙي نون ايندڙ ماڊلز ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ جوڳا قدم کنيا آهن؟ جيڪڏهن نه، ته پوءِ اجاين بحثن تي وقت زيان ڪرڻ کان بهتر آهي ته دير آئي درست آئي، وانگر هنيئر ئي پنهنجو قبلو درست ڪري، اهڙا قدم کڻون، جن سان پنهنجي ٻوليءَ کي معياري ٻولين سان مطابقت ڏياري سگهجي. نه رڳو اهو پر اسان کي گهرجي ته مستقبل جي سائبر گهُرجن جو جائزو وٺي، وقت سِر رٿا بندي ڪري، اهڙا جوڳا بندوبست ڪريون ته جيئن، پنهنجي ايندڙ نسل کي سڌريل ڊجيٽل سنڌي ٻولي مهيا ڪري سگهون، جو مستقبل جي درست سيڙپ ڪاري تعليم ئي آهي، جنهن جو ايندڙ وقت ۾ واحد سورس ڪمپيوٽر ئي هوندو.

**07. حوالا:**

- سن 2000ع کان هن وقت تائين محترم عبدالماجد ڀرڳڙي سان ڪيل emails (اليڪٽرانڪ خط و ڪتابت.)
- 18 فيبروري 2005ع هالا ۾ محترم عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب سان سنڌي ڪمپيوٽنگ بابت ڪيل ذاتي ڳالهه ٻولهه
- انڊس سليڪان پاران ڪرايل سنڌي ڪمپيوٽنگ ڪچهري (پريس ڪلب حيدرآباد 18 مارچ 2007ع)
- 08 مارچ 2011ع تي هالا ۾ محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ سان فونٽن جي بنيادي جوڙجڪ (فونٽ ٽيبل) وغيره بابت ڳالهه ٻولهه

- 22 نومبر 2011ع تي هالا ۾ محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ سان سنڌي فونٽ ۾ ’ھ‘ جون موجوده شڪلين تي ڪيل خصوصي ڳالهه ٻولهه.
- سنڌي ٻوليءَ جي تحقيقي جرنل ۾ الطاف حسين جوڪئي صاحب جي MB SINDHI ۾ ’ھ‘ جي استعمال تي ڇپيل ليک تي محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ سان ڪيل ٽيليفونڪ ٽاڪ ۽ emails.

عزيزالرحمان ٻگهيو

# سنڌي چوڻيون

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم خوبي هيءَ آهي ته ان ۾ بيشمار چوڻيون آهن ۽ ان ڪري ان کي جيڪڏهن چوڻين جي زبان ڪوٺيو وڃي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو. ڇپي ڇپي تي چوڻي ۽ لحظي لحظي ۾ لاهڻيءَ جو چس جهڙو اسان جي زبان ۾ مهيا ٿيل آهي، ان جو مثال ۽ مٽ ٻين ٻولين ۾ ڳولڻ اجايو ٿيندو.

لفظ ’چوڻي‘ اسم مصدر ’چوڻ‘ مان نڪتل آهي. چوڻيءَ جي معنيٰ ”راڳ ڳائڻ“ جهڙي رسيلي رهاڻ به آهي. مثلاً: هڪ سٺي ڳائيندڙ لاءِ ائين چيو ويندو آهي ته ”فلاڻي جي چوڻي واهه جي آهي“ يعني راڳ ڪندي سٺي سُر ۾ لفظن جي ادا بهترين اٿس.

جيتوڻيڪ چوڻيءَ جي اها معنيٰ به هن لفظ جي اهميت جو اهڃاڻ آهي ۽ سندس مناس جو واس آهي، پر اڄ آءٌ جنهن عام مجيل معنيٰ ۾ بيان ڪرڻ چاهيان ٿو ان جو مفهوم ڪهاوت، مثال ۽ نظير آهي.

چوڻي ناهڻ ’ڪا اڪ جي ماڪي‘ نه آهي ۽ راتو رات ڪا نه ٺهي راس ٿيندي آهي. ڪيترين ئي ڪيفيتون منجهائيندڙ موقعا ۽ مرحلا، حياتيءَ جون هيبتون، ڳٽيءَ جي ڳوُراڻ ۽ روح جي رهاڻ، جڏهن انفرادي ۽ اجتماعي طرح تجربي ۽ نظر مان نڪرن ٿيون ۽ ان جي نتيجي ۾، جڏهن هڪجهڙي هيڪاندي حقيقيت اکين اڳيان اڀريو اٿي، تڏهن وڃي تي هڪ چوڻي قدرت جي ڪُکِ ۽ ماڻهن جي مُکَ مان جنم وٺي ۽ زبانن جو زيور بنجي. ان مان اندازو لڳايو ته هڪ چوڻيءَ جي ٺهڻ ۾ ڪيترو سارو وقت درڪار هوندو آهي. ائين ڪٿي سمجهو ته چوڻيون تجربي جي تپت مان نڪتل نچوڙ آهن ۽ گفتار جي گنجان وسندين ۾ هي چوڻيون چڻ ته خوشيءَ

جون ڪنوٽيون آهن، جيڪي رکي رکي ڪچهرين جي ڪڪرن مان پيون چپن تي چسَ جا چمڪاٽ ڪن ۽ روحن کي روشن ڪن.

هاڻي جڏهن هڪ چوڻيءَ جي نهڻ لاءِ، عمر جي آئيءَ جي ايڏي اَنباهہ جو انتظار ڪيڻو ٿو پوي تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ جون ايتريون ساريون چوڻيون جيڪي اسان جي ادب ۾ سچائيءَ جي سندريءَ سان حقيقتن جون هڻ ڪڻ ٻڌيون بيٺيون آهن، ڪيتري زماني گذرڻ کان پوءِ ٺهيون هونديون؟ اها صورتحال بذات خود سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽائپ جو اهڃاڻ آهي ۽ قدامت جو قوي دليل آهي.

انهن چوڻين جو زياده چسُ اهڙن ماڻهن ماڻيو هوندو، جيڪي سُخنورن جي سنگت ۾ اٿيا ويٺا هوندا، ڳوٺاڻي ماحول ۾ رهيا هوندا، سياري جي سيئن ۾ چلهہ جي چوڌاري چوياري ڪئي هوندائون ۽ اونهاري جي چانڊوڪين راتين ۾، مچر مهين جي ستايل مال ڏِڳي جي وڄندڙ چڙن ۽ چَڙين جي وچ ۾ ويهي، سادن سودن سگهڙن جي ٻولن کي ٻڌو هونداٺون. چڙا بہ چِت کي چوريو ڇڏين. ان لاءِ شاهہ صاحب جي شاهدي ٻڌو:

اديون سڀ اندامَ، چڙن منهنجا چوريا،
لارن جا لنوءُ لاتي، سا ڪيئن آڇيان عامِ،
لڳيس جنهن جي لامِ، سو دلاسا دوست مُنجي.

اهڙي قرب واري ڪچهري جڏهن مچ تي مچي ٿي، تڏهن نيڻن مان ننڊ نڪريو وڃي، وندر جي وهڪري ۾، پريت جون پِرهون ڦٽيو وڃن ۽ ٻانگون ۽ ٻاڪون اوجاڳيل اکين کي وڃي اُٿارين. اهڙيون ٻهراڙيءَ جون ٻوليون لنو لنوءَ ۾ لوليون لائي ڏينديون آهن.شايد اهڙن قرب دارن لاءِ ئي شاهہ پٺائيءَ چيو آهي تہ:

ويٺي جنين وٽ، ڏُکندو ڏور ٿئي،
تن تنين سي ڪٽ، اوڏو اڏي پکڙا.

اسان جي اهڙين چوڻين سان ڪيئي ڪتاب ۽ سگهڙن جا سينا پريا پيا آهن. هر هڪ چوڻيءَ جو پنهنجو مزو ۽ رنگ آهي. آءٌ هتي اهڙين چَند ۽ چِند سنڌي چوڻين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندس، جيڪي گهڻو ڪري ٻهراڙين ۾ استعمال ٿين ٿيون ۽ ان ڪري شهري زندگي گذاريندڙ دوستن جي ڪن تي گهٽ پيون هونديون.

اهڙي هڪ چوڻي آهي تہ **”هيءُ همراه پيو وهلور وڃي ۽ هٿ بانجهر* ڪين پُري“**: هيءَ چوڻي اهڙي موقعي جي مناسبت سان استعمال ڪبي آهي، جتي ٻن ظاهراً واسطيدار ۽ واهپي وارن ماڻهن جي علحدگيءَ جو اهڃاڻ ڏيکڻو هوندو آهي، جهڙيءَ طرح ٻن ڄڻن جو معاشقو دوستي، لاڳاپو وغيره. جنهن ۾ ٻن ڌرين مان هڪ واقعي ورتل ۽ فراق ۾ قاتل هجي ۽ ان حالت ۾ پريشان حال هجي ۽ ٻيءَ ڌر کي اهڙي ڳالهہ ياد بہ نہ هجي. وهلور وڃڻ جي معنيٰ جان ڏيڻ واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ وجود وڃائڻ تي آمادگي ۽ وسامڻ آهي. ’بانجهر‘ معنيٰ ٻارڻ لاءِ سنهي ڪاٺي ۽ پُرڻ معنيٰ پيچڻ يا ختم ٿيڻ. يعني هن چوڻيءَ جو مفهوم ٿيندو تہ هڪ طرف هڪ ماڻهو خلوص دليءَ سان قربانيءَ واري ڪيفيت ۾ مريو ڪپيو پيو وڃي ۽ ٻئي واسطيدار وٽ سنهي ڪاٺيءَ جي پُرڻ يا سڙڻ جيتري قربانيءَ جو امڪان ۽ آمادگي بہ نہ آهي. اهو پهاڪو اِن حالت لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو جتي هڪ جي اونَ ۽ چِنتا ڏيکارڻي هجي ۽ ٻئي جي بي پرواهي ۽ غير دلچسپي.

ٻيو اهڙو پهاڪو آهي **”سُرمو تہ سيڪو پائي، پر اک اک جو ڦير:“** يعني سيني سرمي پاتل اکين ۾ هرويرو هڪجهڙي سونهن ۽ چمڪ نہ ٿيندي آهي. ڪن اکين ۾ گهڻي سونهن ٿئي ۽ ڪن ۾ گهٽ ۽ اهڙيءَ طرح هڪ قسم جي حالت پيدا ڪرڻ واري ڪوشش تي بہ ڦير ۽ فرق رهجيو وڃي. هن چوڻيءَ جو استعمال اهڙي هنڌ ٿيندو آهي، جتي اهو ڏيکارڻ مقصود هوندو

* ”پِنجر“ معنيٰ اک جو ڇنپر (ادارو)

آهي تہ ساڳي روش، يا سلوڪ يا تياري ضروري ناهي تہ ساڳيو نتيجو ڏيکاري ۽ حقيقي خوبي يا خرابي اُن ۾ آهي، جنهن سان اهو مذڪور سلوڪ ڪيو وڃي ٿو. جهڙيءَ طرح سرمي پائڻ کان پوءِ سونهن وري بہ اُن اک ڪئي، جنهن ۾ ڪا پنهنجي خوبي هئي يعني ويڪري ۽ وڏي هئي. سُرمي جي ڳالهہ تان، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هڪ بيت ياد ٿو اچي، جنهن ۾ بلڪل انوکو خيال پيش ڪيو ويو آهي. چوي ٿو تہ:

سرمو سياهيءَ جو، رَنن ڪي رهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي، مڙس ٿي م پاءِ،
اکين ۾ اٽڪاءِ، لالائي لالڻ جي!

هڪ چوڻي آهي تہ، **”وڃي شادي شهيد تي ۽ ٿورو لونگ فقير تي.“** ان جي باري ۾ ڳالهہ ڪندا آهن تہ لونگ فقير جو هڪ دوست يا دوستيءَ جي دعويٰ ڪندڙ هڪ پير شادي شهيد تي (جيڪو ضلعي خيرپور ۾ مدفون آهي) مڙيئي گهڻا پيرا ڪندو هو. رستي ۾ ’لونگ فقير‘ جو ڳوٺ ايندو هو، جنهن وٽ هو اڪثر ترسي، مانجهاندو ڪري يا رات گذاري، اڳتي وهائيندو هو. ظاهراً وري ٿورو لونگ فقير تي اهو ٿڦيندو هو تہ ”توسان پراڻي ياراڻي نباهڻ لاءِ تو وٽ پيو وهند وهندي اچان.“ پر آخر ڪوڙ ڪيستائين لڪندو؟ هڪ ڏينهن ان جو رازُ فقير کي معلوم ٿي ويو، جنهن کان رهيو نہ پڳو ۽ چئي ڏنائينس تہ **”وڃي شادي شهيد تي، ٿورو لونگ فقير تي.“**

هاڻي هيءَ چوڻي ان حالت ۾ استعمال ٿيندي آهي، جتي ڏيکارڻو هوندو آهي تہ **”منهن مڪَڻ جو ۽ جهوري جَهڻ جي.“** يعني ظاهري طرح هڪ مقصد ۽ اصلي طرح ٻيو.

ٻهراڙين ۾ رهندڙ مردن ۽ عورتن جو جيئڻ تہ واسطو ۽ واهپو پوکي راهي ۽ پيهڻ پچائڻ سان آهي، ان ڪري سندن ڳالهين جو گهڻو حصو ڏيڳن ڍورن، پوک، پاڻيءَ، هرڦار، چڙ پِيهہ ۽ رڌ پچاءَ متعلق هوندو آهي، ليڪن ان محدود ماحول ۾ استعمال ٿيندڙ گفتن، چوڻين ۽ اصطلاحن ۾ ايتري وسعت پيدا ٿي پئي آهي، جو انهن کي زندگيءَ جي ٻين شعبن تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو ۽ همه گير مزو وٺي سگهجي ٿو. اهڙين چوڻين ۽ اصطلاحن جو بنياد ڳوٺاڻي زندگيءَ جي تجربي تي رکيل هوندو آهي. مثلاً: هر وهندڙ ٻن ڏاندن ۾ سنو وَهوُ ڏيگو هميشه ڪٻيءَ تي رکيو ويندو آهي، ڇو تہ وهڪ جو گهڻو دارومدار اُن تي هوندو آهي ۽ اهوئي هاريءَ جي هدايتن کي هِنئين سان هنڊائيندو آهي ۽ اُن تي عمل ڪندو آهي. ان تجربي جي بنياد تي، هيءُ پهاڪو ٺهي پيو تہ **”ڪٻيءَ وهن خان، سڄيءَ وهي سيڪو.“** يعني ڪٻيءَ وهندڙ ڏيگو ماهر ۽ سچار هوندو آهي ۽ سڄيءَ تي جهڙو تهڙو ڏيگو ڪم ڏئي سگهي ٿو. اُن چوڻيءَ کي ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾، ساڳئي ڪم ۾ رڌل درميان فرق ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. نسبتاً چڱي کي ”ڪٻي وهي خان“ واري جڳهہ ڏني ويندي آهي ۽ موڳي يا گهٽ مفيد کي ”سڄي وهي سيڪو“ واري رواجي ۽ غير اهم حيثيت ڏني ويندي آهي.

ڳوٺاڻن کي هيءُ تجربو بہ ٿيو آهي تہ ڀائيواري ڏکي ڳالهہ آهي ڇو تہ ڪم ۾ ريسَ ٿئي ٿي ۽ هڪ ٻئي تي ڀاڙڻ سبب اڪثر ڪو ڪم رهجي وڃي ٿو ۽ نتيجي ۾ نقصان ٿئي ٿو. پنهنجي ليکي هُجبو تہ سڀ بار پاڻ تي. **”پنهنجيءَ ۾ هٿ ۽ پرائيءَ ۾ اکيون“.** هرڪو ڪڙمي اهو جواب ڏيندو. اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي تہ گهڻ ڀائيواريءَ ۾ رڳو فائدو نہ ٿو ٿئي، بلڪ اُٽلو نقصان ٿو پهچي پيدائش ۾ ۽ لاڳاپن جي ڦيٽاري ۾. ان ڪري هاري چوندا آهن تہ **”نائين ونڊي لک پاراتو“،** يعني جيئن گهڻ حصيداري تيئن ويڙهہ ۽ ڪروڌ. نائين ونڊيءَ (حصي) ۾ ڇا هڙ حاصل ٿيندي؟ تمام ٿورو ملندو ۽ پوءِ پٽ پاراتو شروع ٿي ويندو. اهو شايد اُن ڪري بہ ٿئي ٿو جو چوندا آهن تہ **”گهڻ پٽاڻ پوک، جهار ڪائي وڃي“** ڇو تہ ان جي صحيح سنڀال نہ ٿي ڪئي وڃي.

ان ساڳئي قسم جي تجربي سان هڪ ٻي چوڻي بہ واسطو رکي ٿي. چوندا آهن تہ **”هيڪل هوري کير ڪٽوري، ٻيجل واري جيءَ جي جهوري.“** هن چوڻيءَ جو بنياد ڪنهن اهڙيءَ عورت جي جنڊ پيهڻ تي رکيل ٿو ڏسجي، جيڪا اڪيلي پيهڻ کي آسان سمجهندي هئي ۽ ٻيجل ۾ بار محسوس ڪندي هئي. ٿيو هيئن هوندو تہ اڪيلائيءَ ۾ پاڻ تي بار محسوس ڪندي، يڪ سوئيءَ سان هڪ منو ٿي ڪم ۾ نبيرو ڪري ورتو هوندائين ۽ ٻئي وقت وري اهڙي ڪا سُست ساٿياڻي ملي ويس، جيڪا جنڊ ۾ لڙڪي پئي هوندي ۽ اُن جو بار بہ گهڻو پئجي ويو هوندس. اهڙيءَ حالت ۾ هن عورت اها راءِ قائم ڪئي تہ هيڪل (هيڪل) ڪم ڪرڻ کير جي وٽيءَ پيئڻ جي برابر آهي ۽ ٻيجل ۾ وڏو آزار ٿيو پوي. اها چوڻي پاڻ تي ڀاڙڻ جي افاديت بيان ڪري ٿي، جنهن جو اڄڪلهہ عام سبق ڏنو وڃي ٿو ۽ جنهن تي اسان جي ڳوناٺي تهذيب آڳاٽي زماني کان ڪاربند ڏسجي ٿي، پر **”گهر جو پيرُ، چلهہ جو مارنگ“** وانگر، پنهنجي قدرن جو اسان کي ٻئي وٽان ٻئي انداز ۾ ملي ٿو، تڏهن واڇون گودو هڻن ٿيون ۽ اسان اُن کي نئون نڪورو تصور ڪندي، وڏيءَ اڪير ۽ اتساهہ سان اختيار ڪريون ٿا ۽ ان جي بيان ڪرڻ ۾ ڪُٺا ڪونہ ٿا پُڄون.

اسان جي معاشري ۾، روايتي طرح، مخلصانہ محبت، هڪ وڏي وٿ آهي ۽ محبتي ماڻهو منو ٿئي ٿو. ڀهراڙين ۾ تہ قربائتو انسان اکين ۾ جايون وٺندو آهي ۽ عزت اَپار لهندو آهي. هرڪو پيو هن جي سنگت لاءِ سِڪندو آهي ۽ ڪچهريءَ لاءِ آتو هوندو آهي. پر اها محبت ڏاڍي مهانگي چيز آهي ۽ اُن کي حاصل ڪرڻ ۽ نڀائڻ ويتر وڏيڪ ڏکيو ڪم آهي. شاهہ ڀٽائي رحہ بہ اُن ڪري ئي اِهو انتباهہ ڪيو آهي تہ:

سِڪ نہ آهي سُٽري، ڪڻ پروڙي پير،
ڪُسڻ ڏاران ڪير، ڪري سڌ سِڪڻ جي.

سڪ ۽ محبت کي ٻيو نالو نينهن جو ڏين ٿا. ڳالهہ ساڳي آهي، شايد ڊگرين جو فرق هجي. نينهن ۽ نياپي جو پاڻ ۾ وڏو تعلق رهيو آهي. اسان جي روايتي ادب ۾ نينهن ۽ نياپي کي وڏي تاريخ آهي ۽ هڪ جو تصور ٻئي جي يادگيري ڏياريو ڇڏي. نينهن جي اصليت جاچڻ لاءِ شاهہ ڀٽائيءَ جو هيءُ بيت پڙهڻو پوندو:

سَکر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بندَ ۾،
وَساريم وڏڦڙا، مٿي ماڙيءَ مينهن،
واجهائي وصال کي، ٿيس تنهوارون تيئن،
نِيرَ منهنجو نينهُن، اُجاري اَچو ڪيو.

اهڙيءَ طرح نياپي کي وري، ساڳي شاعر هيئن نباهيو آهي:

نئون نياپو آئيو راڻي مُلاءِ رات،
لڏيسون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
کهڙي پڇين ذات؟ جي آيا سي اگهيا.

نياپا سنيها تہ نينهن وارن درميان پيا هلن، پر نينهن نباهڻ لاءِ پنڌ پاڻ کي ڪرڻ گهرجي ۽ نياپن تي نہ هلجي، ڇوتہ ائين ڪرڻ سان پنهنجي ڪوشش ۽ تلاش وارا جذبا ٿڌا ٿيو وڃن ۽ سُستي ۽ غفلت گمراہ ڪيو ڇڏي. ان حالت ۾ ڪٿي ٿو مقصد حاصل ٿئي؟

ويني ور نہ پُون، سُتي ملن نہ سپرين،
جي مٿي رندن رُون، ساڃن ملي تِن کي.

اهڙيءَ حقيقت جي اظهار لاءِ، هي چوڻي عام آهي تہ **”پنڌ ڪجي پاڻ، نينهن نياپي نہ لائجي.“** مقصد اهو هوندو اٿن تہ دوستيءَ جو دم هڻي پوءِ پٺتي نہ پئجي. نياپو موڪلڻ تہ سولي ڳالهہ آهي، پر نينهن جهڙي ڪچي ڌاڳي ۽ نازڪ شيءِ کي ٽُٽڻ کان بچائڻ لاءِ ڪنهن بہ قربانيءَ ۾ ڪسر نہ ڇڏجي ۽ ان جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ ۾ سيڪجهہ پاڻ تي وسائجي.

اها چوڻي ڏيکاري ٿي تہ اسان جن ڳوٺاڻن وٽ محبت ۽ ان جي تقاضا وفا کي اهميت حاصل آهي. چوندا تہ **"سؤ وِڃائجي، پر ساءُ نہ وڃائجي"**. هتي سؤ مان مراد مادي نفعو آهي ۽ 'ساءَ' مان مطلب محبت آهي، جيڪا هو هر حالت ۾ نباهيندا آهن. شاهہ ڀٽائيءَ جو هيءُ بيت سندن سوچ جي سؤ في صدي ترجماني ڪري ٿو تہ:

محبت جي ميدان ۾، سِر جو سانگُ م ڪر،
لاهي سِر لطيف چئي، دوستن اڳيان ڌر،
عشق نانگ اَپر، خبر ڪاڌن کي پوي.

پر جيڪڏهن محبت ڪوڙي دلبي ۽ دوکي واري آهي ۽ اها جتاءَ جي جاندهہ مان پيسجي نہ نڪتي آهي تہ پوءِ اها منافقت ڪان مٿي نٿي چڙهي سگهي ۽ ڪا ڪشش ۽ جاذبيت نہ ٿي پيدا ڪري سگهي؛ چاڪاڻ تہ هڪ دل ۾ اگر هجي اڻ هوند تہ ٻئي جي دل کي ڪيئن چڪيندي؟

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تُنهنجي،
فاذڪروني اذڪرڪم، ايءَ پروڙج بات،
هٿ ڪاتي، ڳڙ وات، پڇڻ پر پرينءَ جي.

محبت جو ملمعو رکي ماڻهن کي گهڻي وقت تائين متاثر نہ ٿو ڪري سگهجي. هڪ ڏينهن اُن منافقت جو پاندو اَوس ڦاٽي پوندو آهي ۽ سچي حقيقت پڌر پٽ پوندي آهي.

اُن سلسلي ۾، ڳوٺاڻا ٻيو اصطلاح استعمال ڪندا آهن تہ **"گهر وٽي گهري، اَڱڻ آئي نہ سهي"** يعني پريت ۽ همدرديءَ جي هام پئي لڳي ۽ پيار جي دعويٰ پئي ظاهر ڪئي وڃي، پر اُن "سڄڻ" جي سامهون اچڻ کي بہ ناپسند ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ آرام ۽ آسائش پسنديءَ جو اهو عالم هوندو آهي، جو وٽي وٽي دعوائون تہ وڏيون ڪيون وڃن، پر انهن جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ کان لهرايو وڃي. اهڙن ئي ڪوڙن دعويدارن لاءِ شاهہ ڀٽائيءَ سسئيءَ جي معرفت چيو هو تہ:

ڏُونگر نہ ڏوري، سِڪڻ جون سَڏون ڪري؛
وٽي گهرُ گهوري، مٿان پرينءَ جندڙو.

حقيقت هيءَ آهي تہ مقصد جي سچائي ۽ صحت هر قسم جي قرباني ڪرڻ لاءِ آمادگي، آرزو ۽ اونو پيدا ڪندي آهي. سچو دعويدار مقصد جي منزل ماڻڻ لاءِ موٽڻ کي مهڻو سمجهندو آهي ۽ ڪنهن بہ قرباني ڪرڻ ۾ اجايا عذر نہ ڳوليندو آهي ۽ ڪاهي پوندو آهي. ساڳئي شاعر سهڻيءَ کان چورايو آهي تہ:

جِئان وهي تِئان واٽ، ڳپر پُڇن ڳوڙيون،
جن کي سِڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نہ پڇن گهاٽ،
جن کي عشق جي اُساٽ، سي واهڙ پائن وڪڙي.

"واهڙ" کي "وِڪ" جي سوچ ۽ ساڃهہ ۽ ويل نہ وڃائڻ جون واٽون، اسان جي ٻهراڙين ۾ رهندڙن جي هر قدم ۾ پيون ڏسبيون آهن. غربت جي غم هوندي هنن ڳوٺاڻن جي مهمان نوازيءَ ۽ درياءَ دلي، ايندڙ جي اوسيئڙي ۾ واٽن جي واجهہ ۽ دوستيءَ جي دعويٰ کي مذهبي جذبي هيٺ سچي ثابت ڪرڻ جي سچيءَ دل سان ڪوشش- اهي اهڙيون خوبيون آهن، جيڪي توهان کي ڳوٺاڻن ۾ ئي ملنديون. هي ماڻهو دوستيءَ جي دم کي مذهبي وعدو تصور ڪندا آهن. ۽ ڀڃتي پوڻ کي گناهہ سمجهندا آهن. شاهہ سائينءَ جي هن بيت تي عمل پيرا نظر ايندا آهن تہ:

يارُ سڏائي سَيڪو جاني زباني؛
آهي آساني، ڳم پئي ٿي ڳل پوي.

اهي ڳوٺاڻا ٻيو هي اصطلاح ڪم آڻيندا آهن تہ **"اڱڻ پرائي، پار ڪڍي پنهنجن جا."** شاهہ سائينءَ جي چوڻ مطابق:

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پَنڻ نہ ٿئي؛
ٻيون هُئين هٿ هڻن؛ رُونديون روئڻ واريون.

روئڻ واريون ئي واقعي رُوئنديون، ڇوته حقيقي غم ته انهن کي ئي هوندو آهي ۽ غم ئي روئاڙيندو آهي، پر پنهنجي پُور پوڻ سبب اوپرن جي اڳڻ تي اوڇنگارون ڏيڻ هڪ عجيب ۽ اڻ وڻندڙ عادت آهي، جيڪا ڳوٺاڻن کي پسند نه آهي. هو چاهيندا آهن ته وقت جي ڳالهه وقت تي ٿيڻ گهرجي ۽ احساس جو اجايو اظهار، خواريءَ جو سبب بڻجيو پوي، جنهن کان بهرحال پاسو ڪرڻ گهرجي.

هن دنيا جي فاني حيثيت هوندئن ته هرڪنهن کي معلوم آهي، پر ڏٺو ويندو ته شهرن ۾ مڙئي مالي منفعت جي ”مرض“ جو غلبو زياده آهي ۽ اُتي رهندڙ ماڻهپي کان ذري گهٽ ٻاهر مشيني پرزي وانگر هڻ هٽان ۾ رات ڏينهن لڳا پيا آهن. **”پاڙي ناهه پروڙ ته ڪا رات رنجائي گذري!“** واري ڳالهه وانگر، پنهنجي پاڙيوارن جي به هنن همراهن کي سُڌ نه هوندي آهي ته اُهي ڪير آهن يا ڪهڙن مسئلن ۾ منجهيل يا مزن ۾ محو آهن. بلڪل بي تعلقي واري زندگي پئي گذرين. اُن جي برعڪس ڳوٺن ۾ دنيا ئي ٻي آباد آهي ۽ هو نه رڳو تصوراتي طرح دنيا جي بي ثباتيءَ جا قائل آهن. پر اُن تي عمل ڪرڻ طرف به مائل آهن. سندن عمل ۽ قول مان پيو معلوم ٿيندو ته هي ماڻهو دنيا جي مايا ۽ موهه کي چڱو نه ٿا سمجهن ۽ لالچ ۽ لوڀ کان پاسو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو مالڪ سان ملڻ لاءِ عمل جي توشي ناهڻ جو فڪر به رکن ٿا. ظاهري جسم ۽ رهڻ لاءِ گهرن جي ڊهڻ جون ڳالهيون سندن زبان تي هروقت هونديون آهن. شاهه سائينءَ چيو آهي ته:

فاني ڙي فاني، دنيا دم نه هڪڙو؛
لٿي لوڙهه لتن سين، جوڙيندءِ جاني؛
ڪوڙر ۽ ڪاني؛ آهه سيڪنهين.

اُن ئي نظرئي سان مطابقت رکندر هڪ اصطلاح ڳوٺاڻا اڪثر استعمال ڪندا آهن ته **”پڳا ڏار، اُڏاڻا ڳيرا.“** ان مان اها به مراد هوندي اٿن ته

مرڪز جي ڊهڻ کان پوءِ سيڪو ڇڙوڇڙ ٿيو وڃي ۽ وجود ختم ٿيو وڃي يا خطري ۾ پئجيو وڃي.

جڏهن ٻن حالتن يا ڳالهين درميان ڪا مناسبت ۽ مشابهت نه ٿي رهي ته پوءِ ماڻهو عجيب اوپرائپ محسوس ڪندا آهن. ڪجهه اهڙي ڪيفيت جي اظهار لاءِ، ڳوٺاڻا ڳالهه ڪندي، چوندا آهن ته **”ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيارا!“** ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڪنهن زماني ۾ مائي مريم ۽ ادي الهيار جي شادي ٿي هئي يا ٿيڻ واري هئي، ليڪن ٻنهي جي شڪل شبيهه ۾ وڏو ڪو فرق هو. مريم، شايد مهاندي ۾ سهڻي هئي ۽ الهيار ڪوجهو هو. اُن تجربي تي، همراهن چوڻ شروع ڪيو هوندو ته ”ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الهيارا!“ ڳالهه ئي ڪانه ٿي ٿهي.

ان ڳالهه نه ٺهڻ جي اظهار لاءِ هڪ ٻيو اصطلاح به استعمال ٿيندو آهي. چوندا آهن ته **”اُپي ڳئون ٽر گابا، ڏاتا ڙي ڏاتا“** يعني مطلب اهو هوندو اٿن ته انهن ٻن ڳالهين جو پاڻ ۾ واسطو ئي ڪونهي. دراصل، اسان وٽ اُپوا ٽر سنڌ يا اپر سنڌ کي چيو ويندو آهي ۽ ٽر ڏکڻ سنڌ ۾ آهي. جيڪڏهن ڳئون ۽ سندس گابو هڪ ٻئي کان ڪوهين دور آهن ته ڳئون جي ڏاپڻ جو سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي. يعني ٻين لفظن ۾، جڏهن ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه اظهار ڪرڻ مقصود هوندي آهي ۽ اجائي هاءِ گهوڙا بيان ڪرڻي هوندي آهي ته ان وقت ڳوٺاڻا اها چوڻي ڪم آڻي صحيح نقشو اکين اڳيان آڻيندا آهن.

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت

اسان کي اهو علم آهي تہ ٻولين جو مسئلو صرف لساني مسئلو نہ، پر اهو هر قوم جو تمدني مسئلو پڻ آهي، ان ڪري ٻولي ڪنهن بہ قوم جي سڃاڻپ ۽ واڌ ويجهہ جو هڪ بنيادي ۽ اهم عنصر آهي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري هر قوم لاءِ ان جي قومي ٻولي هئڻ نهايت ضروري آهي، ان ڪري ئي اها ڳالهہ عام آهي تہ ”سا قوم تي زندهہ رهي، جنهن جي زبان زندهہ رهي“. جڻ تہ ٻولي قوم جي وجود جي بحالي ۽ سلامتيءَ جو هڪ بهترين هٿيار آهي.

منهنجي موضوع ”سنڌي ٻولي، قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت“ جا بنيادي طور بہ حصا آهن. جن کي هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو:

– سنڌيءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ جي سلسلي ۾، ان جي اهميت ڪهڙي آهي.
– ان کي جيڪڏهن قومي ٻوليءَ جو درجو ملي تہ ان ۾ ڪيتري افاديت آهي.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌو تهذيب جي قدامت ۽ سنڌ جي جداگانہ قومي وجود جي هزارها سالن واري تاريخ ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي، ان بابت هزارين صفحا لکيا ويا آهن. 1958ع ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جا سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل جملا ان جي اهميت ۽ قدامت لاءِ هڪ اهم اشارو آهن. ڊاڪٽرصاحب فرمائي ٿو:

”قدامت جي لحاظ سان اسان جي ٻاجهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان بہ آڳاٽي آهي. اُهي اڃا وجود ۾ ئي نہ آيون هيون، ۽ اردوءَ جو اڃا اير – پيير بہ معلوم ڪونہ هو تہ سنڌي زبان هڪ پاڪيزي نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي.“(1)

هتي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت اهڙين ڳالهين جي ورجاءَ ڪرڻ بجاءِ، اسين ڪنهن بہ قوم لاءِ قومي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت واري پوتاميل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، جنهن سان پاڻمرادو سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت واري ڳالهہ نمايان ٿي ويندي.

هڪ روسي اديب، ’ترگنيف‘ جنهن پنهنجيءَ عمر جو لڳ ڀڳ اڌ حصو بي وطنيءَ واري حالت ۾ گذاريو هو، تنهن ان دربدريءَ واري حالت ۾ پنهنجي روسي ٻوليءَ بابت جيڪي اتساهہ ڏياريندڙ جملا چيا هئا، تن جو حوالو ڏيندي محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو: ”جڏهن مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو جڏهن بہ پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو من لرزجي ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي، تون ئي مون کي ڏڍ ڏين ٿي، ۽ مون کي بچائين ٿي، جي تون نہ هجين تہ پڪ ئي پڪ، جو ڪجهہ منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏسي آءٌ هوند ڍهي ٻِنهہ پٽ اچي پوان ها، پر ڪو آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي تہ ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن قوم کي مليل هوندي“.(2)

نامور عالم ’گرين برج‘ ٻوليءَ جي اهميت بابت چوي ٿو: ”ٻولي ماڻهن جي ڪلچري ڪارڪردگيءَ جو حصو آهي. ٻوليءَ جو علم اهڙيءَ ريت منطقي طور تي علم الانسان جي انهيءَ شاخ سان تعلق رکي ٿو جنهن جو واسطو ڪلچر سان آهي.... ٻولي انسان جو حياتياتي يا موروثي عمل نہ آهي، ٻولي تہ غيرجبلتي، پرايل ۽ ڪلچري انساني عمل آهي“.(3) هتي بہ نُڪتا غور طلب آهن، جن بابت غور ويچار ڪرڻ سان ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ٿي ويندو.

- ٻوليءَ سان انسان جو حياتياتي يا موروثي عمل نہ هئڻ.
- ٻوليءَ جو ڪلچرلي انساني عمل سان واسطو هئڻ.

حياتياتي يا موروثي مان مراد آهي، نسلي وابستگي، جنهن کي هي عالم رد ٿو ڪري. ان جو ذڪر جيڪڏهن سنڌ جي حوالي سان ڪبو تہ سنڌي سماج ۾ ضم ٿي ويل، سنڌي ڳالهائيندڙ مختلف عرب نسل، مغل

گهراڻا، پناڻن جا پاڙا، جيڪي اڄ سنڌي قوم جو اڻٽوٽ حصو آهن، اهي نسلي طور تي تہ سنڌي ڪونہ هئا، اهي مختلف دورن ۾ حادثاتي طور تي يا ڪنهن مخصوص حڪمت عمليءَ تحت سنڌ ۾ آباد ٿي ويا، پر آهستي آهستي سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر اختيار ڪري، سنڌي قوم جو حصو بنجي ويا. اهڙوئي مثال عرب دنيا ۾ آباد ٿيل سنڌي نسل جي عالمن، محدثن ۽ شاعرن جو آهي. جيڪي مختلف حادثن ۽ هلائن سبب يا جنگين ۾ قيد ٿي عرب دنيا ۾ پهتا، پر اهي وقت گذرڻ سان مقامي ماحول جو حصو ٿي ويا. مثلاً ابو عطا سنڌي، جيڪو پنهنجي نالي سان ڪنيت طور سنڌي بہ لکي ٿو، شاعري عربيءَ ۾ ڪري ٿو ۽ مقامي سماج جو حصو بنجي ويو.

ٻوليءَ جي وسعت بيان ڪندي، محترم غلام علي الانا صاحب لکي ٿو "ٻوليون زندهہ قومن جي زندگيءَ، سندن جيوت، سندن سماجي حالتن، سندن تهذيب ۽ تمدن ۽ سندن ثقافت جون آئينہ دار هونديون آهن."(4) اهڙيءَ ريت هرڪا ٻولي پنهنجو پاڻ ئي اظهار جو هڪ اجتماعي آرٽ آهي. انهيءَ آرٽ ۾ جيڪي شيون شامل آهن، سي آهن جمالياتي عنصر- جمالياتي عنصرن جي هڪ خاص نموني ۾ صوتياتي عنصر، موزونيت وار عنصر، اهڃاڻوي عنصر ۽ ٻوليءَ جي جوڙجڪ وارا عنصر شامل آهن. هي سڀ عنصر اهڙا آهن، جو اهي هر ٻوليءَ ۾ جدا ٿين ٿا ۽ ڪن بہ ٻن ٻولين ۾ اهي هڪجهڙا ڪونہ ٿا ٿين".(5) ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٻوليءَ ۾ ضم ٿي قوميت اختيار ڪرڻ سان ئي اهي نفيس جمالياتي عنصر پيدا ٿي سگهن ٿا.

ٻوليءَ جي قوميت سان وابستگي بابت 'مئڪس مولر' جهڙي عالم جو رايو آهي تہ "جڏهن مان ڪنهن کي آريا ٿو چوان تڏهن منهنجو مطلب نہ رت سان آهي، نہ هڏن سان، نہ وارن سان، ۽ نہ ئي هڏائين پڃري سان، آريا چوڻ سان منهنجي مراد انهن سان آهي، جيڪي آريائي ٻولي ڳالهائين ٿا."(6)

'مئڪس مولر' جي ان راءِ کي جڏهن پاڻ سان لاڳو ڪنداسين، تڏهن ايئن چئبو تہ جڏهن اسين ڪنهن کي سنڌي چئون ٿا، تڏهن ان جو مطلب اهي ماڻهو جيڪي سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا. هتي هڪڙو عجيب مفروضو پيدا ڪيو ويو آهي، چي: "اردو ڳالهائيندڙ سنڌي" اهڙي دعويٰ ڪندڙ جيڪڏهن سنڌ جا ڄاوا آهن ۽ سنڌ سان وابستگي رکن ٿا تہ، سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڌڪڻ ۽ قومي ٻولي قرار ڏيارڻ واري عمل جي مخالفت ڇو ڪندا؟

قومون هزارين سالن ۾ ٺهنديون آهن. مختلف نسلن جو قومي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ وارو عمل پڻ هزارين سالن جي سفر کان پوءِ ٿيندو آهي، اهو بہ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن اهي نسل قومي زبان ۽ ڪلچر سان پنهنجو پاڻ کي هم آهنگ ڪري ڇڏين. ان ئي اصول تحت عرب، پناڻ ۽ ٻيا ڪيئي نسل سنڌي قوم جو حصو بنجي ويا آهن. ايتري قدر جو اڄ سندن آل اولاد سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿو، سنڌي ڪلچر اختيار ڪري چڪو آهي. ڪنهن بہ قوم جي ٻوليءَ جو بچاءُ، واڌارو ۽ ڦهلاءُ ان قوم جي سگهاري هئڻ جو اهڃاڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ غلام علي الانا جي چوڻ موجب "انسانذات جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ املهہ خزانو هر دور ۾ ان انسان جي ٻولي ئي رهي آهي".(7)

مئڪس مولر واري راءِ جي تائيد ڪندي 'ساپر' جهڙو عالم ٻوليءَ جي قوميت سان گهري لاڳاپي هئڻ تي زور ڏئي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ "هرهڪ ٻوليءَ جو هڪ دائرو ٿئي ٿو ۽ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اهڙيءَ ريت ڪنهن نہ ڪنهن قوميت سان تعلق رکن ٿا. ٻوليءَ جي قوميت اها شيءِ آهي، جيڪا طبعي خصوصيتن (Physical characteristics) جي ڪري ٻين گروهن ۽ قوميتن کان ڇنل آهي."(8)

هن جو صاف مطلب اهوئي آهي تہ ٻولي هڪ قوميت کي ٻي قوميت کان الڳ ڪري ٿي. اهڙي ريت 'پوٽر' ٻوليءَ جي قومي حيثيت ۽ قوم لاءِ ان جي اهميت جي سلسلي ۾ 'پيئرل سمٿ' کان مدد وٺندي لکي ٿو:

"انساني ٻولي عوامي پيداوار آهي، اها نه عالمن جي پيداوار آهي ۽ نه استادن جي. عالم ۽ استاد ٻوليءَ کي شاهوڪار بنائين ٿا، ۽ ان کي سينگاري ٺاهي، ادبي ٻوليءَ جي حسن جو گل بڻائين ٿا. پر ته به ٻوليءَ جون اهم ترين مکڙيون انهيءَ تاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون، جيڪا پنهنجو پاڻ اُپري ۽ وڏي آهي ۽ ان جون پاڙون زمين ۾ آهن... اهائي زمين آهي جنهن مان ٻوليءَ کي پنهنجي تازگي ۽ غذا ونڻ گهرجي."(9)

ٻوليءَ سان قوم ۽ زمين واري اهڙي اٽوٽ رشتي کي نظر ۾ رکندي 1860ع ۾ جڏهن اٽليءَ جو ملڪ، فرانس، آسٽريا، اسپين ۽ نيپلس جي گڏيل فوجن فتح ڪيو. تڏهن اٽليءَ جي هڪ لاثاني محب وطن، گئري بالڊيءَ، کان پڇيو ويو ته "هاڻي، اٽليءَ جو ڇا ٿيندو؟" تڏهن جهٽ هن ورندي ڏني ته، "ملڪ منهنجو ويو، ته نيٺ وري پوندو: منهنجي ٻولي شل مون کان نه وڃي!"(10)

ٻوليءَ جي اهڙي ڌرتيءَ سان گهري گهاٽي اٽُٽت ۽ امٽ وابستگي ٿي آهي، جيڪا قومي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته ان سان ڪنهن به قوم جي نشو نما ۽ واڌ ويجهه وارن بنيادن جي پيرائتي سرشتي جي پروڙ پوي ٿي. جيڪو ڪجهه هن ريت بيهي ٿو. ڌرتي جنهن جي ٻولي پيداوار آهي، ٻوليءَ جي سڌي طرح وابستگي قوميت ۽ ڪلچر سان آهي. يعني ڌرتي، ٻولي، قوميت ۽ ڪلچر- اهي انساني سڃاڻپ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان لازم ملزوم آهن. اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري عالمي ادارن ۾ جديد تخيل واري قوم جو بنياد زبان، وطن، ثقافت، قومي خاصيتن، اقتصادي ۽ سياسي مفادن کي قرار ڏنو ويو آهي. غور ڪري ڏسبو ته مٿي ذڪر ڪيل جزن مان به، ڪلچر پنهنجو پاڻ ۾ تمام وسيع ۽ جامع مفهوم رکي ٿو ڇاڪاڻ ته پڙهندڙن جي علم ۾ هوندو ته ڪلچر جا بنيادي عنصر قوم جي مڙني معاملن تي اثرانداز ٿيندڙ ۽ ان جي استحڪام جا ضامن آهن. اهي عنصر آهن:

- نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا،
- سماجي زندگيءَ جا طور طريقا،
- قومي ڪردار،
- فن لطيف ۽ ادب

مٿي ذڪر ڪيل عنصرن جو جيڪڏهن تفصيل سان بيان ڪجي ته اُهي ان قوم جي سموري وجود مٿان اثرانداز ٿيندڙ نظر ايندا. اهي ئي جهڙوڪر، ڪنهن قوم جي بقاءَ، بچاءَ ترقي ۽ واڌاري جا بنياد آهن. اهڙيءَ ريت "سنڌي ٻولي، قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت" واري سوال کي سمجهڻ لاءِ مٿي بيان ڪيل ڪلچر جي مکيه جزن مان هرهڪ جي تشريح ڪرڻي پوندي، جنهن جي ابتدا ۽ ارتقا جا اهڃاڻ هزارن سالن کان سنڌوماٿر Indus valley ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. جن مان دنيا کي حيرت ۾ وجهندڙ 'موهن جو دڙو' ۽ ڪجهه ٻيا آثار ظاهر ٿي سگهيا آهن. جڏهن ته اجان ڪيترن کي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪو ڪم بنيادي طور تي سرڪار جو آهي.

قومي زبان جي حوالي سان طئي ٿيل اصول آهي ته "ڪنهن ملڪ جي قومي زبان جي تعين جو حق انهيءَ ملڪ جي سياسي مدبرن يعني حڪومت هلائڻ وارن کي هوندو آهي... اهي سياستدان انهيءَ مسئلي جا سمورا پهلو اڳيان رکي، عوام جي عام فهم زبان کي قومي زبان قبول ڪندا آهن ۽ آهستي آهستي انهيءَ قبول ڪيل زبان کي غيرمحسوس ٿيندڙ طريقي سان وڌائيندا ۽ مالامال ڪندا ويندا آهن."(11) ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اڄوڪي سنڌ جا حڪومت هلائڻ وارا سياسي مدبر ان سلسلي ۾ ڌيان ڌري ڪو وقتائتو قدم کڻن.

**حوالا:**

(1) دائودپوٽو عمربن محمد، اسان جي سنڌي زبان، ته ماهي مهراڻ، 3-4، 1958ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(2) جويو محمد ابراهيم: مقدمو سنڌي ذات هنجن. حيدرآباد: سنڌي ادبي پبليشنگ ايجنسي، 1983ع، ص 2.

(3) Sapir Edward: "Language" (Introduction to the study of speech), Har Court, Brace, 1949, P-4

(4) ملاح مهراڻ، سنڌي ٻولي تحريڪ. حيدرآباد: فينڪس جو عڪس، 2008ع، ص 5.

(5) Spir Edward Ibid, PP -8

(6) Ibid PP-12

(7) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 200، ص 244.

(8) Sapir, Ibid, P-13.

(9) Simeon Potter: "Language in the Modern World" (A Pelican book, Hezell Watson Ltd, 1960, P-178

(10) جويو محمد ابراهيم، گذارش، ٽه ماهي مهراڻ بهار 1955ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص 2

(11) انصاري، عثمان علي، قومي زبان ۽ تعليمي زبان، ٽه ماهي مهراڻ، 3_4، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.


آزاد قاضي

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت

اسان کي اهو علم آهي ته ٻولين جو مسئلو صرف لساني مسئلو نه، پر اهو هر قوم جو تمدني مسئلو پڻ آهي، ان ڪري ٻولي ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ ۽ واڌ ويجهه جو هڪ بنيادي ۽ اهم عنصر آهي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري هر قوم لاءِ ان جي قومي ٻولي هئڻ نهايت ضروري آهي، ان ڪري ئي اها ڳالهه عام آهي ته "سا قوم ٿي زنده رهي، جنهن جي زبان زنده رهي". جڻ ته ٻولي قوم جي وجود جي بحالي ۽ سلامتيءَ جو هڪ بهترين هٿيار آهي.

منهنجي موضوع "سنڌي ٻولي، قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت" جا بنيادي طور ٻه حصا آهن، جن کي هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو:

- سنڌيءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ جي سلسلي ۾، ان جي اهميت ڪهڙي آهي.
- ان کي جيڪڏهن قومي ٻوليءَ جو درجو ملي ته ان ۾ ڪيتري افاديت آهي.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌو تهذيب جي قدامت ۽ سنڌ جي جداگانه قومي وجود جي هزارها سالن واري تاريخ ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي، ان بابت هزارين صفحا لکيا ويا آهن. 1958ع ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جا سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل جملا ان جي اهميت ۽ قدامت لاءِ هڪ اهم اشارو آهن. ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو:

"قدامت جي لحاظ سان اسان جي ٻاجهاري ٻولي، موجوده يورپ جي متمدن ٻولين کان به آڳاٽي آهي. اُهي اڃا وجود ۾ ئي نه آيون هيون، ۽ اردوءَ جو اڃا اير_ پير به معلوم ڪونه هو ته سنڌي زبان هڪ پاڪيزي نموني ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ ايندي هئي."(1)

هتي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت اهڙين ڳالهين جي ورجاءَ ڪرڻ بجاءِ اسين ڪنهن بہ قوم لاءِ قومي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت واري پوتاميل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. جنهن سان پاڻمرادو سنڌي ٻولي قومي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت واري ڳالهہ نمايان ٿي ويندي.

هڪ روسي اديب، 'ترگنيف' جنهن پنهنجيءَ عمر جو لڳ ڀڳ اڌ حصو بي وطنيءَ واري حالت ۾ گذاريو هو. تنهن ان دربدريءَ واري حالت ۾ پنهنجي روسي ٻوليءَ بابت جيڪي اتساهہ ڏياريندڙ جملا چيا هئا، تن جو حوالو ڏيندي محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو: "جڏهن مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو جڏهن بہ پنهنجي ملڪ تي ويچاريندي منهنجو من لرزجي ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي، تون ئي مون کي ڏڍ ڏين ٿي، ۽ مون کي بچائين ٿي، جي تون نہ هجين تہ پڪ ئي پڪ، جو ڪجهہ منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏسي آءٌ هوند ڏهي ٻِنهہ پٽ اچي پوان ها، پر ڪو آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي تہ ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن قوم کي مليل هوندي".(2)

نامور عالم 'گرين برج' ٻوليءَ جي اهميت بابت چوي ٿو: "ٻولي ماڻهن جي ڪلچري ڪارڪردگيءَ جو حصو آهي. ٻوليءَ جو علم اهڙيءَ ريت منطقي طور تي علم الانسان جي انهيءَ شاخ سان تعلق رکي ٿو جنهن جو واسطو ڪلچر سان آهي.... ٻولي انسان جو حياتياتي يا موروثي عمل نہ آهي، ٻولي تہ غيرجبلتي، پرايل ۽ ڪلچري انساني عمل آهي".(3) هتي بہ نُڪتا غور طلب آهن، جن بابت غور ويچار ڪرڻ سان ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ٿي ويندو.

- ٻوليءَ سان انسان جو حياتياتي يا موروثي عمل نہ هئڻ.
- ٻوليءَ جو ڪلچرلي انساني عمل سان واسطو هئڻ.

حياتياتي يا موروثي مان مراد آهي، نسلي وابستگي، جنهن کي هي عالم رد ٿو ڪري. ان جو ذڪر جيڪڏهن سنڌ جي حوالي سان ڪبو تہ سنڌي سماج ۾ ضم ٿي ويل، سنڌي ڳالهائيندڙ مختلف عرب نسل، مغل گهراڻا، پناڻن جا پاڙا، جيڪي اڄ سنڌي قوم جو اڻٽوٽ حصو آهن، اهي نسلي طور تي تہ سنڌي ڪونہ هئا، اهي مختلف دورن ۾ حادثاتي طور تي يا ڪنهن مخصوص حڪمت عمليءَ تحت سنڌ ۾ آباد ٿي ويا. پر آهستي آهستي سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر اختيار ڪري، سنڌي قوم جو حصو بنجي ويا. اهڙوئي مثال عرب دنيا ۾ آباد ٿيل سنڌي نسل جي عالمن، محدثن ۽ شاعرن جو آهي. جيڪي مختلف حادثن ۽ هلائن سبب يا جنگين ۾ قيد ٿي عرب دنيا ۾ پهتا، پر اهي وقت گذرڻ سان مقامي ماحول جو حصو ٿي ويا. مثلاً ابو عطا سنڌي، جيڪو پنهنجي نالي سان ڪنيت طور سنڌي بہ لکي ٿو شاعري عربيءَ ۾ ڪري ٿو ۽ مقامي سماج جو حصو بنجي ويو.

ٻوليءَ جي وسعت بيان ڪندي، محترم غلام علي الانا صاحب لکي ٿو "ٻوليون زندهہ قومن جي زندگيءَ، سندن جيوت، سندن سماجي حالتن، سندن تهذيب ۽ تمدن ۽ سندن ثقافت جون آئينہ دار هونديون آهن."(4) اهڙيءَ ريت هرڪا ٻولي پنهنجو پاڻ ئي اظهار جو هڪ اجتماعي آرٽ آهي. انهيءَ آرٽ ۾ جيڪي شيون شامل آهن، سي آهن جمالياتي عنصر- جمالياتي عنصرن جي هڪ خاص نموني ۾ صوتياتي عنصر، موزونيت وار عنصر، اهڃاڻوي عنصر ۽ ٻوليءَ جي جوڙجڪ وارا عنصر شامل آهن. هي سڀ عنصر اهڙا آهن، جو اهي هر ٻوليءَ ۾ جدا ٿين ٿا ۽ ڪن بہ ٻن ٻولين ۾ اهي هڪجهڙا ڪونہ ٿا ٿين".(5) ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ٻوليءَ ۾ ضم ٿي قوميت اختيار ڪرڻ سان ئي اهي نفيس جمالياتي عنصر پيدا ٿي سگهن ٿا.

ٻوليءَ جي قوميت سان وابستگي بابت 'مئڪس مولر' جهڙي عالم جو رايو آهي تہ "جڏهن مان ڪنهن کي آريا ٿو چوان تڏهن منهنجو مطلب نہ رت سان آهي، نہ هڏن سان، نہ وارن سان، ۽ نہ ئي هڏائين پڃري سان. آريا چوڻ سان منهنجي مراد انهن سان آهي، جيڪي آريائي ٻولي ڳالهائين ٿا."(6)

’مئڪس مولر‘ جي ان راءِ کي جڏهن پاڻ سان لاڳو ڪنداسين، تڏهن ايئن چئبو تہ جڏهن اسين ڪنهن کي سنڌي چئون ٿا، تڏهن ان جو مطلب اهي ماڻهو جيڪي سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا. هتي هڪڙو عجيب مفروضو پيدا ڪيو ويو آهي، چي: ”اردو ڳالهائيندڙ سنڌي“ اهڙي دعويٰ ڪندڙ جيڪڏهن سنڌ جا ڄاوا آهن ۽ سنڌ سان وابستگي رکن ٿا تہ، سنڌي ٻوليءَ کي پوئتي ڌڪڻ ۽ قومي ٻولي قرار ڏيارڻ واري عمل جي مخالفت ڇو ڪندا؟

قومون هزارين سالن ۾ ٺهنديون آهن. مختلف نسلن جو قومي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ وارو عمل پڻ هزارين سالن جي سفر کان پوءِ ٿيندو آهي، اهو بہ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن اهي نسل قومي زبان ۽ ڪلچر سان پنهنجو پاڻ کي هم آهنگ ڪري ڇڏين. ان ئي اصول تحت عرب، پٺاڻ ۽ ٻيا ڪيئي نسل سنڌي قوم جو حصو بنجي ويا آهن. ايتري قدر جو اڄ سندن آل اولاد سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿو، سنڌي ڪلچر اختيار ڪري چڪو آهي. ڪنهن بہ قوم جي ٻوليءَ جو بچاءُ، واڌارو ۽ ڦهلاءُ ان قوم جي سگهاري هئڻ جو اهڃاڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ غلام علي الانا جي چوڻ موجب ”انسانذات جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ املهہ خزانو هر دور ۾ ان انسان جي ٻولي ئي رهي آهي“.(7)

مئڪس مولر واري راءِ جي تائيد ڪندي ’ساپر‘ جهڙو عالم ٻوليءَ جي قوميت سان گهري لاڳاپي هئڻ تي زور ڏئي ٿو. سندس چوڻ آهي تہ ”هرهڪ ٻوليءَ جو هڪ دائرو ٿئي ٿو ۽ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اهڙيءَ ريت ڪنهن نہ ڪنهن قوميت سان تعلق رکن ٿا. ٻوليءَ جي قوميت اها شيءِ آهي، جيڪا طبعي خصوصيتن (Physical characteristics) جي ڪري ٻين گروهن ۽ قوميتن کان ڇنل آهي.“(8)

هن جو صاف مطلب اهوئي آهي تہ ٻولي هڪ قوميت کي ٻي قوميت کان الڳ ڪري ٿي. اهڙي ريت ’پوٽر‘ ٻوليءَ جي قومي حيثيت ۽ قوم لاءِ ان جي اهميت جي سلسلي ۾ ’پيئرل سمٿ‘ کان مدد وٺندي لکي ٿو:

”انساني ٻولي عوامي پيداوار آهي، اها نہ عالمن جي پيداوار آهي ۽ نہ استادن جي. عالم ۽ استاد ٻوليءَ کي شاهوڪار بنائين ٿا، ۽ ان کي سينگاري ٺاهي، ادبي ٻوليءَ جي حسن جو گل ٻڻائين ٿا. پر تہ بہ ٻوليءَ جون اهم ترين مکڙيون انهيءَ ٿاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون، جيڪا پنهنجو پاڻ اُپري ۽ وڌي آهي ۽ ان جون پاڙون زمين ۾ آهن... اهائي زمين آهي جنهن مان ٻوليءَ کي پنهنجي تازگي ۽ غذا وٺڻ گهرجي.“(9)

ٻوليءَ سان قوم ۽ زمين واري اهڙي اٽوٽ رشتي کي نظر ۾ رکندي 1860ع ۾ جڏهن اٽليءَ جو ملڪ، فرانس، آسٽريا، اسپين ۽ نيپلس جي گڏيل فوجن فتح ڪيو، تڏهن، اٽليءَ جي هڪ لاثاني محب وطن، گئري بالڊيءَ، کان پڇيو ويو تہ ”هاڻي، اٽليءَ جو ڇا ٿيندو؟“ تڏهن جهٽ هن ورندي ڏني تہ، ”ملڪ منهنجو ويو، تہ نيٺ وري پوندو: منهنجي ٻولي شل مون کان نہ وڃي!“(10)

ٻوليءَ جي اهڙي ڌرتيءَ سان گهري گهاٽي اڻٽٽ ۽ امٽ وابستگي ئي آهي، جيڪا قومي ٻوليءَ جي اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪري ٿي، ڇاڪاڻ تہ ان سان ڪنهن بہ قوم جي نشو نما ۽ واڌ ويجهہ وارن بنيادن جي پيرائتي سرشتي جي پروڙ پوي ٿي. جيڪو ڪجهہ هن ريت بيهي ٿو. ڌرتي جنهن جي ٻولي پيداوار آهي؛ ٻوليءَ جي سڌي طرح وابستگي قوميت ۽ ڪلچر سان آهي، يعني ڌرتي، ٻولي، قوميت ۽ ڪلچر- اهي انساني سڃاڻپ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان لازم ملزوم آهن. اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري عالمي ادارن ۾ جديد تخيل واري قوم جو بنياد زبان، وطن، ثقافت، قومي خاصيتن، اقتصادي ۽ سياسي مفادن کي قرار ڏنو ويو آهي. غور ڪري ڏسبو تہ مٿي ذڪر ڪيل جزن مان بہ، ڪلچر پنهنجو پاڻ ۾ تمام وسيع ۽ جامع مفهوم رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ پڙهندڙن جي علم ۾ هوندو تہ ڪلچر جا بنيادي عنصر قوم جي مڙني معاملن تي اثرانداز ٿيندڙ ۽ ان جي استحڪام جا ضامن آهن. اهي عنصر آهن:

- نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا،

- سماجي زندگيءَ جا طور طريقا،
- قومي ڪردار،
- فن لطيف ۽ ادب

مٿي ذڪر ڪيل عنصرن جو جيڪڏهن تفصيل سان بيان ڪجي ته اُهي ان قوم جي سموري وجود مٿان اثرانداز ٿيندڙ نظر ايندا. اهي ئي جهڙوڪر، ڪنهن قوم جي بقاءَ، بچاءَ ترقي ۽ واڌاري جا بنياد آهن. اهڙيءَ ريت "سنڌي ٻولي، قومي ٻولي: اهميت ۽ افاديت" واري سوال کي سمجهڻ لاءِ مٿي بيان ڪيل ڪلچر جي مکيه جزن مان هرهڪ جي تشريح ڪرڻي پوندي. جنهن جي ابتدا ۽ ارتقا جا اهڃاڻ هزارن سالن کان سنڌوماٿر Indus valley ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. جن مان دنيا کي حيرت ۾ وجهندڙ 'موهن جو دڙو' ۽ ڪجهه ٻيا آثار ظاهر ٿي سگهيا آهن. جڏهن ته اڃان ڪيترن کي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪو ڪم بنيادي طور تي سرڪار جو آهي.

قومي زبان جي حوالي سان طئي ٿيل اصول آهي ته "ڪنهن ملڪ جي قومي زبان جي تعين جو حق انهيءَ ملڪ جي سياسي مدبرن يعني حڪومت هلائڻ وارن کي هوندو آهي... اهي سياستدان انهيءَ مسئلي جا سمورا پهلو اڳيان رکي، عوام جي عام فهم زبان کي قومي زبان قبول ڪندا آهن ۽ آهستي آهستي انهيءَ قبول ڪيل زبان کي غيرمحسوس ٿيندڙ طريقي سان وڌائيندا ۽ مالامال ڪندا ويندا آهن."(11) ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اڄوڪي سنڌ جا حڪومت هلائڻ وارا سياسي مدبر ان سلسلي ۾ ڌيان ڌري ڪو وقتائتو قدم کڻن.

**حوالا:**


(12) دائودپوٽو عمربن محمد. اسان جي سنڌي زبان. ته ماهي مهراڻ، 3_4، 1958ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(13) جويو محمد ابراهيم: مقدمو سنڌي ذات هنجن. حيدرآباد: سنڌي ادبي پبليشنگ ايجنسي، 1983ع، ص 2.

(14) Sapir Edward: "Language" (Introduction to the study of speech), Har Court, Brace, 1949, P-4

(15) ملاح مهراڻ، سنڌي ٻولي تحريڪ، حيدرآباد: فينڪس جو عڪس، 2008ع، ص 5.

(16) Spir Edward Ibid, PP -8

(17) Ibid PP-12

(18) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 200، ص 244.

(19) Sapir, Ibid, P-13.

(20) Simeon Potter: "Language in the Modern World" (A Pelican book, Hezell Watson Ltd, 1960, P-178

(21) جويو محمد ابراهيم، گذارش، ته ماهي مهراڻ بهار، 1955ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص 2

(22) انصاري، عثمان علي، قومي زبان ۽ تعليمي زبان، ته ماهي مهراڻ، 3_4، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

پروين موسيٰ ميمڻ

# سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون

(ڇپائيءَ جي ادارن جي ڪوٽ ۽ ادبي ڪتابن جي مقدار جو جائزو)

ٻولي انساني اظهار جو اهم ذريعو آهي، ته ذهني ۽ علمي شعور جو اظهار پڻ. ٻوليءَ جي ئي وسيلي انسان پنهنجي خيالن جو اظهار زباني ۽ تحريري طور ڪري ٿو. ڪنهن به سماج جي مهذب هئڻ جي تصوير ان سماج ۾ ڪتب ايندڙ ٻولين جي ادب ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ۽ تحقيق اهو ادب ئي آهي، جنهن جي تخليق سان نه فقط سماج ۾ مثبت تبديلي اچي ٿي، پر خود انهيءَ ٻولي جي واڌ ويجهه تي پڻ حيرت انگيز اثر مرتب ٿين ٿا. مطلب ته ٻوليءَ ۽ ادب جو پاڻ ۾ گهاٽو سبنڌ آهي. انهيءَ ڪري موضوع کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ضروري آهي ته ٻوليءَ ۽ ادب جي گڏيل تعلق تي مختصر روشني وجهجي ته جيئن موضوع جي وضاحت آسان طريقي سان ٿي سگهي.

ڊاڪٽر فهميده حسين، ٻوليءَ ۽ ادب جي لاڳاپي بابت لکي ٿي ته:

”لکڻ جي فن سان ٻوليءَ جو تمام گهاٽو لاڳاپو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻولي ان جو وسيلو آهي، خاص ڪري سهڻا سهڻا لفظ جنهن سان ذات ڏٽي هڪ سگهارو فارم يا گهاڙيٽو اختيار ڪري ٿو، جيڪو ماڻهوءَ جي جذبن، ۽ سوچن تي اثرانداز ٿي، منجهس انسان جي تخليقي صلاحيت تي حيرت، فخر ۽ خوشيءَ جا جذبا اڀاري ٿو.“ (فهميده 1993: 227)

مٿئين حوالي مطابق اها ڇتائي ٿئي ٿي ته هر عام ڳالهايل ٻولي ادب جي اظهار جو ذريعو نه آهي، بلڪ سهڻن لفظن واري ادبي ٻولي ادب جي اظهار جو ذريعو آهي، ۽ عام ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ واضح فرق هجي ٿو. ادبي ٻولي مناسب حسين لفظن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين گفتارن، تشبيهن، اصطلاحن، استعارن ۽ ٻين انيڪ خوبين سان سينگاريل هجي ٿي، جنهن ۾ اثر انگيزيءَ جي قوت خاص حيثيت رکي ٿي. ادبي ٻولي ۽ ادب جو دائرو هڪٻئي سان مضبوط جڙيل آهي، جيئن ڊاڪٽر عرساڻي انهيءَ ڳانڍاپي تي لکي ٿو ته: ”ٻولي ۽ ادب ٻئي پنهنجي پنهنجي دائره عمل ۾ هڪٻئي تي اثرانداز ٿين ٿا.“ (عرساڻي، 1975: 119)

ادب ۽ ٻوليءَ جي انهيءَ گڏيل عمل (Interaction of language & literature) معرفت ڪيترائي اثرانگيز ۽ اڻ ملهه فن پارا انساني حياتين کي سنئين دڳ تي لائي ويا آهن.

ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي ذريعن ۾ اهم ذريعو ڪتابي علم آهي. دنيا جي اها قوم ترقي يافته شمار ٿئي ٿي سگهي، جا پنهنجي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي خزاني کان وانجهيل هجي. جنهن ٻوليءَ ۾ وڏي مقدار ۾ علمي ۽ ادبي تصنيفون نه آهن. سا سگهڻي ۽ سُجي ٻولي آهي ۽ اهڙو سماج ڪڏهن به ترقي ڪري نه سگهندو، جنهن جي ترجماني، انهيءَ سماج جي سڄاڻن، دانشورن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن معرفت نه ٿيندي هجي. انهيءَ ترجمانيءَ جو وڏو وسيلو ڇپيل ڪتابن جي موجودگي آهي، ۽ اهوئي ادب، لٽريچر يا ساهتيه آهي، جيڪو نثر ۽ نظم جي ٻن اهم شاخن ۾ ورهايل آهي.

سنڌي ٻولي هڪ علمي ۽ ادبي ٻولي آهي، جنهن جي نظم واري حصي ۾ ڳاهون، ڳيچ، بيت، وايون، ڪافيون، غزل، دوها، نظم، قطعا، ته سٽا، چوسٽا، ترائيل، سانيٽ، منظوم ناٽڪ ۽ ٻيو نظمي مواد شامل آهي، ته نثر جي پاڱي ۾ ڏند ڪٿائون، داستان، آکاڻيون، قصا، ڪهاڻيون، ناول، ناٽڪ مضمون، مقالا، سوانح عمريون، آتم ڪهاڻيون، خاڪا، سفرناما، انٽرويو، تقريرون، ساروڻيون، مقدما، مهاڳ، خط، ڊائريون، لوڪ ادب، تنقيد، تحقيق، لطيفيات ۽ ٻيو نثري مواد شامل آهي. ادب جو اهو مٿيون شعوري خزانو اسان وٽ ڪتابن جي صورت ۾ محفوظ ٿيو آهي. اڄ جيڪڏهن نثر ۽ نظم جي انهن صنفن ۾ ڇپيل ڪتاب اسان وٽ موجود نه هجن ها ته يقيناً سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ارتقائي صورتحال ان ريت نه هجي ها، جهڙيءَ ريت هلندڙ وقت ۾ موجود آهي. اسان جيڪو پنهنجي ماضيءَ جي تخليقي ادبي ورثي تي خوش ۽ مطمئن آهيون يا انهيءَ ورثي تي فخر سان ڪنڌ ڪڍي هلي سگهون ٿا، ۽ اڄ ٻوليءَ ۽ ادب جي مستقبل تي سوچ ويچار ڪرڻ جي قابل ٿيا آهيون، انهيءَ

جو سبب صرف انهيءَ شاندار ادبي سرمايي جي موجودگي آهي، جنهن جي حفاظت ۽ وڌائڻ ويجهائڻ ۾ سڄاڻن، عالمن، محققن، اديبن، شاعرن، استادن ۽ شاگردن سان گڏ انهن ٻوليءَ ۽ ادب سان چاهه رکندڙ پڙهندڙن جو به وڏو حصو آهي. جيڪي انهيءَ کي جيئارڻ لاءِ جتن ڪندڙ ۽ ڪتب خانا قائم ڪندڙ آهن. ڪتابي دنيا جي هن مڪمل نيٽ ورڪ ۾ ڇپائيءَ جي ادارن، ڪتابن ڇاپيندڙن ۽ عام تائين وڪرو ڪري پهچائيندڙن جو جيڪو هٿ آهي. اهو ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري ۾ تمام اهميت جوڳو آهي. مطلب ته اهي ڇاپخانا، پبلشر، پرنٽر ۽ ڊسٽري بيوٽر ئي آهن، جن جي ڪري ليکڪن جون تخليقي قوتون ڪتابي صورت وٺي عام تائين پهچي، مڃتا ۽ مان ماڻين ٿيون.

ڇپائيءَ جا ادارا سنڌ ۾ ڪڏهن قائم ٿيا؟ عام جام ڪتاب ڪهڙي وقت کان ڇپجڻ شروع ٿيا؟ هيستائين جي ڇپيل ڪتابن جو مقدار ۽ معيار ڪهڙو رهيو آهي؟ ڇا هلندڙ وقت ۾ ادبي ڪتابن جي ڳاڻيٽي ۽ معيار کان مطمئن ٿي اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ادب ترقيءَ ڏي روان آهي، يا ان ۾ ڪي رڪاوٽون موجود آهن؟ انهن سوالن سان گڏ ٻيا ڪيترا سوال آهن، جن جي تفصيلي جوابن جي گهرج انتهائي اهم آهي. مٿينءَ ڏنل تمهيد جو حاصل مطلب اهو آهي ته تخليقي ادب جي تيز رفتار اشاعت، ادب ۽ ٻوليءَ جي ڪاميابيءَ ۽ واڌاري جي ضمانت آهي.

هاڻي اچو ته ماضيءَ جي حوالي سان موجوده وقت جي ڇپيل تخليقي ادب جي ماپن جو جائزو وٺون، جنهن کي 1947ع کان اڳ ۽ پوءِ جي ٻن دورن ۾ ورهايو ويو آهي.

منظوم ديني ادب ۽ آخوند عزيزالله (1747ع کان 1823ع) جي قرآن پاڪ جي نثري ترجمي ۽ ڪجهه ٻئي نثري مواد کان پوءِ سنڌي ادب جي ڪتابن جو باقاعدي ڇپجڻ انگريز دور کان شروع ٿيو جڏهن کان ڇاپخانا قائم ٿيا، نه ته انهيءَ کان اڳ جا ڪتاب دستخطي ڪتابن جي صورت ۾ هئا. خانبهادر صديق ميمڻ موجب ته:

”سنڌي ادب جي نظم واري دور کان پوءِ هي نئون دور وري نثر کان شروع ٿيو جنهن جي پٺيان نظم جا نوان نوان ڪتاب به شايع ٿيندا رهيا. انگريز سرڪار جي حڪومت شروع ٿيڻ سان سنڌ جو لاڳاپو بمبئيءَ سان ٿيو جنهن ڪري پهرئين دور وارو لٽريچر، ٿي سئو ڪن ورهيه رڳو دستخطي ڪتابن جي صورت ۾ پيو هلندو هو سو بمبئيءَ ۾ ليٿو گراف ڇاپخانن جاري ٿيڻ ڪري ڇاپجڻ ۽ سنڌ ۾ عام جام نيڪال ٿيڻ لڳو. هڪڙي پاسي سرڪار طرفان اهل قلم جي همت افزائي ۽ قيمتي ڪوششون ٿيون ۽ ٻئي پاسي علم دوستن کي پاڻئون تصنيفات جو دلي شوق جاڳيو تنهن ڪري نوان نوان سنڌي ڪتاب لکجڻ ۽ ترجمو ٿيڻ شروع ٿيا.“ (ميمڻ 2003: 206)

اهڙيءَ ريت انگريزي حڪومت طرفان ڇاپخانن جو قائم ٿيڻ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ مقرر رسم الخط مقرر ڪرڻ، مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ، سرڪاري ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مقرر ڪرڻ، تعليم کاتو قائم ڪرڻ، درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکائڻ، مترجمن ۽ اديبن کي انعام ڪرام ۽ اعزاز ڏيڻ، لغتون ۽ گرامر جا ڪتاب تيار ڪرائڻ، اخبارون ۽ رسالا جاري ڪرائڻ ۽ خاص طور علمي ۽ ادبي ڪتابن جي ڇپرائڻ تي ڌيان ڏرڻ، سندن اهم ڪارناما هئا. 1852ع ۾ سنڌي صورتخطيءَ جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ 1853ع کان 1875ع تائين 22 سالن جي عرصي ۾ ڪل 66 ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي نثر ۽ نظم ۾ شايع ٿيا. بيشڪ انهن ڪتابن ۾ درسي ڪتابن جو انگ وڌيڪ هو ته به آکاڻين قصن، داستانن ۽ تاريخ جي ڪتابن سان گڏ ناول ”راسيلاس“ (مترجم: نولراءِ آڏواڻي ۽ اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي) سان ناول نگاريءَ جي صنف جو بنياد پيو ۽ ”شاهه جو رسالو“ پهريون دفعو ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1866ع ۾ جرمنيءَ جي شهر لپزگ مان ليٿو پريس مان ڇپرايو. اهڙيءَ ريت ڪجهه ڪتاب ٻاهران ڇپيا، پر پوءِ گهڻي ڀاڱي هتان جي ڇاپخانن ۾ ڇپجڻ لڳا.

پهرين ليٿوگراف پريس مرزا مخلص علي قائم ڪئي. سرڪاري طور پهريون ڇاپخانو 1866ع ۾ تعليم کاتي طرفان قائم ٿيو. ۽ انهيءَ کان پوءِ

آهستي آهستي ٻين نون ڇاپخانن جو قيام عمل ۾ آيو. گڏيل هندوستان ۾ ڪيترائي ڇپائيءَ جا ادارا قائم ٿي ويا، جن اخبارن جي ڇپائيءَ سان گڏ وڏي مقدار ۾ نثر ۽ نظم جا ڪتاب ڇپايا. شاهه عبدالڪريم، قاضي قاضن، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جو ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مواد ڇپجي عام تائين پهتو. ۽ ايئن 1947ع کان نثر ۾ نيون صنفون متعارف ٿيون، جن ۾ افساني، آتم ڪهاڻي ۽ سفرنامي جي شروعات ٿي ته ٻاراڻي ادب، لطيفيات، تنقيد ۽ تحقيق ۾ معياري، پر مناسب مقدار ۾ پڻ ڪم ٿيو. سوانح نگاريءَ، مضمون نگاري ۽ ناول نگاريءَ عروج ماڻيو. هن دور جا گهڻا تڻا ناول نگار هندو هئا، ۽ سندن ذاتي ڇاپخانن سبب ناول جي صنف وڏي ترقي ڪئي. سَون جي ڳاڻيٽي ۾ ترجما ڇپيا ۽ معياري طبعزاد ناول ڇپيا، جيئن: ”زينت“، (مرزا قليچ بيگ)، ”نور توحيد“، ”سسي نيزي پاند“، (محمد عثمان ڏيپلائي)، ”نورجهان“ (ڊاڪٽر گربخشاڻي)، ”غريبن جو ورثو“، (نارائڻ داس ميوارام ڀمڀاڻي) ۽ ٻيا ڪيترائي ناول هئا. مضمون نويسيءَ ۾ گل ڦل (مرتب پرمانند ميوارام)، ”گلدستو“ (ليلارام)، ”مقالات الحڪمت“ (ترجمو مرزا قليچ بيگ)، ”سير ڪوهستان“، (الهبچايو سمون)، ”ادبي آئينو“ (ڪشنچند عزيز) ۽ ٻيا ڪتاب.

اهڙيءَ ريت مختلف موضوعن تي نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب ڇپيا، نثر جا لکندڙ ديوان ننديرام سيوهاڻي، ديوان ڪوڙومل کلناڻي، ڏيارام گدومل، محمد صديق ميمڻ، ديوان نولراءِ آڏواڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڇيتمل پرسرام گلراجاڻي، ڀيرومل آڏواڻي، پرمانند ميوارام، لالچند امرڏنومل، آخوند عبدالرحيم وفا عباسي، عثمان علي انصاري، محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر محمد دائودپوٽو، ڪيولرام سلامت راءِ ۽ ٻيا هئا ته شاعريءَ ۾ خليفي گل محمد ’گل‘، سيد فاضل شاهه، مير حسن علي خان، مير عبدالحسين خان سانگي، سيد غلام مرتضيٰ شاهه، فقير قادربخش بيدل، محمد محسن ’بيڪس‘، سيد مصري شاهه، پير محمد اشرف شاهه ڪاماري وارو، شمس العلما مرزا قليچ بيگ، ليکراج عزيز، ڪشنچند بيوس، حمل فقير لغاري، غلام محمد شاهه گدا ۽ ٻين ديوان ۽ ڪليات لکيا.

انگريزي دور جي عالم، اديب، شاعر ۽ محقق مرزا قليچ بيگ جو سنڌي ادب تي وڏو احسان آهي، جو هن نثر ۽ نظم ۾ انيڪ موضوعن تي طبعزاد توڙي ترجمي جي صورت ۾ مڪمل ڪتاب لکيا ۽ سندن ڪتابن وڏي مقبوليت ماڻي ۽ انهن جو معيار ايترو اعليٰ هو جو اڄ به 150 سال گذرڻ کان پوءِ سندس لکيل ڪتاب ”زينت“، ”سائو پن، ڪارو پنو“، ”مقالات الحڪمت“، ”ديوان قليچ“ ۽ ٻيا ڪيترا تاريخ، لسانيات، گرامر، لطيفيات ۽ شيڪسپيئر جي ڪتابن جا ترجما اهميت رکندڙ آهن. ڊاڪٽر الانا لکيو آهي ته:

”هن دور ۾ مرزا قليچ بيگ سنڌي نثر نويسيءَ واري حصي جو علمبردار هو. هن صاحب شاعريءَ ۾ پڻ جديد صنفن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو. سندس اها ڪوشش سنڌي شاعريءَ ۾ جدت مڃي ويئي آهي. مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ کي رباعيون، مثنويون، مسدس، نظم ۽ گيت ڏنا. انگريزي ٻوليءَ جي مشهور ۽ نمائنده شاعرن جا چونڊ نظم، سانيٽ ۽ ترائيل وغيره سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، انهن صنفن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ متعارف ڪرايو.“ (الانا، 2006: 330)

سنڌي ادب جي تاريخ جو اونهو اڀياس اها ڄاڻ ٿو ڏئي ته 1947ع کان اڳ نثر توڙي نظم ۾ ڪتابن جو معيار ڇپائيءَ جي لحاظ کان بلند هو. انهن ڪتابن ۾ صورتخطيءَ جون غلطيون نه هئڻ برابر آهن. ڪتابن جا پروف ڏيان سان چڪاسيل آهن ۽ انهن ۾ ٻيهڪ جون نشانيون سهڻائيءَ سان ڏنل آهن. مثال طور جيڪڏهن فقط ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري ”شاهه جي رسالي“، جي ٽن جلدن (ڪمشنر ڇاپو) جو مطالعو ڪبو ته معيار کي داد ڏيڻو پوندو. انهيءَ دور ۾ ادب جي ترقيءَ ۽ ترويج ۾ ڪيترن سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن ڇپائيءَ جي ڪم کي هٿي ڏني هئي، جن مان ڪي هن ريت آهن:

ڪمشنرس آفيس ڇاپخانو ڪراچي، سنڌ گزٽ ڪمرشل پريس، مرڪنٽائيل پريس ايلفنسٽن روڊ، گورنمينٽ بڪ ڊپو حيدرآباد، سنڌ گزٽ پريس سکر، آشا ساهت منڊل، ايجوڪيشنل پبلشنگ پريس، سنڌ مسلم سوسائٽي، نئين سنڌ لائبريري، سنڌي ساهتيه سوسائٽي، ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، سنڌ پبلشنگ هائوس، ڀارت پريس، جارج پرنٽنگ پريس، هند سڀا، سنڌي اديبن جي مجلس، سڌار سڀا، گر سنگت، سک ٽرئڪٽ، رتن ساهتيه منڊل، ڀارت جيون، سنڌي ڪتاب گهر، پوڪرداس ٿانورداس، سندر ساهت، ٿياسافيڪل سوسائٽي، رابندر ناٿ ٽئگور سوسائٽي، مرڪنٽائيل سوسائٽي، ۽ ٻيا ڪيترائي ڇپائيءَ جا ادارا هئا. سيد مظهر جميل، پنهنجي ڪتاب "جديد سنڌي ادب" ۾ ص 1005 تي ڄاڻ ڏني آهي. ته "1947ع کان اڳ فقط سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڇپائيءَ جي ادارن جو انگ هڪ اندازي مطابق 115 جي قريب هو." (سيد، 2007ع: ص 1005).

هاڻ جيڪڏهن 1947ع کان پوءِ وارن ڇپائيءَ جي ادارن جو جائزو وٺبو ته وڏي تبديلي نظر ايندي. پاڪستان ٺهڻ بعد صورتحال بلڪل مختلف ٿي ويئي. سرحدن جي ورهاست سان سنڌي ادب جو ڇيڇڙ، لکڻ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. سنڌ ۾ ڇپائيءَ جي ادارن جا مالڪ گهڻي ڀاڱي سنڌي هندو هئا، جن جي هندوستان لڏي وڃڻ سان گهڻا ادار قائم رهي نه سگهيا ۽ انهن مان گهڻا بند ٿي ويا. هندوستان لڏي ويلن لاءِ اتي وڏا معاشي مسئلا هئا. ٻنهي ملڪن جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ معاشي حالتن جي ابتريءَ سبب ادب ۾ وقتي مانداڃي ويئي، پر پوءِ ڪجهه وقت کان پوءِ ڇپائيءَ جي ادارن جو قيام عمل ۾ اچڻ لڳو.

"ڀارت کان لڏي آيل واپارين مان ڪن واپارين نه فقط ڪتابن جا دوڪان کوليا، پر انهن سنڌي ڪتابن جي ڇپائڻ جو سلسلو پڻ هٿ ۾ ڪنيو. هن سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ آر. ايڇ احمد اينڊ برادرس، ميشرس يوسف اينڊ برادرس، ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ اڳيان اڳيان هئا. انهن کان سواءِ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ بشير احمد اينڊ سنز وارن پڻ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو. ڏيپلائي صاحب، شاهه جي رسالي جو انتخاب ڇپايو ان کان سواءِ ڏيپلائي صاحب ناولن ڇپائڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو. آزاد بڪ ڊيپوءَ طرفان محترم غلام محمد شهوائيءَ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جو نسخو ڇپايو ويو." (الانا، 2006: 351)

اهڙيءَ ريت آهستي آهستي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ڇاپخانا جاري ٿيا جي هن ريت آهن:

اسلاميه دارالاشاعت، سنڌ سڌار سوسائٽي، ماڊرن سنڌي پبلشنگ هائوس، زندگي پبليڪيشن، اداره انسانيت، جيلاني پبليڪيشن بدين، جميعت الشعراءَ لاڙڪاڻو ايجوڪيشن بڪ ڊپو، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، انجمن فروغ ادب هالا، موتي رام. ايس راماڻي، شيخ غلام علي اينڊ سنز، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو فردوس پبليڪيشن هالا، سهڻي پبليڪيشن حيدرآباد، ادبيات حيدرآباد، روح رهاڻ پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سنڌ سرڪار جو اطلاعات کاتو سنڌي ادبي سنگت، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، نيو ٽنڪرس فورم حيدرآباد، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، جي. ايم. سيد اڪيڊمي سن، آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي، اردو سنڌي فائونڊيشن، مارئي سماجي سنگت، ڪراچي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو نسيم بڪ ڊپو حيدرآباد، ناري پبليڪيشن حيدرآباد، نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، گنج بخش پبليڪيشن حيدرآباد، پيس پبلشرز، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ذڪي پرنٽرز ڪراچي، ڪاٺياواڙ اسٽور ڪراچي، پاپولرز پرنٽرز، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، عريبا پبلشرز ڪراچي، ۽ هندستان ۾ ساهتيه اڪيڊمي دهلي نئين دنيا پبلشرز ممبئي، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، پرميلا پبليڪيشن، الهاس نگر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور، ڀڳت ڪنور رام فائونڊيشن احمد آباد، گجرات، سنڌي اڪادمي دهلي، نيشنل ڪائونسل فار

پروموشن آف سنڌي لئنگئيج دهلي ۽ ٻيا ادارا قائم ٿيا. جن ڪيترا ڪتاب شايع ڪيا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ جي لکندڙن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، جي. ايم. سيد، حسام الدين راشدي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد عثمان ڏيپلائي، مخدوم محمد صالح ٻٽي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، مخدوم طالب المولي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، جمال ابڙو، سراج الحق ميمڻ، حميد سنڌي، امر جليل، طارق اشرف، نسيم کرل، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، مراد علي مرزا، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهہ، نصير مرزا، الطاف شيخ، عبدالحئي پليجو، عطامحمد ڀنڀرو، بدر ابڙو، ولي رام ولڀ، محمد بخش، ”واصف“، شيخ اياز، نارائڻ شيام، عبدالڪريم گدائي، محمد صديق مسافر، ستاد بخاري، تنوير عباسي، راشد مورائي، فتاح ملڪ، تاجل بيوس، انور فگار هڪڙو، ملڪ نديم، امداد حسيني، سحر امداد، تاج جويو، اياز گل، ڊاڪٽر ادل سومرو، آزاد قاضي ۽ ٻين جا ڪتاب شايع ٿيا آهن. انهن ڇاپخانن معرفت نثر ۽ نظم جا شاهڪار ڪتاب شايع ٿيا، جن کي وقت جي دز اڄ تائين لٽي نہ سگهي آهي. جيئن ڪهاڻي، ناٽڪ، ناول، سفرنامي، مضمون نويسيءَ ۾ ”پشو پاشا“ (جمال ابڙو)، ”آب حيات“ (غلام رباني آگرو)، ”بلو دادا“ (اياز قادري)، ”ڊمي“، ”چوٽيهون در“، ”شبنم شبنم ڪنول ڪنول“ (نسيم کرل)، ”جڏهن مان نہ هوندس“، ”دل جي دنيا“، ”ٽيون وجود“ (امر جليل)، ”لهر لهر زندگي“ (ماهتاب محبوب)، ”جلاوطن“، ”ڪربلا“ (نورالهديٰ شاهہ ”خورشيد“، (محمد عثمان ڏيپلائي)، ”شڪنتلا“، (ترجمو) (رشيد احمد لاشاري)، ”پڙاڏو سوئي سڏ“، ”مرڻ مون سين آءُ“ (سراج ميمڻ)، ”همہ اوست“ (آغا سليم)، ۾ ”اندر جنين اُڄ“ (ماهتاب محبوب)، ”ڏوري ڏوري ڏيهہ“ (تنوير عباسي)، ”هو جي وڻ ولات جا“ (عبدالحئي پليجو)، ”بندر بازاريون“ کان ”نيو هالا کان نيويارڪ تائين“ (الطاف شيخ جا پنجاهہ کان مٿي سفرناما)، ”سنڌي سڀاجهڙا (اسماعيل عرساڻي)، ”ڳالهہ ٻولهہ“ (گرداس واسواڻي)، ”ويچار“ هرو مل سدارنگاڻي ۽ ٻيا تنقيد، تحقيق، لطيفيات، ٻارڙن ادب، ۽ ڪيترن موضوعن تي سوين ڪتاب شايع ٿيا آهن. نظم ۾ پڻ شاعرن پاڻ ملهايو آهي، شيخ اياز سنڌي شاعريءَ کي ”ڀونئر ڀري آڪاس“، ”ڪلهي پاتم ڪينرو“، ’ڪي جو ٻيجل ٻوليو‘ وڄون وسڻ آئيون، ”پٽڻ ٿو پورو ڪري“، ”اٿي اور الله سين“ ۽ ٻين چاليهارو کن شاهڪار ڪتابن سان مالامال ڪيو آهي تہ مخدوم طالب المولي، ڊاڪٽر تنوير عباسي، شمسيرالحيدري، نياز همايوني، ذوالفقار راشدي، امداد حسيني ۽ ٻين جي شاعريءَ جي مجموعن سان ادب جي نظم واري پاڱي ۾ وسعت آئي آهي.

مٿئين بنيادي تفصيل کان پوءِ آءٌ پنهنجي اصل موضوع يعني ڇپائيءَ جي ادارن جي ڪوٺ ۽ تخليقي ادب جي ڪتابن جي مقدار ۽ معيار ڏي اچان ٿي.

مٿي جيڪو جائزو ڏنو ويو آهي، اهو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي دور جو آهي، پر هتي جيڪڏهن 1947ع پوءِ جي دور جي ڇپيل ادب کي ٻہ ٻن حصن 1947ع کان 1980ع ۽ 1980 کان 2010ع تائين ۾ ورهائي ڇنڊڇاڻ ڪبي تہ ڪي نيون حقيقتون سامهون اينديون، جن سان نہ فقط موضوع جي ڇٽائي احسن طريقي سان ٿيندي، پر هن اهم مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي.

حقيقت ۾ سنڌي ادب جي اشاعتي ترقيءَ جو درجي وار اڀياس هڪ وڏو اڀياس آهي، جو هڪ مقالي ۾ آڻڻ ممڪن نہ آهي، پر هتي مختصر طور چند اهم نڪتا پڙهندڙن کي ذهن نشين ڪرائڻ چاهينديس. جيڪي هلندڙ وقت ۾ ڇاپخانن ۽ ڇپيل تخليقي ادب جي ڪميءَ بابت آهن ۽ اهو ٻہ ڄاڻائينديس تہ ڪهڙا اُپاءَ عمل ۾ آڻجن، جن سان اسين ٻيهر هڪ شاندار تخليقي ادب جي ورثي جا مالڪ ٿي سگهون.

ڇپائيءَ جي ادارن جي ڪوٺ جي حوالي سان سڀ کان پهرين آءٌ اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ مٿي بيان ڪيل ادارن مان هن وقت ڪيترا ڇپائيءَ جا

ادارا جهڙوڪ: اداره انسانيت، زيب ادبي مرڪز سهڻي پبليڪيشن، انجمن فروغ ادب هالا ۽ سردار پرنٽنگ پريس وغيره بند ٿي ويا آهن. باقي جيڪي موجود آهن، انهن مان ڪيترن ادارن وٽ ساليانو ڇپيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو 4 کان 5 تائين آهي. اها سروي مون روبرو ۽ ٽيلفون ذريعي ڪئي ته گنج بخش پبليڪيشن جي عمران قلندري، نيوفيلڊس جي فيروز ميمڻ، ناري پبليڪيشن جي نذير ناز، نسيم بڪ ڊپو جي نسيم صاحب ۽ ٻين کان معلومات ملي ته سنڌن ادارن ۾ ڇپيل ڪتابن جو انگ ساليانو 4 کان 5 يا ان کان به گهٽ آهي، "سنڌيڪا" جهڙي مشهور اداري جي مالڪ نور احمد ميمڻ سان ٽيليفونڪ گفتگو موجب ته، "هن وٽ ساليانو ڇپيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو 12 تائين مس آهي ۽ وٽس ڇپائيءَ لاءِ پيل ڪتابن جا مسودا پنجاهه کان به مٿي آهن." (ميمڻ، 2011: 4.3)

هاڻي انهيءَ مان اها وضاحت ٿي ته اسان وٽ فقط چند ادارا اهڙا آهن، جن وٽ ڇپائيءَ جو ڪم مقدار ۾ اهميت جوڳو آهي، جيئن سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ ثقافت کاتو (سرڪاري ادارا) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور وغيره (خانگي ادارا). هاڻي هتي ڌيان جوڳي ڳالهه اها آهي ته سرڪاري ادارن وٽ عام ماڻهوءَ جي نه پهچ آهي ۽ نه سنڌن ڪتابن شايع ٿين ٿا ۽ نه ئي سنڌن طريقهءِ ڪار اهڙو آهي، جو ان مان هر لکندڙ مستفيض ٿي سگهي. خانگي پبليشنگ ادارا ظاهر آهي ته تجارتي بنياد تي ڪم ڪن ٿا ۽ انهن جا هلائيندڙ گهڻي ڀاڱي ليکڪن کان پئسا وٺي پوءِ ڪتاب ڇاپين ٿا ۽ اهڙين حالتن جي ڪري ڪيترا معياري لکندڙ به ڪتاب ڇپرائڻ جي همت ساري نٿا سگهن. انهيءَ ڪري انيڪ ڪتاب مسودن جي شڪل ۾ پبلشرن ۽ ليکڪن وٽ موجود آهن، جنهن سان ادب جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي.

سنڌي قوم پڙهيل ڳڙهيل قوم آهي، اسان وٽ ادب پڙهندڙن جو هڪ وڏو طبقو آهي، پر ڇپائيءَ جي ادارن جي کوٽ، وڌندڙ مهانگائي، ملڪ ۾ وڌيل ڪرپشن ۽ غيرمحفوظ، سماجي، سياسي ۽ معاشي حالتون ۽ ٻين ڪيترن سببن جي ڪري پڙهندڙن تائين سٺن ڇپيل ڪتابن جو اهو انگ نٿو پهچي، جيترو پهچڻ کپي. هلندڙ وقت ۾ تحقيق ڏانهن وڌندڙ رجحان سبب به تخليقي ادب ۾ ڪمي آئي آهي. انهن سڀن نُڪتن جي نشاندهي ادبي تاريخ جي اوسر ۾ اڳيان هلي ضرور ٿيندي. پر اڃا به وقت ويو نه آهي، انهيءَ تي سوچڻ، حل ڪڍڻ ۽ اُپائن تي عمل ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ گهرجن. هيٺ انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ چند نُڪتا پيش ڪريان ٿي.

1. انگريزي حڪومت ڇاپخانن کي قائم ڪرڻ طرف تمام گهڻو ڌيان ڏنو هو، جنهن سان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي وڏي ترقي ٿي، سنڌي ٻولي ۽ ادب کي بچائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي سرڪاري ڇاپخانن جي وڌيڪ قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ گهرجن ۽ انهن ادارن کي وڏي گرانٽ ڏني وڃي.
2. ادبي ادارن ۽ جماعتن پاران گڏيل ڇپائيءَ جا ادارا قائم ڪرڻ گهرجن.
3. سَرنديءَ وارن کي شخصي طور هن نيڪ ڪم ۾ مدد ڪرڻ گهرجي.
4. ملڪ جي ڪجهه حصن ۾ خاص طور پنجاب ۾ ڪاغذ سستو موجود آهي. ڇپائيءَ جي ادارن کي سنڌ حڪومت کان ڪاغذ جي سستي حصول ۾ مدد وٺڻ گهرجي.
5. سڄي صوبي ۾ ڪتابن جي قيمت جو هڪ معياري ماپو مقرر هئڻ ضروري آهي، جيئن مناسب قيمت جي ڪري هر ڪتاب هر هڪ پڙهندڙ تائين پڄي.
6. ڪتاب جي ٻاهرين سونهن سوڀيا پنهنجي جڳهه تي اهم ضرور آهي، پر جيڪڏهن ڪتابن جي موضوعن ۽ مواد تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ته معياري ادب تخليق ٿيندو.

7. ادبي ڪتابن جي کوٽ جي سببن ۾ اهم سبب نون ليکڪن جو گهٽ اُسرڻ آهي، جيئن تہ اسان وٽ وڏن ليکڪن: جهڙوڪ، محمد عثمان ڏيپلائي، مخدوم طالب المولي، شيخ اياز، جمال ابڙي، نسيم کرل، اياز قادري، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر نجم عباسي، نياز همايوني، استاد بخاري، پوپٽي هيرانندڻي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ ٻين جي وفات سبب تخليقي ادب ۾ وڏو خال اچي ويو آهي. ۽ هلندڙ وقت ۾ موجود پراڻا ليکڪ پڻ گهٽ لکي رهيا آهن ۽ ان کان سواءِ نون لکندڙن کي ڇپائيءَ جي مسئلن جي ڪري اُسرڻ جو موقعو گهٽ ملي رهيو آهي. انهيءَ ڪري نون لکندڙن جي همت افزائيءَ لاءِ موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن.

8. ادبي صنفن ۾ مختلف موضوعن تي لکيل ڪتابن جا انعامي مقابلا ڪرايا وڃن ۽ ادبي نشستون ۽ ڪلاس منعقد ڪرايا وڃن.

9. سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۽ وڪري جي مسئلن جي ڪري ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن. هن اهم موضوع تي خاص طور سيمينار ڪرايا وڃن تہ جيئن ڪي چڱا سڌارا عمل ۾ اچن. منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن مٿين نُڪتن مان چند تي بہ عمل ٿيو تہ يقيناً سٺا نتيجا سامهون ايندا ۽ سنڌي ادب وڌيڪ وڌندو ۽ ويجهندو.

## حوالا:


1ـ فهيمده حسين، "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، 1993ع، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ص 227.

2ـ عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جو باهمي ميل"، تہ ماهي مهراڻ، 1971ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص 119.

3ـ ميمڻ، خانبهادر محمد صديق، "سنڌ جي ادبي تاريخ"، 2003ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ص 206.

4ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا"، 2006ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ص 330.

5ـ سيد، مظهر جمليل، "جديد سنڌي ادب"، 2007ع، اڪيڊمي بازيافت، ڪراچي، ص 1005.

خالد آزاد

# سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ناٽڪن ۽ ناٽڪ منڊلين جي هڪ صدي: هڪ جائزو

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪيترا ناٽڪ لکيل آهن، انهن مان ڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن ته ڪي ٻيا اسٽيج تي ادا ۽ ريڊيي تي صدا ڪيل آهن. جيئن ته ناٽڪ، ادب جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن جو واسطو تحرير سان گڏ اداڪاريءَ سان به هوندو آهي، ان ڪري هن صنف جي تحرير هڪ خاص ڪلا جي گهُرجائو آهي. وري جيڪڏهن ناٽڪ ٻارن لاءِ هُجن ته ان لاءِ وڌيڪ ٽيڪنڪ ۽ محنت جي ضرورت پوي ٿي. جيتوڻيڪ هن وقت سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ناٽڪن جي لکڻ ۽ اسٽيج ڪرڻ جو سلسلو گهٽي ياڳي ختم ٿي چڪو آهي، پر ماضيءَ ۾ هن ڏس ۾ تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. هن تحقيقي مقالي ۾، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل ۽ پيش ڪيل ناٽڪن ۽ ناٽڪ منڊلين جو هڪ جائزو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪن جا موضوع گهڻو ڪري مزاحيه اخلاقي، ۽ اصلاحي رهيا آهن. پر هن سلسلي ۾ گهڻو ڪري ورهاڱي کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ناٽڪن تي ڪم اڪثر هندستان ۾ ٿيو آهي، ۽ هندستان ۾ ڇپيل ڪيترا اهڙا حوالاجاتي ۽ تحقيقي ڪتاب ميسر آهن، جن کي آڏو رکي ناٽڪن جي ارتقا جو ڇيد ڪري سگهجي ٿو پر ورهاڱي کان پوءِ واري صورتحال ڪجهه مختلف آهي. هن موضوع تي ڪم ڪندي، جڏهن مون سنڌي ادب جون مختلف تاريخون ڦلورڻ شروع ڪيون ته ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ مختلف ناٽڪ منڊلين پاران پيش ڪيل ۽ ڪتابي صورتن ۾ شايع ٿيل ناٽڪن بابت ڪيترائي مونجهارا سامهون آيا. مثال طور: ڇا سمورا ننڍا ۽ مزاحيه، نصيحت آميز اخلاقي ۽ اصلاحي ناٽڪ ٻارن لاءِ هئا؟ ڇا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ برپا ڪيل ڊرئميٽڪ سوسائٽيون رڳو ٻارن لاءِ ناٽڪ پيش ڪنديون هيون؟ اهي ساڳيا مونجهارا سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جي تاريخ تي ڪم ڪندي به سامهون پئي آيا آهن.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر (1949ع) جي ضميمي ۾ ڏنل آکاڻي **"شهزادي امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آکاڻي"**، پنڊت بنسي ڌر جي هندي قصي تان ورتل غلام حسين قريشيءَ جي ڪهاڻي **"ڀنيي زميندار جي ڳالهه"** (1854ع)، ساڳئي پنڊت بنسي ڌر جي هڪ ٻئي هندي قصي تان اُلٿو ڪيل ميران محمد شاهه(اول) جي **"سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه"** (1855ع) ۽ ٻين اوائلي آکاڻين بابت به آءٌ هڪ وڏي عرصي کان مونجهاري جو شڪار هئس ته ڇا اهي خاص طور ٻارن لاءِ لکيون ويون هيون؟ پر جيئن ته انهن جو متن (Contents) موجود آهي، جنهن جي پيرايي ۽ ٻوليءَ مان اندازو ٿي وڃي ٿو ته اهي ٻارن لاءِ لکيون ويون هيون، پر منهنجي راءِ ناٽڪن جي سلسلي ۾ اڃا به مونجهارا درپيش آهن. وڏيءَ ڪوشش جي باوجود مون کي انهن قديم ناٽڪن جو متن (Contents) نه ملي سگهيو آهي، البت هتي احتياط کان ڪم وٺي ليکڪن، موضوعن ۽ ڪردارن ۽ پيش ڪارن کي نظر ۾ رکي تجزيو ڪريان ٿو:

1894ع ۾ سنڌ ۾ پهرين سنڌي ناٽڪ منڊلي **"ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي"** قائم ٿي ۽ ناٽڪن جي لکڻ ۽ پيش ڪرڻ جو سلسلو باقاعدي شروع ٿيو. شروعاتي سالن ۾ جيتوڻيڪ هن ناٽڪ منڊلي باقاعدي ٻارن لاءِ ڪو خاص ناٽڪ نه پيش ڪيو (۽ نه ئي شايد لکيو ويو)، پر مرزا قليچ بيگ جي ننڍن مزاحيه ناٽڪن: **"لوڀي ۽ ٺوڳي"** (1894)، **"نيم حڪيم خطره جان"** (1897)، **"شيخ چلي ۽ اگهڻ مسخرو"** (1899) وغيره جي نالن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو ته اهي وڏن سان گڏ ٻارڙن لاءِ دلچسپ هوندا هئا. بعد ۾ هن ئي ناٽڪ منڊليءَ پهريون پيرو

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ باقاعدي ناٽڪ **"سنگ جو پرسنگ"** پيش ڪيو. جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ديوان ڪوڙي مل چندن مل ڪلناڻيءَ 1905ع ۾ لکيو ۽ ساڳئي سال پيش ڪيو. سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ هي پهريون ناٽڪ هو. جنهن ۾ اسڪولي ڇوڪرن کي سٺي سنگت رکڻ لاءِ نصيحت ڏنل هئي. هيءُ ناٽڪ بعد ۾ اسڪولي شاگرد اسڪولن ۾ ڪندا رهندا هئا.

ديوان ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي، سنڌيءَ جو اهو عالم آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب تي تحقيق دوران مون کي بيحد متاثر ڪيو آهي. 1853ع ۾ عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي جن عالمن ۽ اڪابرن سنڌيءَ ۾ مختلف موضوعن تي بنيادي ڪم ڪيو. تن ۾ ديوان ڪوڙي مل جو نالو هوندئن ئي اڳيان اڳيان هو. پر گڏوگڏ ديوان صاحب اهو پهريون شخص هو. جنهن ٻارن لاءِ سڀ کان اول اصلوڪا ڪهاڻين ۽ شعرن جا ڪتاب لکيا. ان کان اڳ سيد ميران محمد شاهه اول ڪهاڻين جو ڪتاب **"مفيد الصبيان"** (1861) سنڌيءَ ۾ ٻارن جي آکاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، پر جيئن ته اهي آکاڻيون اصلوڪيون نه هيون ۽ هنديءَ تان ورتل هيون، ان ڪري ديوان ڪوڙي مل چندن مل ڪلناڻيءَ جو ڪتاب **"ٻاراڻيون آکاڻيون"** ئي سنڌيءَ ۾ ٻارن جي اصلوڪين آکاڻين جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو 1891ع ۾ شايع ٿيو.[1] ساڳئي سال يعني 1891ع ۾ ديوان ڪوڙي مل ٻارن لاءِ شعرن جو مجموعو **"ٻاراڻا شعر"** پڻ لکيو ۽ ڇپايو. جيڪو پڻ سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو پهريون مجموعو آهي. ساڳيءَ طرح اهو ديوان ڪوڙو مل چندن مل ڪلڻاڻي ئي هو. جنهن سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ پهريون ناٽڪ 1905ع ۾ **"سنگ جو پرسنگ"** لکيو.

[1] . هن ڪتاب جي قيمت اڍائي آنا هئي، جيڪو مرڪنٽائيل پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپيو. هڪ هنڌ هن ڪتاب جي اشاعت جو سال 1894ع ڄاڻايل آهي، پر پروفيسر منگهارام ملڪاڻي هن ڪتاب کي 1891ع جو ڄاڻايل آهي، جيڪو سال وڌيڪ مستند ٿو لڳي. هن ڪتاب جا 1898ع تائين ٽي ڇاپا شايع ٿيا. ٽيون ڇاپو قيصريه پريس حيدرآباد مان 1998 ۾ شايع ڪيو ويو

هي اهو دور هو. جنهن ۾ سنڌ اندر ناٽڪ جي اوسر ٿي ۽ سنڌ ۾ ڪيترين ئي ناٽڪ منڊلين قائم ٿيڻ لڳيون. اڪثر ناٽڪ منڊليون سنڌ جي ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ قائم ٿيون، جن ۾ شاگرد ئي حصو وٺندا هئا. انهن ناٽڪ منڊلين ۾ پيش ٿيندڙ ناٽڪن جي موضوعن ۽ ڪيفيت کي ڏسبو ته اهي هڪ ئي وقت وڏن ۽ ٻارن لاءِ دلچسپيءَ ۽ سکيا جو باعث هئا. ڊرمي ناٽڪن کي ڇڏي، اڪثر ناٽڪن جا موضوع سماجي: **"سماجي برائين کان بچڻ، سٺي دوستي رکڻ، تعليم پکيڙڻ، قرض جي مرض کان بچڻ وغيره"** جهڙا هوندا هئا. جڏهن ته انهن ناٽڪن جا اداڪار به سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد هوندا هئا، ان ڪري اهي ٻارن لاءِ وندر ۽ سکيا جو ڪارڻ هوندا هئا. **ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ** پاران 1908ع ۾ پيش ڪرايل مرزا قليچ بيگ جو ناٽڪ **"گشت کي ڪشت"** ۽ ليلارامسنگ وطڻمل جا به ناٽڪ **"شاهه عادل خان"** ۽ **"لوپي لاڪيٽا"** پڻ اصلوڪا نندا ناٽڪ هئا، جي شاگردن ۾ گهڻا مقبول ٿيا. اهڙيءَ ريت مرزا قليچ بيگ جا 1911ع ۾ **"حرڪت ۾ برڪت"** 1915ع ۾ **"شهزادو بهرام"** ۽ **"پرهيز جي ٽولي"** پڻ ساڳي ناٽڪ منڊلي، ڪراچيءَ وارن پيش ڪيا، جيڪي وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ سکيا ۽ وندر جو سامان هئا. اهڙيءَ ريت **ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ** پاران پيش ڪيل ناٽڪن ۾، خاص طور تي ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ **"سنگ جو پرسنگ"** ئي پيش ڪيو ويو. جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيل مرزا **قليچ بيگ** ۽ **ليلارامسنگ وطڻمل** جا ننڍا، مزاحيه ۽ اصلاحي ناٽڪ پڻ ٻارن لاءِ وندر ۽ سکيا جو ذريعو هئا.

سال 1919ع ۾ سنڌ جي برک عالم ۽ اديب لعل چند امرڏني مل **"نيو هاءِ اسڪول ڊرئميٽڪ سوسائٽي"** ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي، جنهن پاران ساڳئي ئي سال سندس ديس جي آزاديءَ تي لکيل ڊرامو **"ڀارت ڄاوا اٿي جاڳ"** اسڪول جي ٻارن پيش ڪيو. جنهن مان ٿيل آمدنيءَ کي

اسڪول جي غريب ٻارن جي ڀلائيءَ تي خرچ ڪيو ويو.[2] هي ناٽڪ وڏن اسڪولي شاگردن لاءِ هڪ اتساهي ناٽڪ هو. ان دوران، ٻارن جي هڪ اهم ناٽڪ منڊلي **”آس جي ٽولي“**ساڌو هيرانند اڪيڊمي اسڪول (موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 1، گول بلڊنگ، حيدرآباد) جي شاگردن 1920ع ۾ قائم ڪئي. هيءَ ناٽڪ منڊلي پنهنجي سالياني اسڪول تقريبن ۾ ٻين موقعن تي راڻي باغ ۾ اصلاحي ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هن اسڪول جي شاگردن سان رِيس ڪندي ساڳئي سال يعني 1920ع ۾ ٽئي ديوان پرڀداس شيوڪرام نوديالا هاءِ اسڪول* هن وقت **”نوديالا هاءِ اسڪول آس جي ٽولي“** نالي هڪ ناٽڪ منڊلي برپا ڪئي وئي. هيءَ ناٽڪ منڊلي به اڪثر ڪري راڻي باغ ۾ اسڪول جي ساليانن جلسن ۽ تقريبن ۾ اصلاحي ۽ مزاحيه ناٽڪ پيش ڪندي هئي.

1927ع ۾ شاهاڻي اسڪول ڪراچيءَ جي شاگردن هڪ ناٽڪ منڊلي **”شاهاڻي اسڪول ناٽڪ منڊلي“** قائم ڪئي، جيڪا پنهنجي اسڪول ۾ مختلف ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هن ناٽڪ منڊليءَ جي پيش ڪيل ناٽڪن جو هدايتڪار اڪثر **پروفيسر منگهارام ملڪاڻي** هوندو هو. **”ٽي پارٽي“** نالي ناٽڪ مزاحيه ناٽڪ هو جيڪو اسڪولي شاگردن ۾ گهڻو مقبول ويو. اهڙيءَ ريت 1939ع ۾ ميرپور خاص مدرسي ۾ **”اسڪول ناٽڪ منڊلي، ميرپورخاص“** قائم ٿي، جيڪا**”تعليم پکيڙيو تحريڪ“** جي سلسلي ۾ اصلاحي ناٽڪ پيش ڪندي هئي. هنن ناٽڪ منڊلين سان گڏ سنڌ جي ٻين به ڪيترن ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ ناٽڪ منڊليون قائم ٿيون، جن ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جا ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا. هتي هن ڳالهه کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اهو ضروري نه آهي ته اسڪولن ۾ قائم ٻارن جون ناٽڪ منڊليون

[2] هي ڊرامو 1905ع ۾ پهريون ڀيرو لعل چند امرڏني مل ”بندي ماترم ناٽڪ منڊلي جي پليٽ فارم“ تان پيش ڪيو.

* هي اسڪول ورهاڱي کان پوءِ ماڊل هاءِ اسڪول اولڊ ڪئمپس سنڌ يونيورسٽي ۽ هن وقت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ماڊل هاءِ اسڪول حيدرآباد سڏجي ٿو.

رڳو ٻارن جي ئي نفسيات کي آڏو رکي ناٽڪ پيش ڪنديون هيون، انهن جي پيش ڪيل ناٽڪن ۾ ڪيترا سماجي موضوعن وارا وڏا ناٽڪ به اچي وڃن ٿا، پر ان ڳالهه کي به رد نٿو ڪري سگهجي ته اسڪولي ٻارن جا پيش ڪيل ناٽڪ ساڳئي وقت ٻارن لاءِ به دلچسپيءَ ۽ سکيا جو ڪارڻ هوندا هئا.

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ باقاعدي ناٽڪ جيڪو ڇپيل صورت ۾ ملي ٿو اهو آهي **”فسادي ڦوڪٽو“**. هي ناٽڪ ٻارن لاءِ ڪلائيندڙ ۽ مزاحيه ناٽڪ هو. جيڪو ڄيٺانند ناگراڻيءَ جو لکيل هو. ٻارن لاءِ لکيل اهو زبردست ناٽڪ 1933ع ۾ ڪوڙي مل ساهت منڊل پاران ڇئن ناٽڪن جي مجموعي **”چار ڇهڇٽا“** ۾ ڇپيل آهي. هي ناٽڪ باقاعدي ٻارن جي ذهني سطح کي سامهون رکي لکيو ويو. اهڙيءَ ريت 1931ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ”سنڌ ڪاليج مسلنيءَ“ ۾ ڇپيل ناٽڪ **”ناخلف“** جيتوڻيڪ سڌي ريت ٻارن لاءِ ڪو مزاحيه ناٽڪ نه هو پر ان جو مقصد اهو ٿي هو ته وڏن کي پنهنجي اولاد کي زبردستي پنهنجي اباڻي ڌنڌي ۾ نه لڳائڻ گهرجي. پر سندن چاهه ۽ اهليت موجب پنهنجو آئيندو ناهڻ جو موقعو ڏجي. ساڳي طرح **”اين جي وي هاءِ اسڪول مخزن“** ۾ 1937ع ۾ ڇپيل ناٽڪ **”پريت جي ريت“** پڻ اسڪولي ٻارن اسٽيج ڪيو، جيڪو پڻ ٻارن لاءِ نصيحت آموز ناٽڪ ليکيو وڃي ٿو.

1939ع ۾ **سندر ساهتيه منڊل**[3] پاران ستن ننڍن ناٽڪن جو مجموعو**”انڊلٺ“** ڇپيو. جيتوڻيڪ ادبي تاريخن جي ڪنهن به ڪتاب ۾ اهو سڌيءَ ريت ڄاڻايل نه آهي ته اهي ست ئي ناٽڪ خالص ٻارن لاءِ هئا، پر

[3] ٻارن جي ادب جي واڌاري جي سلسلي ۾ **سندر ساهتيه منڊل**“نالي هي اشاعتي ادارو ميلارام منگترام واسواڻي 1925ع ۾ قائم ڪيو. هي ادارو، سنڌيءَ ۾ ٻارن جي ادب جو پهريون اشاعتي ادارو آهي، جنهن باقاعدي ٻارن جا ڪتابڙا شايع ڪيا. مسٽر ميلارام منگترام واسواڻي، نه صرف ٻين اديبن، عالمن کان ٻارن لاءِ ڪتاب لکائي، هن اداري پاران شايع ڪندو هو پر پاڻ به ٻارن لاءِ ڪيترا ڪتاب لکيا. (ميلارام بابت ڊاڪٽرغلام علي الانا صاحب جي راءِ مختلف آهي، جنهن لاءِ ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ڪتاب ڏسي سگهجي ٿو.)

مون کي اهو اندازو آهي تہ اهي ٻارن لاءِ ئي هئا. ان لاءِ مون وٽ دليل اهي آهن تہ **”سندر ساهتيہ منڊل“** جهڙو اشاعتي ادارو قائم ئي ٻارن جي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪيو ويو هو. جڏهن تہ ميلارام واسواڻيءَ خود هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي، جنهن ۾ ننڍن ناٽڪن جي ٻولي ۽ پيشڪش تي بحث ڪيل آهي. ان کان سواءِ هن مجموعي ۾ **ڪشنچند بيوس ۽ ڄيٺانند ناگراڻيءَ** جا ناٽڪ **”جگري قرباني، پوڙهي جو پرٽو، گامٺو بئريسٽر، آنرري مئجسٽريٽ“** ۽ ٻيا شامل آهن. جن جي ليکڪن ۽ موضوعن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي ٻارن لاءِ ئي لکيل هئا. 1940ع ۾ بہ سندر ساهتيہ منڊل پاران ڊرمي ناٽڪن جو هڪ مجموعو**”رنگ برنگي کيل“** شايع ڪرايو ويو. جنهن ۾ پڻ ڪشنچند بيوس ۽ هوند راج دکايل جا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيل هئا. اندازو آهي تہ اهي بہ ٻارن لاءِ ئي هئا. ڄيٺانند ناگراڻيءَ جا **”گامٺو سلسلي“** جا ڪيترائي ٻيا ناٽڪ ان دور جي (ورهاڱي تائين) مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيا، جيڪي پڻ ٻارن لاءِ لکيل ڀانئجن ٿا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پنهنجي ڪتاب **”سنڌي نثر جي تاريخ“** ۾ لکيو آهي تہ:

> ”هن دور ۾ ”ڄيٺانند ناگراڻيءَ“ جا گامٺو سلسلي وارا ٻيا بہ گهڻائي اصلوڪا ننڍا کلائيندڙ ناٽڪ. مثلا ”گامٺو ايڊيٽر“، ”گامٺو ڊاڪٽر“، ” گامٺو M. L. A“ ”گامٺو فلم ڪمپني“ ، ”گامٺو گهوٽ“ وغيره جدا جدا اخبارن ۾ پوندا هئا، جي لکندڙ پاڻ ڪري ڏيکاريندو هو. ۽ منجهن رام پنجواڻيءَ سان جوڙيدار ٿي، مکيہ پارٽ پڻ بخوبي ادا ڪندو هو. هن سيني ۾ پنگتي اوڻاين تي مسخري گاڏڙ ٺٺولي هوندي هئي، پر منجهن مذاق جيڪا پريل هوندي هئي، سا دهري ۽ نازڪ نہ هوندي هئي...“[4]

[4] ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر، سنڌي نثر جي تاريخ، ص 175 ۽ 176، ڇاپو ٽيون، جولاءِ 2007، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد

منگهارام ملڪاڻيءَ جي هن عبارت مان اندازو ٿئي ٿو تہ هي ناٽڪ پڻ ٻارن لاءِ دلچسپيءَ خاطر لکيا ويا، جڏهن تہ ٻارن سان گڏ وڏا بہ انهن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. هن سلسلي جي سمورن ناٽڪن کي 1942ع ۾ **”ڊي جي سنڌ ڪاليج سرسوتي منڊل“** وارن اسٽيج ڪيو.

1947ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ، جتي مجموعي طور سنڌي ادب کي ڌڪ رسيو اتي ٻاراڻي ادب کي ويتر وڏو نقصان پهتو. دادا شيوڪ ڀوڄراج، ميلا رام منگترام واسواڻي، بهاري لال هريرام ڇاٻڙيا، آر.وي. ٽڏاڻي، ڄيٺانند ناگراڻي ۽ ٻارن لاءِ لکندڙ ٻيا اديب ۽ ناٽڪ پيش ڪندڙ پارت لڏي ويا، ان ڪري ٻاراڻي ادب جي ٻين صنفن سان گڏ **”ٻارن جا ناٽڪ“** بہ ڄڻ تہ لکجڻ ۽ اسٽيج ٿيڻ جهڙوڪر بند ٿي ويا. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن لاءِ مخصوص ناٽڪ نٿا ملن، پر **”زرعي ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ ٽنڊي ڄام**[*] ۽ **”سچل آرٽس ڪاليج سنڌي ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ حيدرآباد“** جي شاگردن جي کيل ڪجهہ ڊرامن ۾ محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو **”ڊزن ڊائلاگ“** (1953)، محمد دائود تاج جو **”اهيئي پنج“** (1958)، غالب لطيف جو **”ڪامياب ڪُوڙو“** (1960ع)، عبدالحق ابڙي جو **”هاءِ پيري“** (1964)، محمد يوسف پنهور جو **”گويہِ اعظم“** (1965)، قاسم فانيءَ جا بہ ناٽڪ **”دولتمند ٺڳ“ ۽ ڪُتل ڪاتو“** (1965) ۽ ٻيا شامل آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ٻارن لاءِ ناٽڪن لکجڻ ۽ پيش ٿيڻ جو دور ڄڻ تہ ختم ئي ويو.

ان وچ ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي **”ٻارڙن جا ريڊيائي ڊراما“** پڻ نشر ٿيا، جن جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نشريات شروع ٿي تہ وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ بہ هفتيوار پروگرام شروع ٿيا. اهڙن پروگرامن ۾ هر آچر تي نشر ٿيندڙ هفتيوار

[*] هاڻي زرعي يونيورسٽي، ٽنڊوڄام.

پروگرام **"ٻارڙن جي ٻاري"** گذريل پنجاهہ سالن کان بہ وڌيڪ عرصي کان هلي رهيو آهي. پروگرام ۾ ٻارن لاءِ ٻين ڪيترين ئي دلچسپ ۽ تفريحي سلسلن سان گڏ ٻارن جي ريڊيائي ڊرامن جو بنياد بہ وڌو ويو. ٻارن جي ڊرامن جا اوائلي پروڊيوسر **ايم.بي انصاري، مصطفيٰ قريشي، سرور بلوچ، زاهد قلباڻي، محمد انور بلوچ ۽ نصير مرزا** رهيا آهن. هن پروگرام جي سموري عرصي دوران جن ناميارن ليکڪن ريڊيو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي ٻارن لاءِ مخصوص پروگرامن لاءِ تفريحي، اصلاحي ۽ سائنسي موضوعن تي شاندار ڊراما لکيا، تن ۾ **امر جليل، سيد منظور نقوي، فيروز الدين احساس، حيات علي شاهہ بخاري، سيد ماڪن شاهہ رضوي، گل زمان قاضي، شهزادو گلفام، پروانو سيوهاڻي، اڪبر جسڪاڻي** ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي ٻن نمائنده ليکڪن **ادل سومري ۽ نياز پنهور** وري ٻارڙن لاءِ منظوم ڊراما لکيا، جن جا نالا هئا: **پکين جو مشاعرو، ميون جو مشاعرو، پاڇين جو مشاعرو.** اڪبر جسڪاڻي پنهنجي ٽن آکاڻين کي ريڊيو ڊرامي جو روپ ڏنو جن جا نالا هئا: **رمون پيٽي، خيرو حجم ۽ ماما مکڻ. 'ماما مکڻ'** سندس اهڙو سلسليوار ٻاراڻو ڊرامو هو جيڪو تيرهن قسطن تي مشتمل هو. اُن ڊرامي ۾ ماما مکڻ جو ڪردار محمد اشرف بلوچ ڪندو هو.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ ٻالڪ ٻارين، تنظيمن، بزمن ۽ هفتيوار اخباري جي هڪ لهر پيدا ٿي، جيڪا هڪ باقاعدي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري وئي. ناٽڪ منڊلين ۽ ٻارن جا ناٽڪ تہ هونئن ئي ورهاڱي سان گڏ هندستان منتقل ٿي ويا، پر هاڻي ناٽڪن جي جاءِ خاڪن ۽ ٽيبلوز پيري ورتي. غلام مرتضيٰ پٽي ۽ مقبول پٽيءَ جي **"بزم گلستان"**، روزاني عبرت اخبار جي هفتيوار ٻارن جي ادبي صفحي **"ٻارن جي ٻاري"**، مهراڻ اخبار جي **"معصومن جي مجلس"** روزاني هلال پاڪستان جي ٻارن جي صفحي **"گلن جهڙا ٻارڙا"**، روزاني خادم وطن جي هفتيوار ٻارن جي ادبي صفحي "ڦلواڙي" اياز پاٽوليءَ جي **"اداره گلشن ادب ۽ بزم گلشن سنڌ"**، **ناز سنائيءَ جي چٽنگ سنگت، سياسي پارٽين جون ٻارن جو ذيلي تنظيمون لطيف سنگت، ساٿي ٻارڙا سنگت، سجاڳ ٻار تحريڪ** ۽ ٻارن جي ٻين تنظيمن، رسالن ۽ اخباري صفحن پاران سڄيءَ سنڌ ۾ ٻارن جي ميلن، ڪنوينشنن ۽ ساليانن پروگرامن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو جن ۾ ننڍا ننڍا خاڪا پيش ڪيا ويندا رهيا. هنن خاڪن ۾ ٻارن توڙي وڏن جي مسئلن جي اپٽار ڪيل هوندي هئي. گهڻو ڪري انهن جا موضوع ورهاڱي کان اڳ وارا ساڳيا، يعني مزاحيہ، کلائيندڙ ۽ نصيحت آميز هوندا هئا. هي سلسلو اڃا تائين جاري آهي، پر موجوده دور ۾ خاڪن جي جاءِ تي ٽيبلو اچي ويا آهن، جن ۾ اداڪاريءَ سان گڏ رقص ۽ موسيقيءَ جا عنصر ملي، انهن کي وڌيڪ دلچسپ ڪندا آهن. موجوده دور ۾ سنڌيءَ توڙي اردوءَ ۾ ڪيترائي اهڙا گيت ۽ نظم آهن، جيڪي خود هڪ ناٽڪ/ ڪهاڻي آهن، ان ڪري ٻار جڏهن انهن کي ٽيبلو جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن تہ اهو ٽيبلو سان گڏ ناٽڪ بہ ٿي پوندو آهي. اهڙن گيتن / نظمن ۾ موتي پرڪاش جو گيت **"مٽيءَ مان سون بنائڻ وارا سنڌي"** ۽ فيض احمد فيض جو نظم **"هم ديکهين گي"** نهايت اهم آهن، جن تي ٻار اڪثر ٽيبلو پيش ڪرڻ دوران ناٽڪ جو روپ بہ ڏئي وٺندا آهن.

موجوده دور ۾ جيتوڻيڪ ٻارن جون تنظيمون، اخباري صفحا ۽ رسالا گهٽي پاڳي بند ٿي ويا آهن، پر اڪثر اسڪولن جي ساليانن تقريبن ۽ ٻين علمي ادبي پروگرامن ۾ ٻارن کان ٽيبلو ڪرايا ويندا آهن. هن وقت قليچ سنگت سنڌ پاران زيب نظاماڻي ۽ ان جي ٻارن جي ٽيم سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٽيبلو ۽ خاڪا پيش ڪندي رهي ٿي.

ٻئي پاسي، ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ويندڙ اديبن ناٽڪ نويس ۽ ناٽڪ پيش ڪندڙن پنهنجو ڪم نہ صرف جاري رکيو پر ان ۾ وڏي ترقي ۽ واڌارو آندو. انهن هندستان ۾ نہ صرف تمام گهڻا ناٽڪ لکيا، پر اهي ڪتابي صورت ۾ ڇپايا ۽ اسٽيج پڻ ڪيا. هن سلسلي ۾ هوندراج بلواڻيءَ

جي **”گلستان پبليڪيشن، احمد آباد“** ٻارن جا ناٽڪ ڇپائڻ تي زور ڏنو تہ ڄيٺي لالواڻيءَ جي **”سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل“** ٻارن جي ناٽڪن کي اسٽيج ڪرڻ جو ڪم ڪيو. ان ڪان سواءِ **”سنڌ اڪيڊمي هاءِ اسڪول، احمد آباد“، ”سنڌ ٻال سرڪل، احمد آباد“، ”چلڊرينس ٿيئيٽر“ احمد آباد ۽** ٻين سنڌي اسڪولن جي شاگردن آل انڊيا ريڊيي/ **آڪاش واڻيءَ** جي احمد آباد، بڙودا، دهلي، بمبئي، جئپور، ڀوپال، پيج ۽ ٻين اسٽيشنن تان ٻارن جا ريڊيائي ناٽڪ پيش ڪيا.

هن ڏس ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ هندستان ۾ جيڪو پهريون ٻارن جو ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو اهو آهي **”ڇهڇٽا“**، جيڪو منوهر داس ڪوڙي مل پاران 1964ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب ۾ صحت تي ننڍا ننڍا ناٽڪ شامل ڪيا ويا آهن. بعد ۾ جيڪي ناٽڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا، تن ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا **”ڏهين جو نوٽ“**، (1968) **”رنگ رنگيلي“** (1980) ۽ **”انمول موتي“** (1982)، ڄيٺي لالواڻيءَ جا **”ٽرنگي روشني“** (1986)، **”شريمان ڦيرو ڦرڪي“** (1996)، **”مسٽر گپوڙي داس“** (1998) ۽ **”مُڇر مامو“** (2006)، ڪيرت مهر چنداڻيءَ جا **”گلن جهڙا ٻارڙا“** (1969) ۽ **”سدا مهڪن گلڙا“** (1970)، ڀڳونتي ڪڪڙيجا جو **”جمني ڪئي شادي“** (1980)، چندرسين ناواڻيءَ جو **”پوسٽ جو ڊبو“** (1982) رام ڀڳچنداڻيءَ جو **”يلي آيو آرتوار“**، پوپٽي هيرانند اڻيءَ جو **”راڻي پدمڻي“** (1982) ۽ ٻيا شامل آهن.

اهڙيءَ ريت هندستان مان نڪرندڙ ٻارن جي رسالن **”گلستان“** (حيدرآباد)، **جهرمر** (احمدآباد) **”ڦلواڙي“**، **”ادبي چمن“** ۽ ٻين ۾ ٻارن جا 30 کن ناٽڪ ڇپيل آهن، جن مان ڏهاڪو کن تہ رڳو هوند راج بلواڻيءَ جا لکيل آهن. ساڳيءَ طرح **آڪاشواڻيءَ** احمدآباد، بڙودا، دهلي، ممبئيءَ ۽ ٻين اسٽيشنن تان 25 جي لڳ ڀڳ ٻارن جا ڊراما/ ناٽڪ هلي چُڪا آهن، جن جي ليکڪن ۾ **هوند راج ٻلواڻي، ڪيرت مهر چنداڻي، هريش ڪکواڻي ۽ ڄيٺو لالواڻي** شامل آهن. هي سلسلو اڃا تائين هلندڙ آهي.

سنڌيءَ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ٻارڙن جي ناٽڪن تي ٻڌل اسرار شام جو ڪتاب ”وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس“ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جيڪو ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌ ۾ ڇپجندڙ ٻارن جي ناٽڪن جو پهريون مجموعو آهي. هي ناٽڪ اصل ۾ وڊيو رڪارڊ ڪري، سي ڊين جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ لکيا ويا آهن، پر پهرئين مرحلي طور هنن ناٽڪن کي ڪتابي صورت ۾ پڌرو ڪيو پيو وڃي. موجوده وقت ۾ وڊيو ڪان وڌيڪ اينيميشن کي اهميت ڏني پئي وڃي، پر ان لاءِ ڊرامي/ ڪهاڻي/ نظم جو دورانيو وڌ ڪان وڌ اڍائي منٽ هئڻ گهرجي، جڏهن تہ هن مجموعي ۾ شامل اڪثر ڊراما وڏا آهن. بهرحال، جڏهن هنن ڊرامن کي وڊيو يا اينيميشن جي صورت ڏني ويندي تہ ان حساب سان ايڊيٽنگ جي گنجائش ڪڍڻ ضروري هوندي.

**مددي ڪتاب:**


1. الانا، ڊاڪٽر غلام علي، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر، ڇاپو ٽيون، 1999ع
2. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، سنڌي ٻال ساهتيہ، ڇاپو ٻيو، سنڌي ساهت گهر، 2007ع
3. بلواڻي، هوندراج ڊاڪٽر، گول مٿول، مهارٽي سوسائٽي، سردار نگر، هندستان، 2003
4. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار، سنڌي ادب جي تاريخ، جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006
5. عرساڻي، ڊاڪٽر شمس الدين، سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ، ڇاپو پهريون، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، 2009ع
6. لالواڻي، ڄيٺو ڊاڪٽر، مُڇر مامو ڇاپ پهريون، سنڌي

ساهتيه اڪيڊمي، گجرات، 2006

7. ملڪاڻي، پروفيسر منگهارام، سنڌي نثر جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع

8. ميمڻ، خان بهادر محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، ڇاپو چوٿون، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2000

9. نهالاڻي منوهر، سنڌي ٻال ساهتيه هڪ نظر، گجرات سنڌي اڪادمي، هندستان، 1992.

10. هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار، شڪارپور جي صحافتي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2004ع.

کتري عصمت علي پٽيل

# سنڌ ۾ گجراتي زبان

زبان، لئنگئيج يا ڀاشا قوم جي سڃاڻپ ۽ ان جي تهذيب ۽ تمدن جي آئينه دار هوندي آهي. قوم جي ادبي علمي، ثقافتي ۽ تمدني زندگي ۽ ترقيءَ ۾ ٻين عواملن کان وڌيڪ هن جي پنهنجي خاص زبان جو ئي عمل دخل هوندو آهي. هميشه وڏي زبان ئي وڏو اديب تخليق ڪندي آهي ۽ سٺو ادب ئي سٺي تهذيب يافته قوم کي وجود بخشيندو آهي.

ڪنهن قوم کي جانچڻ ۽ پرکڻ لاءِ سڀ کان اڳ ان جي زبان ۽ ان جي علم ۽ ادب جو جائزو ورتو ويندو آهي. دنيا ۾ اڻ ڳڻيا ملڪ ۽ قومون آهن ۽ ان کان وڌيڪ زبانون ۽ قومون موجود آهن. پر انهن مان ڪانه ڪا خاص زبان اهڙي هوندي آهي، جيڪا قومي يا علائقائي زبان جو درجو رکندي آهي ۽ ان جي مذهبي، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ تي پوري ريت اثرانداز ۽ حاوي ٿيندي آهي. هيءَ زبان نه رڳو پنهنجي ملڪ ۾ پر ٻين ملڪن ۾ به وقعت ۽ وقار جي حامل هوندي آهي ۽ ان جو ادب عالمي ادب ۾ مقام حاصل ڪندو آهي.

گجراتي زبان جي ڳڻپ به دنيا جي ۽ خاص ڪري ننڍي کنڊ (پاڪ هند) جي وڏين زبانن ۾ ٿئي ٿي، ان جو ادب عالمي ادب ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

ٻوليءَ ۽ ادب جي باري ۾ هيءَ حقيقت سڀ ڄاڻن ۽ تسليم ڪن ٿا ته زبان جو زمين سان گهرو تعلق هوندو آهي جو انسان، جنهن زمين تي پيدا ٿيندو ۽ پلبو آهي، اتان ئي سندس زبان به جنم وٺندي آهي، شايد ان ڪري ئي ان کي مادري زبان چيو ويندو آهي. زبان، زمين يا علائقي جي رشتي يا تعلق کان وڌي نٿي سگهي. جهڙو علائقو تهڙي زبان، جيڪي سنڌ ۾ پيدا ٿيا، تن جي مادري زبان سنڌي ٿيندي. پوءِ کڻي انهن روزگار ۽ زندگي گذارڻ لاءِ انگريزي، اردو يا ٻيون زبانون چونه سکيون هجن. بلوچي، سرائيڪي، ڪڇي،

پنجابي، پشتو مرهٽي ۽ گجراتي زبان جو بہ اهوئي حال آهي. ڪا زبان ٻاهران اچي ڪيترو ئي پنهنجو رنگ ڄمائي، پر علائقي جي زبان پنهنجي جاءِ تي قائم رهندي آهي، ڇو تہ ان جو واسطو مُلڪ جي زمين سان هوندو آهي، زبان ان ئي ڌرتيءَ مان جنم وٺندي آهي.

ننڍي کنڊ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي گجراتي زبان سان تعلق جي ڪهاڻيءَ جا ڪجهہ مختلف رُخ يا پهلو آهن. هندستان جي جن علائقن ۾ مسلمان آباد هُئا، تن جي بہ هڪ وڏي تعداد جي مادري زبان گجراتي نہ هئي- ها پر اها رابطي جي زبان هئي. مسلمان ۽ هندو، گجراتي ماڻهن ۾ جيڪي بنيادي طور هندو ۽ مهيشوري هُئا، تن کان سواءِ خوجن، بوهرين، پارسين ۽ مَهتن جي مادري زبان گجراتي هئي، پر گهانچين، ڪترين، ميمڻن، بوڙرن، پٽني ڪڇين، ۽ ٻين برادرين جي مادري زبان نہ هئي. هيءَ هڪ ٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڪاروبار جي زبان هئي، پر اهي جاتيون ٿورائيءَ ۾ هئڻ جي ڪري گجراتي ٻولي سندن لاءِ ايتري تہ اهميت حاصل ڪري وئي هئي جو اهي بہ گجراتي سڏائڻ لڳا هئا.

پاڪستان جي قيام کان اڳ ئي سنڌ صوبي ۾ گجراتي برادري ۽ گجراتي ٻولي موجود هئي ۽ اها سنڌي زبان سان کلهوکلهي ۾ ملائي، ترقي ڪري رهي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ 1935ع تائين سنڌ صوبو بمبئيءَ پرڳڻي جو هڪ حصو هو. نہ رڳو اهو، پر سنڌ سان ان جو سرحدون بہ مليون ٿي. ڪڇ جي گاديءَ جي هنڌ ڀڄ، ڪاٺياواڙ ۽ اوڪا منڊل تائين ڪڇي ۽ سنڌيءَ وانگر ئي گجراتي سڪي، ڳالهائي ۽ پڙهي ويندي هئي. انهن علائقن ۾ رهندڙ گجراتي واپارين ڪراچيءَ ۾ آباد ٿي پنهنجي ڪاروبار کي ترقي وٺرائي هئي.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي جوڙيا، ڄام نگر، ڪڇ ڀُڄ، مانڊوي بندر، مندرهہ، اوڪا منڊل، بمبئي ۽ گجرات کان ايندڙ گجراتي ماڻهو سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويا هُئا.

اها حقيقت آهي تہ ڪراچي، حيدرآباد، سکر، نوابشاهہ، شڪارپور، ٺٽي، بدين ۽ ٻين هنڌن تي پاٽيا، لوهاڻا، پارسي، ڪتري، خوجا، ڪڇي ميمڻ ۽ اوڪائي ميمڻ ۽ ٻيا آباد ٿي چُڪا هئا. گڏوگڏ گجراتي ٻولي بہ پنهنجا قدم ڄمائي چُڪي هئي. نہ رڳو پرائمري، پر ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي درجن ۾ بہ گجراتي ٻوليءَ ۾ تعليمي سهوليت موجود هئي. گجراتين جون ڪيتريون ئي سماجي تنظيمون (منڊل) قائم ٿي چڪيون هيون.

گجراتي ڄاڻندڙ عوام لاءِ خاص طور تي ۽ اسان سڀني لاءِ عموماً هيءَ حقيقت وڏي معلومات ڏيندڙ آهي. تہ پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي مادري زبان گجراتي هئي ۽ محترمہ فاطمہ جناح بہ گجراتي زبان پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڄاڻندي هئي ۽ ان زبان سان واسطيداريءَ تي فخر ڪندي هئي.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ جهوناڳڙهہ رياست، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، سورت، احمد آباد ۽ ٻين علائقن مان لکين گجراتي خاندان لڏي هن سرزمين تي آيا ۽ هتي اچي آباد ٿي ويا. گجراتي خاندانن پاڻ سان گڏ صنعتي، ڪاروباري، ۽ تجارتي تجربو بہ گڏ آندو ۽ سندن شاهوڪار ثقافت، صحافت ۽ گجراتي ادب بہ هن سرزمين تي پهتو. هنن خاندانن پاڪستان اچڻ کان پوءِ، سنڌ جي شهرن، ڪراچي، حيدرآباد، سکر، شڪارپور ۽ ميرپورخاص وغيره ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي، پر گجراتي برادريءَ جي اڪثريت ڪراچيءَ ۾ آباد ٿي هئي. پاڪستان ۾ گجراتي زبان پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ وارن جو تعداد 19 کان 20 لکن تائين ٿيندو. هنن ماڻهن پنهنجي زبان کي زنده رکڻ ۽ ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪيتريون اخبارون ۽ رسالا جاري ڪيا. ان وقت چار گجراتي روزانيون اخبارون: 'روزنامہ ملت'، 'ڊان گجراتي' ۽ 'وطن گجراتي' ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ 'پاڪ سماچار' جاري ٿيون، پر افسوس جو هاڻي رڳو محترم انقلاب ماتريءَ جي ايڊيٽر شپ ۾ 'ملت گجراتي' ۽ محترم عثمان ساٽيءَ جي ايڊيٽرشپ ۾ 'وطن گجراتي' ڇپجن ٿيون. ان کان سواءِ ميمڻ ۽ گجراتي برادريءَ جا ماهنامہ، اردو صحافت سان گڏ ڪجهہ

صفحا گجراتيءَ جا بہ شامل ڪن ٿا. 1971ع ۾ اسڪولن کي نيشنلائيز ڪيو ويو تہ ڪراچيءَ ۾ موجود گجراتي برادريءَ جي اسڪولن مان گجراتي زبان کي ختم ڪيو ويو. هن زبان جو زوال اتان ئي شروع ٿيو. گجراتي ادب کي سڀ کان وڏو نقصان ان ٻوليءَ جي نامورن شاعرن جي هڪ ٻئي پٺيان انتقال ڪرڻ ڪري بہ پهتو. آءٌ سمجهان ٿو تہ گجراتي زبان کي هن حال تائين پهچاڻ ۾ هڪ ذميوار عنصر، خود گجراتي زبان ڳالهائڻ وارا بہ آهن. اهي اقتصادي طرح ان حد تائين مستحڪم آهن جو اهي پنهنجي زبان کي زوال کان بچائڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، پر اهي ڪجهہ نٿا ڪن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ڊي نيشنلائيزڊ اسڪولن ۾ گجراتي زبان جي تعليم کي عام ڪن، گجراتي آباديءَ وارن علائقن ۾ گجراتي زبان سيکارڻ جا مرڪز قائم ڪن، جتي هن زبان جي مفت تعليم ڏني وڃي، ۽ مقامي سهڪاري (اسپانسرس) انهن مرڪزن کي هلائڻ جي ذميواري قبول ڪن. اسان کي ان سان گڏ سنڌي زبان بہ سکڻ گهرجي. گجراتي مسلمانن جي پارٽ مان سنڌ اچڻ کان پوءِ بہ گجراتي ۽ سنڌي ٻولين جو چولي ۽ دامن وارو ساٿ ختم نہ ٿيو پر مضبوط ٿيندو رهيو ۽ اهو تعلق اڄا تائين جاري آهي.

گجراتي ۽ ڪڇي زبانون، سنڌي زبان کان وڏيڪ متاثر آهن. ڪڇي زبان ۾ سنڌي لفظ ملن ٿا. ڪڇي زبان، سنڌي زبان جو هڪ لهجو آهي ۽ خاص ڪري اسان جو لاڙ سنڌ جو علائقو ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ سان لاڳاپيل ۽ ويجها ناتا رکندڙ آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام رياست ڪڇ ڪاٺياواڙ ۾ وڏي ذوق ۽ شوق سان پڙهيو وڃي ٿو. سنڌي ڪافيون سُر ۽ لئي سان جهومي ڳايون وڃن ٿيون. ڪڇي برادري ۽ گجراتي برادريءَ سان لاڳاپيل ماڻهو شاهہ لطيف سان وڏي محبت ڪن ٿا ۽ شاهہ جو ڪلام هن علائقي ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي ياد آهي. اڄ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هي جيڪي محبت جون زبانون آهن ۽ هي زبانون، جيڪو پيار جو پيغام پيش ڪن ٿيون، انهن جي مدد سان اسان سيني کي گڏجي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.

ڪڇ سنڌ جي "بغل" ۾ آهي. سنڌي لهجي ۾ 'بغل' کي 'ڪڇ' چون ٿا، ان ڪري هن علائقي جو نالو 'ڪڇ' رائج ٿي ويو. ڪڇي زبان قديم زبانن مان هڪ آهي ۽ ان جي تاريخ چڱي قديم آهي. مختلف محققن ان حوالي سان گهڻو ڪجهہ لکيو آهي ۽ ان تي عرق ريزيءَ سان ڪوجنا بہ ڪئي آهي.

'تاريخ گجرات' نالي هڪ ڪتاب 1958ع ۾ ڇپيو هو، جنهن جي مصنف مولانا سيد ابوظفر ندويءَ، صفحي نمبر 39 تي ڪڇي زبان جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

"ڪڇي زبان، گجراتي زبان جو ئي هڪ قسم آهي، جيڪو ٽيڪ رياست ڪڇ، گجرات ۾ واقع آهي، پر ان جي ٻولي گجراتيءَ کان ڌار آهي. هيءَ زبان سنڌيءَ کان وڌيڪ متاثر آهي، ان جي باوجود، ڪڇي زبان ڳالهائيندڙن جي واپاري زبان اهائي آهي، جيڪا احمدآباد ۾ ڳالهائي ويندي آهي. سنڌي ۽ ڪڇي زبان جو ادب بہ مشترڪ آهي."*

مولانا ندوي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"ڪڇي زبان کي، گجراتي زبان جي ئي هڪ شاخ سمجهڻ گهرجي. هيءَ اهڙي ٻولي آهي، جيڪا ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي، پر لکي نٿي وڃي ۽ روزاني ڳالهہ ٻولهہ جي زبان آهي."

گجراتي زبان پاڪستان ۾ ختم ٿي رهي آهي. ان جي پڙهندڙن جو تعداد روزانو گهٽبو وڃي. اصل ۾ ان جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو انتظام نہ آهي، پر پنهنجي ٻوليءَ سان گجراتي زبان ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙن جي لڳاءُ ۽ پريم کي ڏسندي اهو بہ سوچي سگهجي ٿو تہ هنن حالتن ۾ بہ هي زبان ڪيترن ڏهاڪن تائين زنده رهندي ۽ ختم نہ ٿيندي، ڇو تہ آخرڪار گجراتي هڪ زنده زبان آهي، جيڪا هميشہ زنده رهي ٿي.

---

* جديد تحقيق موجب ڪڇي، سنڌي زبان جو ئي هڪ لهجو آهي، جيڪو سنڌيءَ تي گجراتي زبان جي اثر سبب پيدا ٿيل آهي (ادارو)

# هندستان جو ٽپال يا ڊاڪ سرشتو

[هيءَ معلوماتي مضمون اَڄُ کان 74 سال اڳ سنڌ جي مشهور ماهوار رسالي ”سنڌوءَ“ جي آڪٽوبر 1938ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو. اُن جي اَفاديت کي سامهون رکي ٻيهر شايع ڪجي ٿو.]

سنڌ پرڳڻو هن وقت ٻين پرڳڻن کان البت پاڇي پيل آهي، تنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي. پر ائين سمجهڻ ته سنڌ هميشه پٺتي رهي آهي ۽ سندس سڀيتا هندستاني سڀيتا کان علحدي ۽ نرالي آهي، جنهن سبب سنڌ، هند تي ڪنهن به قسم جو اثر پيدا نه ڪيو آهي، تنهنڪري سنڌ، هند کان الڳ سمجهڻ گهرجي، اها هڪ ڀاري ڀُل ۽ غلطي آهي. سنڌ جي سڀيتا جو پيد هن ۾ سمايل آهي ته سنڌ، هندوستان ۽ مسلمان ملڪن جي وچ ۾ آهي، جنهن سبب ٻنهي طرفن جا اثر سنڌ جي سڀيتا جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ٻيو ته سنڌ ڪيترين ڪاهن جو ڪارڻ به آهي، جنهن ڪري ترقيءَ ۽ واڌاري کي ٻنجو اچي ويو آهي. اهو صحيح سمجهڻ ته هندوستان جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ سنڌ جو صلو ۽ ثواب ڪونهي ۽ سنڌ سڌاري ۾ حصيدار ٿي نٿي سگهي، سنڌ جي ڄاڻن کي وسهڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. سنڌ هميشه هندوستان جو تجربه گهر ٿي رهي آهي ۽ گهڻيون هلچلون، جن جو هندوستان تي چڱو داٻ ٿيو آهي، تن جو بنياد ۽ منڊ سنڌ ۾ ليندو. موهن جو دڙو ۽ ڪاهوءَ جو دڙو اڄ توڙي ان ڳالهه جو ثبوت آهن. تاريخ ڏي نظر ڦيريندي تسلي ٿيندي ته سنڌ به هندستان جي ترقيءَ ۾ پنهنجو پاڻ چڱو موڪيو آهي. اڄ اسين پنهنجن عزيزن ۽ خويشن کي، يارن ۽ دوستارن کي بلڪل ويجهو ٿا سمجهون، جيتوڻيڪ هو ڏورانهن ڳُنڊن ۾ ڪرت ڪار ۾ لڳل آهن. اها آساني ٽپال خاني ئي ميسر ڪئي آهي. اڄ جو ”ٽپالي سرشتو“ انگريزن جي راڄ سڌاريو ۽ سِڌ ڪيو ويو آهي. اها سنڌين لاءِ فخر جي ڳالهه چئجي، جو هن سرشتي جو پهريون تجربو سنڌ ۾ ڪيو ويو هو ۽ پرانت (پرڳڻي) ۾

سهوليت ثابت ٿيڻ بعد هند سرڪار ساري هندستان لاءِ هي ڊاڪ سرشتو جاري ڪيو.

ڪيترن ماڻهن کي شايد اها ڪل نه هجي ته ڪيئن هي سرشتو عمل ۾ آيو ۽ پوءِ ڪيئن وڌيو. تان جو اڄ هوائي جهاز ٽپال ڪنيو ٿو پهچائي، جنهنڪري خط پهچڻ ۾ جڻ وقت ئي ڪين ٿو لڳي. هن سرشتي جي واڌ جي وارتا ۾ پنهنجو مزو ۽ موج آهي ۽ واقفيت واسطي دل پيئي تڙڦي.

صرف سؤ سال اڳي فقط وَنهيان (سُڪيا) واپاري ۽ وڏا زميندار ٽپال جو فائدو وٺي سگهندا هئا، ته به هنن لاءِ خط لکڻ ڪو سهنجو ڪم ڪونه هو. ڪو ماڻهو سنڌ مان بمبئيءَ موڪلڻ لاءِ خط جڏهن لکي سيل مهر ڪري رهندو هو ته ٽپال جي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوندو هوس. اڄ ڪالهه جهڙا ٽپال – دٻا انهن ڏينهن ۾ ميسر ڪين هئا، تنهنڪري ئي تڪليف درپيش ايندي هئي. جيڪڏهن موڪليندڙ رهاڪو هو ڪراچيءَ، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جو ته پوءِ ٺهيو پر جي هو هئو سنڌ جي ڳوٺن جو رهندڙ ته تهائين تڪليف وڌيڪ. مٿين شهرن ۾ ته ماڻهو پاڻ به پير پري ”پوسٽل رسيور“ (Postal Receiver) ۾ خط وجهي ايندو يا سيٺ نوڪر رستي موڪليو ته ڪم راس. مگر جي ٻئي هنڌ رهندڙ ته ٻن باهين ۾ اچي ويندو هو. جي خاص ماڻهو ٿو موڪلي مٿين شهرن مان ڪنهن به هڪ ڏي، ته ٽپال جو خرچ وڌيو. اڳ ۾ ئي اگهه چڙهيل، باقي جي مُڪائين ماڻهو ته مٿانس ٻي چَٽي. پر جي ڪري ڪفايت ۽ خط ڪنهن ويندڙ مسافر کي سپرد ڪري ته ادل ٽپال خاني ۾ وجهج. پر هي ڪو اهڙو سَنهنجو ڪم ڪينهي. جنهن مهل مسافر کي مليا ڏوڪڙ ٽپال لاءِ ته نيت ڦري ويندس. امانت ۾ خيانت جو خيال ٿيندس. پوءِ گهڻو ڪري ته خط جو خاتمو ڪري ڇڏيندو ۽ پئسا ڊِڍ ۾. هن خرچ ۽ اهنج کان بچڻ لاءِ ڪجهه ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي هڪ ماڻهو ٽَپال خاني ۾ موڪليندا هئا، جو سڀن جي ٽپال نيندو هو، جنهن ڪري خرچ ونڊجي ورهائجي ويندو هو.

هر روز شام جو 5 بجي ڪراچيءَ جي ٽپال آفيس بند ٿيندي هئي. پنجين ڪان پوءِ خط ۽ ٽپال وٺڻ ۾ ڪين ايندا هئا. درن بند ٿيڻ بعد اندر آفيس ۾ چڱو ڇهڇٽو لڳندو هو. دٻي مان ٽپال ڪڍي ويندي هئي ۽ پهچ جي واقعي موجب پئڪيٽن ۾ وڌي ويندي هئي. نه فقط ايترو پر هر هڪ خط ٽپال آفيسر جي رجسٽر ۾ داخل ٿيندو هو. هڪ هڪ پئڪيٽ هڪ واريءَ وري جاچيو ويندو هو. جاچ بعد بند ڪري هرهڪ پئڪيٽ سيل مهر سان سوگهو ٿيندو هو ۽ روانگيءَ لاءِ تيار ۽ تازو. پچاڙيءَ جو سڀ پئڪيٽ ٻن مضبوط ڳوٿرين ۾ وارد ٿيندا هئا. بس هاڻ فقط وجهڻ جي دير. ستين ڪؤن سوير به عجيب آدمي ٽپال- ڪوٺيءَ اندر نظر ايندا هئا. ٻيءَ عام نظر ۾ ڪنهن رولو تولين جا راڪا لڳندا هئا ۽ ائين وِسهڻ ۾ ايندو هو ته ڀُل سبب هو اُتي اچي حاضر ٿيا هئا. شڪل جا شوخ، ڪارين سونهارين سان، جسم تي سفيد خميص، سوسني، سلوار ۽ سوائي پڳ ۽ ڪمر تي ڪمربند جڪڙيل هوندو هون. هٿ منجهه نيزو، ننيڙين گهنڊڙين سان جڙيل پڻ ساڻ کڻندا هئا. حرڪين هَئا. سندن ڪم سندن ضرورت جو حق ظاهر ٿو ڪري. هو ڊوليا ۽ ڊوڙڻ جو ڪم ڪندا هئا ۽ هنن ذريعي ئي بمبئيءَ ۽ ڪراچيءَ جو ٽپال رستي لاڳاپو رهيو پئي آيو. ائين چئجي ته هن لمبي مسافريءَ تي ٽپالي سنبنڌ قائم رهڻ جو ڪارڻ اِهي ٻروچ لوڪ هئا. سوال ٿو اُٿي ته ڇو اهڙا ٻوزانگ هن ڪم ۾ لڳايل هئا، ٻيا ڪين ٿي ملين ڪِئن؟ مگر جن کي معلوم آهي ته سر چارلس نيپيئر صاحب ڪراچيءَ ڪان نٿي توڙي ٽپال پهچائڻ جو ڪانٽرئڪٽ يا ٺيڪو مشهور جوکيا ڄام کي ڏنو هو، سو سولائيءَ سان سمجهي سگهندا ته ڇو هن ڪم لاءِ اهڙا شوخ شڪل ماڻهو ڪم پي آندا ويا. نت نيم هر روز پوري ستين وڳي شام جو هي جوڏا ٽپال ڳوٿريون ڪلهن ۾ ڪيو جهم جهم نيزو ناز سين لوڏيندا، نٿي واري رستي تي موج مستيءَ ۾ ڊڪندا نظر ايندا هئا. پر ڇا ائين آهي ڪِئن ته هي ساڳيا سپاهي بمبئيءَ توڙي ٽپال نيندا هئا؟ جي ائين ته پوءِ ته ڪئين ڏينهن ٽپال پهچڻ ۾ لڳي ويندا هوندا. مگر ائين اصل ڪين هو. سارو مفاصلو ڪن دمن (Stops) ۾ ورهايل هو ۽ ٻن دمن جي وچ ۾ مفاصلي جو مدار مسافريءَ واري ملڪ تي منحصر هو. ڪراچيءَ ڪان ويندڙ ٽپال ڦهرين ٺٽي، پوءِ گجرات ۾ ڀُڄ شهر ۽ تنهن ڪان پوءِ احمد آباد مؤن ٿي بمبئيءَ پهچندي هئي ۽ ٻن دمن جي وچ ۾ جو پنڌ هوندو هو، سو سهوليت سانگي اَڌ دمن ۾ ورهايل هوندو هو. هر هڪ ڊوڙندڙ جي حد هڪ اڌ دم ڪان وٺي ٻئي اڌ دم توڙي هوندي هئي. هن جو ڪم اهو هو ته هڪ اڌ دم تؤن ٽپال کڻي يڪدم ايندڙ ٻئي اڌ دم تي پهچائي ڏئي، جت هن لاءِ ٻيو ڊوڙندڙ ته پهه تيار هوندو هو. انهيءَ طرح ڳوٿريون سَهنجائيءَ ۽ سهوليت سان ڊوڙندڙن جي هٿ ٽپنديون وڃي پار پهچنديون هيون ۽ ائين چئجي ته اسان جو ڪُهنو ڊاڪ سرشتو هڪ ريلي ريس (Rely Race) هئي ته شڪ ڪونهي. جي ماڻهو ڪراچيءَ مؤن ستين لڳي روانا ٿي ويا، سي سائينءَ سنواريا پنهنجي منزل تي 'ايسباس' ۾ ائين ڏاري پهچي ويندا هئا، جتان ٻيا نوان ڊُڪندڙ ٽپال 'ڊرگ' ڏي نيندا هئا. انهيءَ طرح 13 اڌ دم لنگهندي ٽپال ٻئي ڏينهن 12 وڳي ٺٽي پهچندي هئي. اُتر ڪان آيل ٽپال، بمبئيءَ واسطي ڳوٿرين ۾ وڌي ويندي هئي، جنهن ڪري ڊڪندڙ ٺٽي ڪؤن اڪثر ڪري ڳريون ڳوٿريون نيندا هئا. ٺٽي ڪؤن نڪرڻ بعد "لڪپت" ۾ هڪ ڏينهن لڳندو هو ۽ لڪپت مؤن 'ڀڄ' پهچڻ ۾ پڻ هڪ ڏينهن ۽ اهڙيءَ طرح ستين بجي شام جي ڪراچيءَ مان نڪتل ٽپال پورن نون ڏينهن بعد جوش ۾ ڊُڪندڙ ۽ ڊوليا بمبئيءَ پهچائي ڏيندا هئا.

اسان کي ائين پيو معلوم ٿئي ته ٽپال سرشتو سَهنجو ته هو ئي ڪين. سڄا سارا نوَ ڏينهن ٽپال پهچڻ ۾. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اسين ويهين صديءَ جي نظر سان ڏسي رهيا آهيون، مگر 19 صديءَ ۾ جڏهن هي سرشتو جاري ۽ قائم هو، تن ڏينهين ماڻهن لاءِ هڪ اڻمٽ نعمت ئي هو. مگر تڏهن به ٽپال سرشتو خوف ڪان خالي ڪين هو. ڊپ ته هميشه ئي هوندو هو ۽ سلامتي پڻ اهڙي ڪانه هئي. اڄ جڏهن انجڻ انسان جو ڪم ڏيئي رهي آهي، تڏهن ئي اهڙي سلامتي ڪينهي ته چڱيءَ طرح خيال ۾ آڻي سگهجي ٿو ته اڳي ٽپال پهچڻ ۾ ڪيتري اڻ سلامتي هوندي. کهڙو به اهنج

ڏُڪندڙن کي ڏاهي ۽ روڪي ٿي سگهيو. هوائي تبديل هڪ طرف، رستي جا اهنج ٻئي طرف، چور ۽ ڏاڪو ۽ جانور، سڀ ٽپال پهچڻ جي نا سلامتيءَ جو ڪارڻ ٿي ٿي سگهيا. مثال طور ونجي ته ٺٽي ڪان پُڄ توڙي رستو سنڌونديءَ جي شاخن سان جهنجهيل هوندو هو ۽ ڏُڪندڙن کي ڇهه پَتڻ پار ڪرڻا پوندا هئا ۽ هرهڪ پتڻ تي تڙڪائو ٻيڙين يا ڪاٺ جي سنهن بندڻ جي حوالي ٿيندي هئي ۽ غرق ٿيڻ جو وڏو امڪان هوندو هو. مينهوڳيءَ ۽ ٻوڏ وقت ته تڪليفون ٽِهائين تيز ٿينديون هيون. ٻوڏ ۾ گَسُ، گپ ۾ گم، جنهن ڪري ڏُوڙندڙ وڏو رستو وٺندا هئا. وري لڪپت بعد هو ڪڇ جو رڻ. سڄا سارا پنج ميل پنڌ چِڪڻ ۽ ٻوٽن سان ڇانيل، بلڪل اَهنجي مسافري هئي. تنهنڪري شڪ ناهي ته وقت جا ليکڪ ۽ ڪتاب نويس ڏُڪندڙن جي لباس ۾ آزمودگار انسان پَسندا هئا ۽ ڪين پنهنجِن آکاڻين ۾ نائڪ ۽ پارٽ به ڪڏهن ڪڏهن عطا ڪندا هئا.

بمبئيءَ ۾ ٽپال پهچڻ وقت جو ڇهڇٽو لڳندو هو، سو لقاءُ به ڏسڻ وٽان هو. ڪوليندڙ ڪلارڪ ڳوٿرين ۽ پئڪيٽن ڳولڻ ڪي لڳي ويندا هئا ۽ سڀ ڳوٿريون خالي ڪندا ويندا هئا. ڪلارڪ وري فهرست سان ٽپال پيٽي ٽِڪ مارڪ ڪري رسيدن ڪيڻ ۾ مشغول هوندا هئا ته ڪي ڪلارڪ وري ٽپال کي تڪن ۾ ورهائڻ ۾ ئي ورسيل هوندا هئا. مطلب ته چڱي جهڳ مڳ ۽ مشغولي بمبئي پوسٽ آفيس ۾ ٽپال پهچڻ وقت لڳي ويندي هئي. جڏهن سڀ ڪم تمام ٿي ويندو هو، تڏهن هرڪو ٽپالي پنهنجي تڪ جي ٽپال جي سامهون ٿي ويهندو هو ۽ ٽپال پنهنجي ڳوٿريءَ ۾ نيئي پهچائڻ لاءِ تيار.

اچو ته ڏسون ته ٽپال ڳوٿريءَ ۾ ڪهڙن قسمن جي ٽپال هوندي هئي. ٽپال تي ٽڪليون ته لڳل ئي ڪين هونديون هيون. عجب جي ڳالهه اها ته ٽپال کاتي جي جدا جدا مهرن موجب، ٽپال جدا جدا قسمن جي ليکبي هئي. ٽي قسم هئا: هڪڙا اُهي جن تي لڳل هو "مفت يا سرڪاري خط"، ٻيا اُهي جن تي لڳل هو "پئسا ڏنل" ۽ ٽيان "بيرنگ خط" (Bearing Letters). وڏيڪ تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهه اها ته مفت خطن جي ٿهي ٻين ٿهين ڪان گهٽي، جا سستي هوندي هئي ۽ گهٽو ڪري اڌ ڪان مٿي ٽپاليءَ جي ٽپال مفت ۽ سرڪاري خطن جي هوندي هئي. هنن خطن تي ٽپالين کي ڪجهه به وصولي ڪرڻي ڪانه پوندي هئي. ملٽري، پوليس ۽ ٻيا سڀ سرڪاري آفيسر بنا ڪنهن ڏوڪڙ ڏيڻ جي پنهنجا خط هندوستان ۾ ڪنهن به هنڌ موڪلي ٿي سگهيا. اهڙن خطن وٺڻ لاءِ پوسٽ ماستر کي فقط خاطريءَ طور. ڪنهن بالا يا سڃاتل آفيسر جي صحيءَ جي ضرورت هئي.

اهو روشن هئڻ گهرجي ته اصل ۾ پوسٽ آفيس سرشتو خاص ملٽريءَ لاءِ جاري ڪيو ويو هو، مگر آهستي آهستي خانگي ماڻهن لاءِ اها سهوليت ڪئي ويئي. اصليت کي قائم رکڻ جي خيال ڪان هن وقت پڻ سرڪاري آفيسر مفت ۾ خط موڪلي ٿي سگهيا. سرڪاري آفيسر مفت خطن موڪلڻ جي نعمت جو اڻ لائق ڪم وٺندا هئا. لارڊ ڊلهائوسي صاحب هڪ ڊبنامي سرڪيولر ۾ ظاهر ٿو ڪري ته هڪ دفعي هڪ مستر ٽرنِي، عليڳڙهه جي عملدار جي موت جو پيغام ڪيس ٽن جدا خِطن ۾ ساڳئي ڏينهن مليو. سچ پچ سرڪاري خط هڪ ڀاري اَهنج هئا. هڪ ته ٽپال ڳري ٿيندي هئي، ٻيو ته هي سرڪاري خط جو مفت ويندا هئا ته خانگي خطن تي حصي طور پئسا وڏيڪ ڀرڻا پوندا هئا.

پوسٽ جا نرخ به اڳي چڱا چڙهيل هئا. ڪراچيءَ ڪان بمبئي توڻي لفافي تي (اڌ تولو طور) 5 آنا ۽ ڊبل لفافي لاءِ 10 آنا ڏيڻا پوندا هئا. پوسٽ جا اگهه اهڙا چڙهيل ۽ مهانگا ته نڳي ٿيڻ جو اوس امڪان هو ۽ ٿيندي پڻ هئي. سيٺي ڪان سولو ۽ مشهور نمونو هوندو هو "ڪلبنگ سسٽم (Clubbing System)". ڪو ايجنٽ بمبئيءَ ۾ خط گهرائيندو هو ۽ هڪ تولي تور لفافي لاءِ ڪيس فقط 10 آنا ڏيڻا پوندا هئا. لفافي ۾ اندر سنهن پنن تي 5 جدا ماڻهن ڏي خط لکيل هوندا هئا. هونئن جيڪڏهن اهي جدا پنج ماڻهو خط موڪلين ته هر هڪ کي پنج آنا ڏيڻا پون، پر هي ايجنٽ هرهڪ ڪان 3 آنا وصول ڪندو هو، جنهن ڪري ڪيس پنجين آني جي لاڀڪاري ٿيندي هئي ۽

ڪراچيءَ وارن ڪي به فائدو جيتوڻيڪ محنت پوسٽ وارن جي. هيءَ ٺڳي بلڪل عام هئي، چاڪاڻ ته ٽپال جا اگهه ڇڳا چڙهيل هئا.

مزو ته ٿيندو هو ”بيرنگ“ خطن ۾. اڄ ڪالهه به ڪي خط ٽپال ۾ اچن ٿا، جن تي ٽڪلي لڳل ڪين ٿي ٿئي، جنهنڪري خطن ملندڙ کي ٻيڻا پئسا ڏيڻا پون ٿا. اهڙا خط هينئر ٿورا ٿا نڪرن. اُهي جنهن ڏي موڪليل آهن، سي ونڻ کان انڪار ڪري، واپس ٿا موڪلين. پر اڳي ته گهڻو ڪري ”بيرنگ“ خط سرنامي وارا صاحب واپس ڪندا هئا. ٽپالي، خط اچي ائڊريس ٽيل ماڻهوءَ کي ڏيندو هو. هو ڇڳيءَ طرح لفافي کي ڏسي ٿوري وقت ۾ خط واپس ٽپاليءَ کي ڏيندو هو ته ڪين گهرجي. هو ڇڳيءَ طرح خط تي نظر ڦيرڻ سان ان جو تات پرج سمجهي ويندو هو. جنهن ڪري خط ونڻ جي ضرورت ڪين هئي. توهين پڇندا سو وري ڪئن؟ اهو هيئن سڃاڻندا هئا ته لکندڙ جو ڪهڙو مطلب آهي، جنهنڪري خط واپس ڏيندا هئا. انهيءَ وقت ۾ ڪراچيءَ جي پوسٽ ماسٽر ايڊورڊ ڪافي ليس جو آزمودو هو ته اڌ کان مٿي بيرنگ خط واپس انهيءَ سبب ايندا هئا ته ماڻهو ونڻ کان انڪار ٿا ڪن يا سرنامي وارا ماڻهو ڪين ٿا لهن. هن مان سمجهي سگهجي ٿو ته پوسٽ کي ڪيڏي نه تڪليف ٿيندي هوندي.

جهوني ڊاڪ سرشتي مان سرڪار کي ڪوٽ ئي هوندي هئي. انهيءَ ڳالهه ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ لاهڻ لاءِ فقط روزاني آمدني ۽ خرچ پکي جا انگ اکر ڏسڻ جي ضرورت آهي. ڪٽي ڪن خطن جي وصولي ڪٽي ڊوڙندڙن، ڪلارڪن، پوسٽ ماسترن ۽ ٽپالين جا پگهار. ڪو ڪين چوندو ته ڊاڪ خاني جو خرچ ڪو ٿورو هو. پوسٽ آفيسر کي ڪلارڪن جو وڏو ڊمبلو مقرر ڪرڻو پوندو هو چاڪاڻ ته انهيءَ وقت ٽڪليون ڪين هيون، جي پنهنجو پاڻ لفافي جي تور جو اندازو ڏين. تور تپاسڻ لاءِ خاص ڪلارڪن جي فوج هوندي هئي، جي تور جاچي ۽ خطن جي مسافريءَ جي پنڌ تي منحصر موڪليندڙن کان رقم وٺندا هئا. اجا پوسٽ ماسترن جي پگهارن ۾ ڇڳي ڪفايت ٿيندي هئي. گهڻو ڪري پوسٽ ماستر هوندا هئا.

ملتريءَ ڪاتي جا ماڻهو سو پگهار ته ملتريءَ مان ڪٽڻدا هئا، ڪين پوسٽ مان فقط الائونس ملندو هو. هنن خرچن جي پيٽ ۾ آمدني بلڪل گهٽ هئي. ٽپاليءَ کي ٽپال مان جيڪي وصول ٿيندو هو سو خرچ جي پيٽ ۾ تڇ هو. سرڪاري خطن تي پئسو ڪونه لڳي. بيرنگ تي ڪي ڪجهه ۽ پئسن مليل خطن تي به پوسٽ آفيس گهڻو ڪين ڪمائيندي هئي. هن ڪوٽ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ رولنڊ هل سڌارڪ پنهنجو طريقو پيش ڪيو. هن جو خيال هو ته ٽپال جو نرخ گهٽايو وڃي ۽ ٽڪلي ڪم آندي وڃي. نرخ گهٽائڻ سان، سستائيءَ سبب خطن جو تعداد وڌندو ۽ ٽڪليءَ جي اچڻ سان پوسٽ ۽ عام ماڻهن کي تڪليف گهٽ ۽ سهنج گهڻو ٿيندو هو. لکندڙن کي پوءِ خط ڪنهن مسافر کي ڏبي ۾ وجهڻ لاءِ ڏيڻ ۾ ڪو اُلڪو ڪين ٿيندو جو هاڻ لاپڪاري گهٽي ڪين ٿيندس، ۽ ڪاتي وارن کي به ڪلارڪن جي ڪفايت ٿيندي، جو ٽڪلي تور جو ڪم پنهنجو پاڻ ڪندي. سڌارو ته گهڻو ئي سولو ۽ سهنجو، مگر ماڻهو جو ڪنهن سرشتي تي هري ويا هجن ته اُن ۾ تبديلي سولي نه آڻي سگهبي. انهيءَ سبب رولنڊ هل جو رايو از حد فائدي وارو هو سو جلد ڪتب ڪين اچي سگهيو. اهو سر بارٽل فريئر صاحب جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ سِڌ ڪين ٿي سگهيو. هن صاحب ئي ٽِڪلي ڪم آڻڻ سان ثابت ڪري ڏيکاريو ته هن نئين نموني ۾ ڪيترو نه فائدو آهي، جنهن بعد نئين ڊاڪ سرشتي کي پُشتي ملي، جنهن ڪري پاڻ جهلي ساري ملڪ ۾ ڦهلجي ويو.

## (2)
## سر بارٽل فريئر صاحب جو تجربو ۽ ڪاميابي

سن 1851ع ۾ سنڌ ۾ پوسٽل سرشتي ۾ گهڻي تبديلي آئي. جا جاچڻ وٽان آهي. هر هڪ ضلعي جا مکيه شهر ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر سان ڳنڍيا ويا ۽ ضلعي هيڊ ڪوارٽر وري پاڻ ۾ ڳنڍيا ويا. هي ڊاڪ لائين سنڌوءَ جي ڪپ ڪپ کان هنئي ويئي. هي نيون لائينون سرڪار جي سهوليت ۽ ترت ڪم اُڪلڻ لاءِ کوليون ويون هيون. اڳي جو نه هئي ٽيليفون يا

ٽيليگراف، نہ ريل نہ موٽر. تہ سرڪاري ڪم ۾ البت دير ٿيندي هئي ۽ خلق کي اهنج جو امڪان هو. انهيءَ کي ٽارڻ لاءِ هي ڏاڪ لائينس ٺاهيون ويون، جن ذريعي ساري پرانت (صوبي) کي سهنج ۽ سرڪاري ڪم بہ تمام تڪڙو ٿي سگهيو. سر بارٽل فريئر صاحب جي مرضي ٿي تہ آءٌ سرشتو عام ۽ پاپولر ڪريان ۽ هن اهو ڪم گهڻي ڪوشش سان ڪمرڪشي ڪيو. هُو رولنڊ هل سان شامل راءِ هو. اڳي قاصد ۽ سوار ڪم ايندا هئا ۽ فقط شاهوڪار واڻيا ۽ وڏا مسلمين زميندار ڏاڪ جو فائدو وٺي سگهندا هئا. فريئر صاحب جي مرضي هئي تہ ڏاڪ سرشتو فقط شاهوڪارن جو سَهنجو نہ ٿيڻ گهرجي، مگر ساري عام جو پڻ. انهيءَ مراد سان هن صاحب ٽپال جا نرخ گهٽايا ۽ ٽپال جي پئسن جي اڳواٽ ملڻ جو طريقو ٽڪليءَ جي ذريعي، اختيار ڪيو. ڪراچيءَ جي پوسٽ ماستر مسٽر ايڊورڊ ليس ڪافي جي مدد سان سر بارٽل فريئر صاحب سنڌ جي ڪمشنر "**سنڌ ڊسٽرڪٽ ڏاڪ**" ٽڪليءَ جي ڊزائين ٺاهي ۽ اها هندوستان ۾ پهرين ڏٺل ۽ ڪم آيل ٽڪلي هئي.

نئين ٽڪلي ايراضيءَ ۾ ننڍي هئي، تنهن سبب ڪا اهڙي وڏي معملات نظر نٿي آئي. گول جي سڌي ماپ انچ بہ مس هئي ۽ ڊزائين بہ سنئين سنواٽي ۽ سولي هئي. ٽڪليءَ جي قيمت اڌ آنو هئي. ٽڪليون روينيو ۽ پوليس آفيسرن ۽ ضلعي جي شهرن جي مُکين ۽ چوڌرين وٽ ميسر هونديون هيون ۽ کين هدايت هئي تہ عام ماڻهن کي سهوليت سان ڏين. ماڻهن کي بزارين ۾ اعلان رستي واقف ڪيو ويو تہ خانگي خط سنڌ جي هر ڪنهن پاڳي ۾ نِيا ويندا فقط تڏهن، جڏهن موڪليندڙ مٿن اها نئين ٽڪلي لڳائيندو. آفيسرن کي آرڊر هو تہ هُو خانگي خطن وٺڻ کان

Scinde Dawk



1852 red sealing wafer Scinde Dawk stamp

| | |
|---|---|
| Country of production | Sindh |
| Location of production | Die produced by De La Rue, London |
| Date of production | 1852 |
| Nature of rarity | Very rare |
| Number in existence | Less than 100 |
| Face value | one-half anna |

انڪار نہ ڪن ۽ اهي خط وٺي پنهنجي سرڪاري ٽپال سميت چئن مان ڪنهن بہ هڪ ڊويزنل پوسٽ آفيسر ڏي ڏياري موڪلين، سکر يا شڪارپور، حيدرآباد يا ڪراچي، جيڏانهن خط ويڄڻو هجي.

انهيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ڪين هو تہ فريئر صاحب هن نئين تجربي ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو. سرڪار پنهنجي ڏاڪ سرشتي جو فائدو ماڻهن لاءِ عام ٿي ڪيو ۽ مرضي اهائي هئي تہ ماڻهو انهيءَ سهوليت ۽ سهنج جو پورو پورو فائدو وٺندا. خط موڪلڻ جو طريقو پڻ سولو ٿي هو. موڪليندڙ کي فقط ٽڪلي هٿ ڪري لڳائڻ جي ضرورت هئي ۽ پوءِ اهو خط سرڪاري آفيس ۾ پيش ڪرڻو هوس، جتان سندس خط سرنامي تي پهچڻ لاءِ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبو ٿي نٿي سگهيو. چو تہ خط پهچائڻ جو ڪم سرڪار پاڻ تي هموار ڪيو هو. ٻيو تہ ٽپالي سرشتي ۾ وقت جي ايڪتائي آندي ويئي هئي، جنهن سبب ٽپال پوري وقت تي ايندي ويندي هئي ۽ خط گم ٿيڻ جو امڪان بہ ڪين هو پر پهرئين سال جي رپورٽ سرشتي جي اهڙي سوپ ڪانہ ٿي ڏيکاري، جهڙي خيال ۾ هئي. سڄي ساري سال ۾ ۽ ساري سنڌ ۾ فقط 70 روپين جون ٽڪليون وڪاڻيون. اپر سنڌ ۾ اصل نہ. ڪراچي ضلعي ۾ ڇهن روپين جون ۽ باقي ضلعي حيدرآباد ۾ ڪتيون. هن نتيجي جو ڪارڻ البت جلد سَهي ڪري سگهجي ٿو. سرشتو نئون هو جنهن ڪري ماڻهن جي انهيءَ کي اختيار ڪرڻ جي ڍِل ضرور ٿي. فريئر صاحب جو طريقو ماڻهن جي سهنج لاءِ اختيار ڪيو ويو هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جت اڳ ٽپال هڪ نامعلوم چيز هئي، ميسر ڪئي ويئي. خط موڪلڻ هاڻ سولو ۽ سستو هو. مگر هن سرشتي ۾ "ٽڪلي" هڪ نئون نوع هو جو ماڻهو سمجهي مور نہ ٿي سگهيا ۽ انهيءَ لاءِ فقط وقت ويرم ٿيڻ جي ضرورت هئي. ماڻهن کين ٿي ڄاتو تہ خطن تي ٽڪلي ڇو لڳائجي. ماڻهو ذرا عجب ۾ وائڙا پي ٿيا، جڏهن ٽڪلي لڳل خط سرڪاري آفيسرن بنا ڪنهن رنڊڪ جي ڪاٺئن ورتو ٿي. هونءَ تہ ذري ذري تي دٻ سهٽي پوندي هين. ڇا ائين هو ڪيئن تہ ٽڪلي لڳائڻ سان خط ۾ سرنامي تي جهٽ پهچڻ

جي وصيت پيدا ٿي يا ائين ھو تہ انھيءَ جي مدد سان خط سرڪاري قاصدن ھٿ جلد موڪليو ٿي ويو. سچ پچ تہ سرشتو فائدي وارو ۽ سھنجائتو ھو، مگر عجائب پڻ ھو.

پر ھن سرشتي جي چستيءَ سان ھلڻ ۾ ٻي بہ ھڪ رنڊڪ ھئي. عام ماڻھن جي سھوليت ۽ سمجھ لاءِ فريئر صاحب پوليس ۽ روينيو آفيسرن کي ڪم ۾ آندو ھو. ضلعي جا ڪاردار جي روينيو آفيسر ھئا، تن کي ھي ڪم سونپيل ھو. پنھنجي سرڪاري ڪم کان سواءِ ڪين ھي سدارٿ جو ڪم ڪرڻو ھو تہ ماڻھن کي ھن ٽڪليءَ جي ڄِجا کان واقف ڪن ۽ ڏپ لاھين ۽ ٽڪلين جو وڪرو پڻ سندن مٿان ھو. نئين ڪم ۾ ڪو اھڙو مزو ۽ مؤج ڪين ھئي، جو آفيسر اھو ڪم خوشيءَ سان ڪن. پاڻ ھڪ ڀاري بوجو اڳي مٿن ڪڙڪيو ھو، جو ڪئن بہ ڪٽي وقت نياڻٺو ھو. ڪاردارن کي نہ رڳو ٽڪلين وڪڻڻ جو ڪم ڪرڻو ھو، پر ٽپال ڏين جو ڪم پڻ مٿن ئي ھو. نہ رڳو ايترو، پر ڪين جھونين ٽڪلين جي ناس ڪرڻ جو ڪم پڻ ڪرڻو ھو. ھي ذرا گندو ڪم ھو، جو جھونين ٽڪلين کي خارج ڪرڻ لاءِ ڪنھن سڪي جي ڪنڊ مس ۾ ٻوڙي ٽڪليءَ تي ھڻٽي ھين. پر ڪاردار ھن ڪم مان واندو نٿي ٿي سگھيو. ڳوٺ جي ٽپال آفيسر بہ ڪيس ئي ٿيڻو ھو ۽ انھيءَ حيثيت ۾ ھو ويجھي سينٽرل پوسٽ آفيسر جو زيردست ھو. جيتوڻيڪ ھن ڪم لاءِ آفيسرن جو ڪيسو گرم ٿيندو ئي ھو. ھي ڪم سندن ڪم کان گھڻو علحدو ۽ نرالو ھو ۽ سندن شان وٽان پڻ ڪين ٿي لڳو. انھيءَ سبب اھو خيال ھو تہ عام ماڻھن کي ھي ڪاردار نئين ڏاڪ سرشتي کان چڱيءَ طرح واقف ڪين ڪندا، غلط خيال ڪين ھو. خير، فريئر صاحب ھٿ ۾ ڪم ڪٽي وھڻ وارو مڙس ڪين ھو. عاقبت جي سڌ سڄاڻي ھن پنھنجي ويھن ئي آڱرين جو زور لڳائي اورچائيءَ سان عام ماڻھن ۾ ٽڪليءَ جو واھپو وڌايو. ھن کي انھيءَ خيال ڪين ستايو تہ سنڌي ڄٽ، ٽڪليءَ کي ڇا سمجھندو. ھن جو مقصد اھو ھو تہ ھر ڪو سنڌي سھي سڄاڻي تہ سچ پچ ٽڪليءَ جي طرز سان خط سَھنجا ۽ جلد ٿا پھچن. پوءِ ڀل ھو ائين بہ سمجھي

تہ ٽڪلي ھڪ تصوير آھي، جنھن جي جادوءَ جي تاثير سبب خط جلد ۽ سلامتيءَ سان سرنامي تي پھچن ٿا. ڪم کي سوَلارو ڪرڻ لاءِ ھن صاحب خانگيءَ طرح ٽپال موڪلڻ اصل بند ڪرائي، ۽ ڪاردارن کي سخت اعلان ڪيائين تہ بنا ٽڪلي خط نہ وٺو. ٻن سالن جي عرصي ۾ بارٽل صاحب جي خوش خيالي نيڪ نڪتي. ٽڪلين جو گھڻو انداز ڪتو ۽ ٽڪلي عام طرح بنا شڪ جي ڪم اچڻ لڳي. فريئر صاحب نہ رڳو سنڌين کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ٽڪليءَ ڪري ڏاڪ سرشتو ڪھڙو نہ سھوليت سان ھلي ٿي سگھيو، پر ساري ھندوستان کي ھن ڳالھ کان واقف ڪيو تہ ڪيئن نہ ھو ٽڪليءَ رستي ٽپال سرشتو وڏيڪ سھنجو ڪري سگھيو ھو. ھي جيتوڻيڪ دير سان استعمال ۾ آيل ھو تہ ويل وئي ڪين ھئي. ڪنھن وقت لاءِ ھندوستان ۾ ٽڪلي ڪم نہ آندي وئي، تنھن جو سبب اھو ھو تہ ٻن قسمن جا رايا پيش ڪيا ويا؛ ھڪڙا انھن جا، جي ھلندڙ طريقي جي فائدي ۾ ھئا ۽ ٻيا جي فريئر صاحب واري سرشتي ۾ راضي ھئا. چالو طريقي موجب ٽپال جي نرخ جو مدار خط جي ڏر ۽ مسافريءَ جي مفاصلي تي منحصر ھو، مگر سڌارڪن جو رايو ھو تہ ھي ڦيرايو وڃي، اگھ گھٽايا وڃن ۽ ٽپال چارج ٽڪليءَ رستي ظاھر ٿيڻ گھرجي ۽ انھيءَ ذريعي خط جي تور جي بہ ڪل پئجي سگھي، نہ رڳو ايترو، مگر سندن اھو رايو پڻ ھو تہ ٽپال چارج جو مدار فقط تور تي وٺڻ گھرجي ۽ نہ مسافريءَ جي مفاصلي تي، ايئن پڻ نرخن گھٽائڻ سبب خط گھڻا لکبا، پوسٽ جي ڪمائي وڌندي ۽ پوءِ اڳ ڪوٺ بدران پوسٽ ھاڻ پاڻ سنڀاليندي ۽ سنواريندي ۽ سرڪار کي پڻ ڪجھ ڀاڃي پوندو.

انگلنڊ ۾ 1840ع ۾ پيني (Penny) پوسٽ جاري ڪئي ويئي، جنھن سبب جلد ثابت ٿيو تہ ٽپال جي اگھن گھٽائڻ جو نتيجو سرڪار لاءِ بلڪل فائدي وارو ھو. پر ھندوستان ۾ جھوني سرشتي وارن کي ھڪ سبب پنھنجي فائدي ۾ سُجھي آيو، جو صاحبلوڪ ھميشه ڏيندا آھن. چوڻ لڳا تہ بيشڪ انگلنڊ ۾ ھي سرشتو ڪامياب ٿيو، مگر ھندوستان ۾ ڪين ٿيندو. خود

ڪراچيءَ ۾ پوسٽ ماستر جو اهڙو رايو هو. مگر فريئر صاحب جي تجربي هن سبب تي پاڻي ڦيري وڌو. جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو ته هندوستان ۾ به هي سرشتو هلي سگهندو ۽ فائدي وارو آهي.

1854ع ۾ نيو پوسٽ آفيس ائڪٽ پاس ٿيو ۽ ساري ڪمپنيءَ جي حد لاءِ ساڳي ٽڪلي اختيار ڪئي ويئي. ٽڪلي سرشتو ڪامياب ٿيو ۽ سنڌي تجربو ئي انهيءَ جو ڪارڻ هو. جلد ئي سنڌ ڊاڪ سٽئمپ بند ڪئي ويئي ۽ هندوستان ۾ ٽڪلي سرشتي جي سهاڳ جو نالو دنيا جي پٽيءَ تان هر وقت لاءِ ميسارجي ويو. پر تاريخ جا شائق اهڙين ڳُهنين ڪهاڻين کي ياد ڪرڻ ئي پنهنجو شان سمجهندا آهن. جنهن ڪري هند جي سڏاري ۾ سنڌ جو هٿ هر دم نه وساريو ويو آهي.

(هي ليک ڊاڪٽر ڊيوئارٽ جي انگريزي ليک تان ورتل آهي.)


# SINDHI BOLI

*Research Journal*

***Vol: 5, issue 3rd , July- September 2012***

Chief Editor

**Dr. Fahmida Hussain**

Editor

**Taj Joyo**

Sindhi Language Authority,

Hyderabad, Sindh

## Editorial Board

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Noorul Huda Shah

ISSN: 968_8194_01_0

# SINDHI BOLI

Research Journal

| | |
|---|---|
| **Chief Editor**: | Dr. Fahmida Hussain |
| **Editor**: | Taj Joyo |
| **Composing:** | Hussain Ahmed Memon |
| **Graphics:** | Assadullah Bhutto |
| **Vol**: | 5th |
| **Issue**: | 3rd |
| **Year**: | July- September 2012 |
| **Quantity**: | 1000 |
| **Price**: | Rs. 70/= |
| **Published by**: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| **Tel**: | 022-9240050-53 |
| **Fax**: | 022-9240051 |
| **E-mail**: | sindhila@yahoo.com |
| **Website**: | www.sindhila.org |
| **Printed by**: | Pakiza Printers, Hyderabad. |